
ادب ۽ انتهاپسندي
Literature & Extremism
(مضمون)
عباس ڪوريجو

ادب ۽ انتهاپسندي

(تحقيقي، تنقيدي ۽ معلوماتي مضمون)

عباس ڪوريجو

ڪنول

پبليڪيشن 2022ع

ڊجيٽل ايڊيشن

2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

BOOK NO: (333)

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: **ادب ۽ انتهاپسندي**

ليکڪ: **عباس ڪوريجو**

موضوع: (مضمون)

ڇهريون ڇاپو، سال: جنوري 2022ع

ڪمپوزنگ ۽ ٽائيٽل: عباس ڪوريجو

ڇپيندڙ: ڪنول پبليڪيشن

ڪنول پبليڪيشن/ پرنٽر & بڪ شاپ، سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو_ حيدرآباد.

: 0333-7523132

saeedsoomro44@gmail.com

قيمت: 200 روپيه

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

Adab Aen Intehapasandi
(Articles)
BY: Dr: Abbas Korejo
Edition: 1st Jan 2022
Published by: Kanwal Publication

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

ڪنول پبليڪيشن& بڪ شاپ، سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو_ حيدرآباد.
سمبارا ڪتاب گهر، حيدرآباد. ٻٽائي بڪ اسٽور، حيدرآباد _ ڪويتا ڪتاب گهر، حيدرآباد –
رومي ڪتاب گهر، گدو چونڪ حيدرآباد _دانيال ڪتاب گهر، قاسم آباد. حيدرآباد
نئون نياپو ڪتاب گهر، سچل ڳوٺ ڪراچي. _ مرڪ پبليڪيشن هائوس، صدر ڪراچي _
ڪاٺيواڙ بڪ شاپ، اردو بزار ڪراچي
سنڌيڪا بڪ شاپ، لاڙڪاڻو _ رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو. المهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ _
سليمان برادرس، نواب شاه _ مدني بڪ اسٽور، دادو_ سنڌيڪا ڪتاب گهر _ سارنگ ڪتاب گهر، سکر
ٿر ڪتاب گهر، مٺي_ سنڌ بڪ اسٽور پڪا چانگ _ سراج بڪ اسٽور، قنبر

ارپنا

پنهنجي نالي

سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گھر پاران عباس ڪوريجي جي لکيل مضمونن جو ڪتاب ” ادب ۽ انتهاپسندي“ اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو.

هي ڪتاب تحقيقي، تنقيدي ۽ معلوماتي مضمونن تي ٻڌل آهي. عباس جي لکڻ جو انداز پلو هوندو آهي. هو گھٽي ڏيگهه بجاءِ معلومات، تفريح ۽ ڪم جي ڳالھ تي وڃي پهچندو آهي. ڪتاب جو شروعاتي مضمون ٿي دبئيءَ بابت آهي، جنهن جو موضوع آهي" دبئي: جتي خيال وڪامن ۽ خواب اگھامن ٿا". هڪ زبردست معلوماتي ۽ تجزياتي مضمون آهي. سندس ڪتاب ۾ وائيءَ بابت هڪ اهم مضمون "وائي: ڪلاسيڪيت کان جديديت تائين" پڻ شامل آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي عوامي شاعر ڪشنچند تيرٿداس " بيوس" ڪتري بابت مضمون "جديد سنڌي شاعريءَ جو وليم ورڊس ورٿ" پڻ شامل آهي. هن دور جي اهم عنوان بابت شامل مضمون "ادب ۽ انتهاپسندي" پڻ پڙهڻ وٽان آهي، جنهن ۾ انتهاپسندي جي مختلف قسمن سان گڏ اديب جي ڪردار ۽ انتهاپسندي جي جمود کي ٽوڙڻ ۾ ادب جي ڪردار تي لکيو آهي.

هي ڪتاب 2022ع ۾ ڪنول پبليڪيشن، قنبر پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون ڪنول پبليڪيشن ۽ عباس ڪوريجي جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سناءُ

- دبئي: جتي خيال وڪامن ۽ خواب اگهامن ٿا 07
- وائي: ڪلاسيڪيت کان جديديت تائين 28
- جديد سنڌي شاعريءَ جو وليم ورڊس ورٿ 40
- عقل نندڙو ٻار 50
- اچو ته سنڌي ڪمپيوٽنگ جا سهڪاري بڻجون! 57
- 28 ڊسمبر جا شهيد ڪتاب 62
- ابيات سنڌي جي ترتيب ۽ تاليف 65
- مرڪ، ڪائنات ۽ سنڌ 69
- اونداهين جو انڪاري شاعر 72
- دنيا کاڌڻين تي قائم آهي 83
- سوشل ميڊيا ۽ اسان جي تعليم 90
- ادب ۽ انتهاپسندي 94
- پي ايڇ ڊيءَ جو موضوع بڻجي ويل الطاف شيخ 107
- خطري هيٺ آيل ٻوليون ۽ سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو 110
- ڪلچر يا ثقافت جو مثبت استعمال 119

دبئي: جتي خيال وڪامن ۽ خواب اگهامن ٿا

ڪيترن ئي ملڪن، ماڻهن، آفيسرن، ٻولين وغيره سان ائين ٿيندو آهي جو انهن ڪان وڏيڪ سندن ماتحتن ڪي وڏيڪ مقبوليت ملي ويندي آهي، هتي ٻہ اسين هڪ اهڙي ملڪ جي ڳالھ ڪرڻ وجي رهيا آهيون، جيڪو ايترو مقبول ناهي جيترو ان جي رياست، جي بلڪل اسين ڳالهايون پيا گڏيل عرب رياستن United Arab Emirates جي باري ۾ جنهن کي متحده عرب امارات جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي.

دبئي ڪنهن ملڪ جو نالو ناهي پر گڏيل عرب رياستن (UAE) جي ستن رياستن منجهان هڪ رياست آهي. جيڪا مقبوليت ۾ پنهنجي ملڪ کان وڏيڪ هجڻ جي ڪري وڏيڪ اهميت رکي ٿي. ان سڄي بناوت کي سمجهڻ واسطي پهرين هن ملڪ بابت سمجهنداسين.

متحده عرب امارات :(United Arab Emirates) کي اسين سنڌيءَ ۾ گڏيل عرب رياستون سڏي سگهون ٿا، هي ملڪ 2 ڊسمبر 1971ع تي هتان جي ٻن شيخ حڪمرانن شيخ زيد بن سلطان الناهيان ابوظهبيءَ واري ۽ شيخ راشد بن سعيد ال مڪتوم دبئيءَ واري جي ڪوشش سان وجود ۾ آيو. جنهن کي هتان جا رهائشي يوم الاتحاد ڪري ملهائيندا آهن، ان کان پهرين هتي هڪ معاهدي تحت برطانوي راڄ هيو، برطانوي حڪومت پاران هنن رياستن کي Trucial States يا Pirate Coast پڻ سڏيو هيو، ڇو تہ هتان جي ڪجھ قذاق قبيلن برطانوي بحري جهازن مان ڦرلٽ پئي ڪئي. ملڪ جي پراڻي تاريخ ۾ نتا گهڙيون بس ايترو تہ سمنڊ ۽ صحرا جي سنگم تي واقع هن ملڪ جي شروعاتي آبادي جو ذريع معاش مڇي پڪڙڻ ئي هيو. هتان جي سمنڊ مان موتي پڻ لڌا ويندا هئا .

1960ع ڌاري هتي جي ابوظهبي رياست ۾ تيل لڌو ويو، جيڪو هڪ معاهدي تحت برطانيا آمريڪا کي وڪرو ڪيو پئي، 1966ع تائين برطانيا جي اندروني معاملن ۽ آمريڪي معاهدي جي ڪمزورين جي ڪري انهن کي

هنن رياستن مٿان پنهنجو قبضو ڏرو ڪرڻو پيو، نتيجي ۾ 1966ع ۾ شيخ زايد بن سلطان ابوظهبيءَ جو بادشاهه مقرر ٿيو، جيڪو 2 نومبر 2004ع تائين مرڻ گهڙيءَ تائين ابوظهبي جو حڪمران ۽ ملڪ جو صدر رهيو.

هن ملڪ ۾ ست رياستون شامل آهن، جن ۾ ابوظهبي Abu Dhabi ، دبئي Dubai ، شارجہ Sharjah، عجمان Ajman ، ام ال قوئين Umm Al Quwain، فجيره Fujairah۽ راس الخيمہ Ras Al Khaimah شامل آهن. شيخ زيد بن سلطان کي قوم جو ابو سڏيو ويندو آهي جيڪو ملڪ جو پهريون صدر پڻ هيو. ملڪ جو گاديءَ وارو هنڌ ابوظهبي آهي، ملڪ جي سرڪاري ٻولي عربي آهي، آفيسن ۾ انگريزي ۽ مارڪيٽ ۾ هندي/ اردو ڳالهائي ويندي آهي. هتان جي ڪرنسي کي درهم ۽ سڪي کي فلس سڏيو ويندو آهي جنهن کي لکت ۾ AED لکيو ويندو آهي. هن وقت جنوري 2022ع ۾ هڪ درهم پاڪستاني روپئي جي حساب سان 49 پاڪستاني روپين جي برابر آهي. هتي لباس ۾ مرد اڇو جبو (قندورو) پهرين ٿا ۽ مايون ڪاري لباس (ابايا) ۾ هونديون آهن. ملڪ جي قومي تراني کي ”عيشي بلادي“ سڏيو وڃي ٿو. ملڪ جي جهنڊي ۾ چار رنگ آهن، جن ۾ اڇو، ڪارو، سائو ۽ ڳاڙهو شامل آهن.

هن ملڪ جي ڪل ايريا 83600 اسڪوائر ڪلوميٽر آهي، زميني سرحدون سلطنتِ عمان ۽ سعودي عرب سان ملن ٿيون جڏهن تہ سامونڊي حدون قطر، ايران ۽ ٻين ايشيائي ملڪن سان جڙن ٿيون.

هن ملڪ جي ڪل آبادي 2019ع جي انگن اکرن موجب لڳ ڀڳ 96 لک آهي، جنهن ۾ 42 لک آبادي رڳو دبئي رياست ۾ آهي. گڏيل عرب رياستن جي ستني رياستن مان سڀ کان وڏيڪ آدمشماري دبئيءَ جي آهي، دبئي، ملڪ جي ٽوٽل آدمشماريءَ جو 42.8 سيڪڙو آهي باقي ايريا جي لحاظ کان ابوظهبي وڏي آهي جيڪا 67340 اسڪوائر ڪلوميٽر تي مشتمل آهي.

مزي جي ڳالهہ اها آهي تہ هتان جا مقامي ماڻهو هتان جي آباديءَ جو ڪل 11.6 سيڪڙو آهن باقي سڀ ٻاهرين دنيا جا ماڻهو آهن جن ۾ 38.2

سيڪڙو انڊين نيشنل آهن، 27.4 سيڪڙو پاڪستاني، 12.5 سيڪڙو بنگلاديشي ۽ باقي ٻيون قومون آهن.

هن وقت گڏيل عرب رياستن جو صدر خليفہ بن زيد النا هيان (ابوظهبيءَ وارو) ۽ وزير اعظم محمد بن راشد ال مڪتوم (دبئيءَ وارو) آهن.

هاڻي اچئون ٿا دبئي جي پاسي، جيڪا دبئي پاڻ ڪي اڄ نظر اچي رهي آهي اها 1995ع کان 2015ع تائين جي ويهن سالن جي عرصي ۾ سامهون آئي آهي، شروعاتي دبئي خليج الفارس سمنڊ ڪناري تي آباد مهاڻن جو هڪڙو ڳوٺ هئي، جنهن ڪي 1883ع ۾ مڪتوم خاندان پنهنجي حڪمرانيءَ هيٺ آندو، ٻهرين حصي ۾ ذڪر ڪري آيا آهيون تہ مڪتوم خاندان جي شيخ راشد بن سعيد ال مڪتوم جو پڻ گڏيل عرب رياستون فيڊريشن ٺاهڻ ۾ وڏو هٿ هيو، جيڪو 1990ع ۾ فوت ٿي ويو جنهن کان پوءِ واڳون سندس پٽ مڪتوم بن راشد سنڀاليون، جيڪو 2004ع ۾ فوت ٿي ويو ۽ پوءِ رياست جون واڳون موجوده حڪمران شيخ محمد بن راشد ال مڪتوم سنڀاليون آهن. سيءِ کان ٻهرين موجوده حڪمران بابت مختصر نموني سمجهون ٿا .

شيخ محمد بن راشد ال مڪتوم:

جيئن تہ دنيا جي هر علم ۽ ڏاهپ جو سرچشمو يونان کي سمجهيو ويندو آهي ۽ يوناني ڏاهن سقراط، افلاطون ۽ ارسطوءَ جي راين ۽ خيالن کي هر علم جي سرچشمي طور يا حوالي طور ورتو ويندو آهي. ائين ئي يوناني ڏاهي افلاطون هڪ ڪتاب ”عوامي راڄ (Republic)“ لکيو هيو جنهن ۾ هڪ مثالي حڪومت جو نقشو سامهون رکي، انصاف جو عملي خاڪو پيش ڪيو هو. هن ئي ڪتاب ۾ هن شاعرن کي پنهنجي مثالي رياست مان نيڪالي ڏيڻ جي ڳالهہ ڪئي، سندس خيال موجب شاعرن تي الهام ٿئي ٿو هو تڏهن شاعري لکي سگهن ٿا، جڏهن اهي الهام واري ڪيفيت ۾ هوندا آهن تہ اهي هن عام دنيا کان ڪٽيل رهن ٿا، تنهن ڪري ڪين گلن جا هار پارائي عملي رياست مان نيڪالي ڏني وڃي. بلڪل ان جي ابتڙ يوناني ڏاهي جي ان فلسفي کي غلط ثابت ڪندي دبئي جي موجوده حڪمران نہ فقط شاعريءَ ۾ پاڻ مڃايو آهي پر

تاريخي حڪمراني ڪري ڏيکاري آهي، جي ها... هن وقت جي دبئي جو بادشاه هڪ شاعر آهي، جنهن جي شاعري جا ڪتاب پڻ ڇپيل آهن، هو نه فقط شاعر آهي پر سٺو نثر نويس پڻ آهي. سندس شايع ٿيل ڪتابن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

1. 40 poems of Desert
2. My Story
3. My vision: challenges in race for excellence
4. Flashes of thought
5. Flashes of verse
6. Reflections on happiness & positivity

شيخ محمد بن راشد ال مڪتوم گڏيل عرب رياستن جو نائب صدر ۽ وزير اعظم آهي ۽ ساڳي وقت دبئيءَ جو حڪمران پڻ. سندس تعارف حڪمران، شاعر ۽ گهوڙن جي ريس جو Tycoon وارو آهي.

شيخ محمد بن راشد 15 جولائي 1949ع تي دبئي ۾ پيدا ٿيو، هن پنج شاديون ڪيون آهن، جن ۾ پهرين شادي سندس سوٽِ سان ٿي جنهن مان ڪيس حمدان بن محمد ال مڪتوم پٽ آهي جيڪو دبئيءَ جو ڪرائون پرنس آهي. سندس ٻيون زالون حيا بنت حسين اردن جي شاهي خاندان مان آهي ۽ ٽئين يونان مان زوئي گرگوراڪوس نالي اٿس.

شيخ محمد بن راشد جي ذاتي ملڪيت ۾ Godolphin نالي گهوڙن جو تنبيلو پڻ آهي، هتي دبئي ۾ دبئي ورلڊ ڪپ نالي گهوڙن جي ريس هر سال ٿيندي آهي، جيڪا پوري دنيا ۾ مشهور آهي.

شيخ محمد جي ذاتي ويب سائيٽ

www..sheikhmohammed..ae تي سندس ڪتاب ۽ شاعري موجود آهي.

شيخ حمدان بن محمد ال مڪتوم:

شيخ حمدان بن محمد ال مڪتوم دبئي جو مستقبل ۽ ڪرائون پرنس آهي. هي شيخ محمد بن راشد جي پهرين گهرواري مان آهي، هو خاندان توڙي عوام ۾ "فزاع "FAZZA جي نالي سان مشهور آهي، جنهن جي معنيٰ آهي

مددگار. شيخ حمدان 14 نومبر 1982ع تي ڄائو. هو هن وقت ڪيترن ئي ادارن جو سنڀاليندڙ آهي، سوشل ميڊيا خاص ڪري انسٽاگرام تي تمام گهڻو ايڪٽو آهي ۽ هن جي مقبوليت جو اندازو ان مان لڳايو جو رڳو انسٽاگرام تي 10 ملين فالوور اٿس. هڪ ئي وقت راندين، ريس ۽ حڪمراني سندس مشغلا آهن. سوشل ميڊيا تي سندس مشغولين جون تصويرون مقبول آهن. شيخ حمدان پڻ شاعر آهي ۽ پنهنجي شاعري فزاع جي نالي سان ڇپرائي ٿو. هو نوجوانن سان گڏجي هر قسم جي ايٿليٽڪ سرگرمين ۾ حصو وٺي ٿو.

دبئي جنهن کي هتي سرڪاري طور ”دبي“ لکيو ويندو آهي، ملڪ جي ٻئي وڏي رياست آهي، جنهن جي اربن ايريا 3885 اسڪوائر ڪلوميٽر آهي، جڏهن ته شهر 35 اسڪوائر ڪلوميٽرن ۾ آهي. شهر کي وڌائڻ لاءِ هنن سمنڊ کي لٽي هٽراڏو ڀيٽ، واٽر فرنٽ مارڪيٽون ۽ تيPalm (ڪجيءَ جي شڪل وارا پراجيڪٽ) پام ديرا، پام جميره ۽ پام جبل علي ٺاهيا آهن. دبئي رياست کي ڏکڻ ۾ ابوظهبي رياست، اتر اوڀر واري ڪنڊ واري پاسي شارجه رياست ۽ اوڀر ڏکڻ ڪنڊ تي سلطنتِ عمان اٿس. دبئيءَ جو هڪ ٻيو ٽڪرو جيڪو حتا جي نالي سان آهي، جتي ڊيم پڻ ٺهيل آهي، ان جون سرحدون سلطنتِ عمان، عجمان رياست ۽ راس الخيمه رياست سان ملن ٿيون. دبئي 4114 اسڪوائر ڪلوميٽرن تي ٻڌل آهي، دبئي کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو هڪ پراڻي دبئي ۽ ٻيو نئين دبئي. پراڻي دبئي سمنڊ جي ڪناري آباد بر دبئي، ديره، سطوي، ڪراما ۽ ٻيا علائقا شامل آهن جڏهن ته نئين دبئي جي علائقن جا نالا بزنس بي، جميره وليج سرڪل، جميره ليڪس ٽاورز، بزنس بي، جميره ٽرائينگل، ڊائون ٽائون دبئي، البرشا، جي بي آر، رم رام، دبئي انويسٽمينٽ پارڪ، ڊسڪوري گارڊن، دبئي انٽرنيشنل سٽي، الورقا، مدن ۽ ٻيا ايريا شامل آهن.

دبئي ۾ هڪ وسيع پلاننگ تحت هر فيلڊ لاءِ الڳ الڳ سٽي پراجيڪٽ ٺاهيا ويا آهن، جيئن ٽي وي چئنلن ۽ ٻين واسطيدار ادارن لاءِ دبئي ميڊيا سٽي، راندين لاءِ دبئي اسپورٽس سٽي (جتي دبئي جو انٽرنيشل ڪرڪيٽ

گرائونڊ پڻ آهي)، ڪاليجن ۽ يونيورسٽيز لاءِ دبئي اڪيڊمڪ سٽي (اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيز ٻين علائقن ۾ پڻ آهن) اسڪولنگ يا ٽريننگ وارن ادارن لاءِ دبئي ناليج وليج، صحت وارن ادارن لاءِ دبئي هيلٿ ڪيئر سٽي جهڙا انيڪ پراجيڪٽ آهن.

دبئي جي ٽوٽل آباديءَ 3355900 مان فقط 263450 هتان جا لوڪل رهواسي آهن، باقي سڀ ٻاهريان آهن، جن ۾ گهڻائي ايشيائي ماڻهن جي آهي. انڊيا، پاڪستان، ايران، بنگلاديش، فلپين، چائنا، مصر ۽ ٻيا عرب ملڪ شامل آهن. دبئي ۾ 200 ملڪن جا ماڻهو رهائشي ويزا تي ترسيل آهن ۽ ڪاروبار يا نوڪري ڪن ٿا .

دبئي خليجي رياستن توڙي ملڪن ۾ سيڪيولر ترين رياست آهي، اسلامي بنياد هجڻ باوجود ٻين مذهبن لاءِ دريا دل رهي آهي، عيد، هولي ۽ ايسٽر عوامي سطح تي هڪ جيتري اهميت سان ملهايا ويندا آهن. ڪٿي بہ فرقيواريت يا مذهبي جنونيت نظر نہ ايندي آهي. رياست اندر، مسجدون، مندر، چرچ، گردوارا توڙي امام بارگاهون پڻ موجود آهن نہفقط ايترو پر هتي شراب پيئڻ جي اجازت پڻ ڏنل آهي، حلال توڙي حرام کاڌا مارڪيٽن ۾ موجود آهن. هتي اوهان هر اهو ڪم گهر ۾ ويهي ڪري سگهو ٿا، جيڪو اوهان جي ذات تائين محدود هجي ۽ رياست جي قانون جي خلاف نہ هجي.

آخر اهڙو ڇا آهي دبئي ۾.....؟؟؟

جي ها، ڪجهہ تہ آهي جو هن رڻ پٽ جي جسم تان ڪل لاهيندڙ گرميءَ ۾ بہ دنيا هتي موجود آهي. ايشيا، آفريڪا، يورپ توڙي آمريڪا سيئي تہ هتي موجود آهن. دبئي فقط ايتري وڏي آهي جو اوهان پنهنجي گاڏيءَ تي شارجہ رياست مان نڪرو ۽ دبئي کي لتاڙي ابوظهبيءَ جي حدن ۾ داخل ٿيو تہ مشڪل سان هڪ ڪلاڪ لڳندو.

اچو تہ هڪ نظر دبئيءَ جي انفراديت تي وجهئون ٿا .

اهو پڻ ورلڊ رڪارڊ آهي تہ دبئي وٽ گهٽي مان گهٽا ورلڊ رڪارڊ آهن. دبئي وٽ لڳ ڀڳ 300 ورلڊ رڪارڊ آهن. هتان جو موجوده حڪمران شيخ محمد بن راشد جيڪو وزنري ليڊر آهي، ان جو هڪڙو ئي اصول آهي تہ Either the only one or the number one. جيڪو ڪجھ ڪرڻو آهي ان ئي اصول تي ڪرڻو آهي. ان جا ڪجھ مثال هيٺ ڏجن ٿا.

1. دنيا جي وڏي ۾ وڏي بلڊنگ "برج خليفہ" دبئي ۾ آهي جيڪا 160 ماڙ ڪان وڏيڪ آهي، جيڪا 828 ميٽر اونچي آهي.

2. دنيا جي وڏي ۾ وڏي رهائشي بلڊنگ "پرنسيس ٽاور" دبئي ۾ آهي جيڪا 414 ميٽر ڊگهي ۽ 107 ماڙ آهي.

3. برج العرب دنيا جو پهريون 7 اسٽار هوٽل طور دعويٰ ڪيو ويو، برج العرب سمنڊ اندر ٺاهيل دنيا جو مهانگو هوٽل آهي جنهن وٽ ڪيترائي ورلڊ رڪارڊ پڻ رهيا آهن، جيئن دنيا جو ڊگهي ۾ ڊگهو هوٽل، دنيا جو مهانگو ڪاڪٽيل، ڊگهي ۾ ڊگهو صحن ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

4. دنيا جيپهرين 3D پرنٽ ٿيل ڪمرشل بلڊنگ دبئي ۾ آهي.

5. دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاپنگ مال "دبئي مال" دبئي ۾ آهي.

6. دنيا جو وڏي ۾ وڏو هترادو ڦوهارو "دبئي فائونٽين" دبئي ۾ آهي.

7. دنيا جو وڏي ۾ وڏو قدرتي گلن جو باغ "مئريڪل گارڊن" دبئي ۾ آهي.

8. دنيا جو وڏي ۾ وڏو اندور ٿيم پارڪ "IMG world of Adventures" دبئي ۾ آهي.

9. دنيا جو وڏي ۾ وڏو هترادو ٻيٽ "The Palm Jumairah" دبئي ۾ آهي.

10. دنيا جو وڏي ۾ وڏو ٽاور "دبئي ڪريڪ ٽاور" دبئي ۾ ٺهي رهيو آهي جيڪو پڻ 828 ميٽر ڊگهو هوندو.

11. دبئي گهڻين وڏين آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ عمارتن جو شهر آهي، جيڪي 300 ميٽر يا ان کان به وڏيڪ آهن، جنهن جو پڻ ورلڊ رڪارڊ مليل اٿس.

12. دبئي ۾ دنيا جي وڏي ۾ وڏي فريم جي شڪل ۾ بلڊنگ تيار ٿيل آهي، جنهن کي دبئي فريم جي نالي سان ڇاتو وڃي ٿو.

13. دنيا جون مهانگيون ۽ تيز ترين ڪارون هتي جي پوليس استعمال ڪندي آهي، دبئي پوليس سمارٽ پوليس اسٽيشن ٺاهي ڇڏيون آهن، جتي موجود مشينن ۾ اوهان پنهنجا ڏنڊ ادا ڪري سگهو ٿا، ڪو پوليس ڪيس ڪري سگهو ٿا يا ڪنهن ڪيس بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهو ٿا .

14. برج خليفہ فقط دنيا جي وڏي ۾ وڏي بلڊنگ جو ايوارڊ رکندڙ ناهي پر برج خليفہ وٽ ڏهن کان وڌيڪ ٻيا به ايوارڊ آهن، جن ۾ ڌرتيءَ تي اوچي ترين بلڊنگ، اوچي ترين لفٽ، اوچو رهائشي اپارٽمينٽ، اوچو لائوج، اوچو لائيٽ ۽ آواز جو شو، اوچو فائر ورڪ ۽ ٻيا شامل آهن.

15. دبئي ۾ ٻيا به ڪيترائي ورلڊ رڪارڊ جوڙيا ويا آهن، جن ۾ وڏي ۾ وڏو چانهه جو ڪوپ، وڏي ۾ وڏو Jigsaw Puzzle، وڏي ۾ وڏي سونوهار، وڏي ۾ وڏي ٽئڪسي پريڊ، اوچي ۾ اوچو ٽينس گرائونڊ، چاڪليٽ مان ٺاهيل تصوير وغيره شامل آهن.

دبئي لاءِ چيو ويندو آهي ته گرمين ۾ دبئي جو ڏينهن دشمن به نه ڏسي، دبئي جي رات سڄڻ سان گڏ هجي. دبئيءَ جون اڪثر رونقون رات جون ئي آهن. ڪيترائي ريسٽورانٽ ۽ سپر مارڪيٽون 24 ڪلاڪ کليل هوندا آهن جڏهن ته ڪجهه شاپنگ مال رات جو هڪ يا ٻين وڳي بند ٿي ويندا آهن. سئنمائون رات جو ٽين وڳي بند ٿي ويندديون آهن جڏهن ته دبئي جي شيخ زايد روڊ تي 24 ڪلاڪ ئي ٽرئفڪ رهندي آهي. دبئي لاءِ چيو ويندو آهي ته هي اهو شهر آهي جيڪو سمهندو ناهي.

دبئي جون راتيون ايتريون حسين آهن، جنهن جو تصور ئي الائي ڇا آهي. جيئن ئي رات پنهنجي ڪاري چادر وڇائي ٿي ته دبئي جا بلب جاڳي پون

تا ۽ اهي جاڳائي وجهن تا دبئيءَ جي رونقن کي. دبئي ۾ 544 هوٽلون آهن ۽ انهن ۾ هڪ لک کان وڌيڪ ڪمرا موجود آهن، جن کي 2020 جي آخر تائين هڪ لک سٺ هزار تائين وڌايو ويو آهي. اڪثر ڪري دبئي جي هر هوٽل ۾ هڪ کان وڌيڪ نائيٽ ڪلب آهن، جيڪي الڳ الڳ قومن جي لاءِ آهن ۽ ڪيترائي سيني جي لاءِ پڻ آهن، جتي رات جي وقت ڊانس، شراب توڙي شباب جون محفلون لڳنديون آهن.

دبئي جي شام ٿيندي ئي ماڻهو آفيسن مان گهرن ڏانهن نڪرندا آهن، ان وقت روڊن تي تمام گهڻي رش ٿي ويندي آهي، خاص ڪري اهي روڊ جيڪي شارجہ رياست ڏانهن ويندا آهن. ڇو تہ رهائش جي لحاظ کان شارجہ دبئي جي ڀيٽ ۾ اڌ و اڌ سستي آهي.

دبئي جي شام جو منظر ڊزرٽ سفاري تي ڏسي سگهجي ٿو، جتي واريءَ جي دڙن تي بيهي سج کي لهندي ڏسي سگهجي ٿو، ٿوري اونداهہ ٿيندي ئي واريءَ جي انهن دڙن جي وچ ۾ هتراڏو ٺاهيل گول ميدان موجود آهن، جتي عربي ڪلچرل ڊانس "Belly Dance" ۽ باهہ سان ڪيڏڻ جا شو ڏيکاري دل وندرائي ويندي آهي.

دبئي جي شام جو منظر سمنڊ ڪناري بيهي لهندڙ سج کي پاڻيءَ ۾ پنهنجي روشني جذب ڪندي ڏسي سگهجي ٿو، جنهن پاڻيءَ ۾ سوين اڇا توڙي ڪارا ماڻهو بنا ڪنهن جنسي يا قومي مت ڀيد جي وهنجندي ڏسي سگهجن ٿا.

دبئي جي شام جو منظر آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ بلڊنگن جي ڪنهن مٿئين فلور تان هيٺ روڊ تي هلندڙ ڪولين جيترين گاڏين کي ڏسندي دل کي ليائي سگهي ٿو.

دبئي جي هر رات هتان جون مختلف بلڊنگون فائر ورڪ يا ٻين روشنين سان گهمندڙن کي تفريح ڏينديون آهن، برج خليفہ جو هڪ پاسو جنهن تي وڊيو جي صورت ۾ تصوير ۽ آواز سان هر اڌ ڪلاڪ کان پوءِ موقعي جي مناسبت سان ڪجھ نہ ڪجھ ڏيکاريو ويندو آهي، برج خليفہ وٽ خاص ڪري

نئين سال جي آمد وقت ماڻهن جي پيهه لڳل هوندي آهي. ايتري تائين جو اگر سُئي اڇلايو تہ فرش تائين پهچندي وقت لڳي ويندس. برج خليفہ جي هيٺان موسيقيءَ تي ناچ ڪندڙ هتراڊو پاڻيءَ جو فائونٽين دل وندرائيندي ملندو، دبئي مال جي اندر وڏو مڇيءَ جو اڪائرم، هتراڊو آبشار ۽ گهڻو ڪجهہ موجود هوندو آهي.

دبئي جي رات جڏهن پنهنجا پر پکيڙيندي آهي تہ شهر جي ڳتيل آباديءَ وارن حصن ۾ سڄي دنيا جو حسن پنهنجا جلوه ڏيکارڻ لاءِ نڪري پوندو آهي، اڪثر جڳهين تي سوڙهين گهٽين ۾ جسم فروشي ڪندڙ حسينائون اشارا ڪندي ملنديون تہ پياڪ ۽ ڊانس جا شوقين مجرن جي محفلن ۽ نائيٽ ڪلبن جو رخ ڪندا آهن. جڏهن رات جو عروج ٽٽندو آهي تہ مستيءَ ۾ چور چور پياڪ رستن تي ٿاپڙندا پنهنجي پنهنجي گاڏيءَ يا ٽئڪسيءَ واري کي ڳوليندي ملندا، ڪيترائي ماڻهو ڪلب ۾ ملي ويل جوڙيءَ سان گڏ ڪنهن هوٽل يا پنهنجي موجود ڪمري جو رخ ڪندي ملندا آهن ۽ ائين هتان جون رنگين راتيون نئين صبح سان وري پنهنجي گردان ۾ شروع ٿي وينديون آهن.

دبئيءَ 2013 ۾ ورلڊ ايڪسپو ڪٽيو ۽ پنهنجي جبل علي واري علائقي ۾ EXPO_2020 جي نالي سان هڪ وڏو تاريخي سفر شروع ڪرڻ وڃي رهي هئي جو هن عالمي وبا جي ڪري ان کي 2021ع تائين ملتوي ڪيو ويو، ايڪسپو 2020 هڪ عالمي ميلو آهي جيڪو پورا ڇهہ مهينا هلندو، جنهن ۾ مصنوعي ذهانت ۽ IT سان جڙيل ڪمپنيون پنهنجا اسٽال هڻنديون ۽ روزاني سيمينار، ايونٽ، تفريح ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ شامل هوندو.

دنيا ۾ ٻلي چار موسمون هجن پر دبئيءَ ۾ ٻہ موسمون ٿينديون آهن، هڪڙو سانوڻ ٻيو آوڻ (آوڻ مان منهنجي مراد اڃڻ جي مند آهي) دبئيءَ ۾ نومبر کان اپريل تائين اڃي گهمي سگهجي ٿو. نومبر مهيني کان هتان جي موسم نارمل ٿي ويندي آهي ۽ دبئي پنهنجي رنگينين جا آغاز ڪري ڇڏيندي آهي.

نومبر مهينو شروع ٿيندي ئي هتي الڳ الڳ ايونٽ ۽ پروگرام شروع ٿي ويندا آهن، جن ۾ گلوبل وليج، دبئي شاپنگ فيسٽيول، مئريڪل گارڊن، دبئي ورلڊ ڪپ ۽ ورلڊ ٽريڊ سينٽر ۾ تقريبون، ڏيکاءَ ۽ نمائشي پروگرام شامل آهن.

جيڪڏهن ڪوئي اوهان کي ٻڌائي ته دبئي وٽ تيل آهي ان ڪري ترقي ڪري رهي آهي ته اوهان بلڪل ٻه اعتبار نه ڪجو، دبئيءَ جو روينيو تيل تي نه پر ٽوئرازم تي هلي پيو، هنن ماڻهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لاءِ ايترا ته گهمڻ ۽ ڏسڻ جا نظارا ٺاهيا آهن جو هر ماڻهوءَ جي دل چوندي ته جيڪر اکين سان ڏسي اچي! هتي ڪجھ خاص خاص گهمڻ وارين جاين جي باري ۾ مختصر جاڻ ونڊ ڪريون ٿا .

1. گلوبل وليج: اوهان فقط گلوبل وليج جو تصور ٻڌو هوندو، دبئي وارن گلوبل وليج ٺاهي ڇڏيو آهي، دبئي ۾ گلوبل وليج جي نالي سان هڪ وڏو ميلو متل هوندو آهي، جنهن کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو سياحت، خريداري ۽ تفريح جو منصوبو تسليم ڪيو ويندو آهي. گلوبل وليج ۾ دنيا جي 90 ملڪن لاءِ الڳ الڳ پويلين مقرر ڪيل آهي، جتي ان ملڪ جي سامان، موسيقي، کاڌن ۽ تفريح جو اهتمام ٿيل هوندو آهي. هتي هر پويلين ۾ ان ملڪ جا ڳائڻا توڙي ٻيا فنڪار فن جو مظاهرو ڪندا آهن ۽ هڪ مين اسٽيج پڻ آهي جتي هر هفتي دنيا جا مڃيل فنڪار اچي فن جو مظاهرو ڪندا آهن. 2019_2020 جي گذري ويل سيزن ۾ گلوبل وليج ۾ دنيا جي 7 ملين ماڻهن شرڪت ڪئي. هي ميلو هر سال نومبر کان اپريل تائين لڳندو آهي.

2. مئريڪل گارڊن: مئريڪل گارڊن 2013ع ۾ ويلنٽائينس ڊي جي ڏينهن شروع ڪيو ويو، هي باغ 72000 اسڪوائر ميٽرن تي ڦهليل آهي، دنيا جو وڏي ۾ وڏو قدرتي گلن جو باغ آهي جنهن ۾ 50 ملين الڳ الڳ قسمن جا گل ۽ 250 ملين ٻوٽا لڳل آهن. هن باغ کي ڌرتيءَ تي جنت سڏيو ويندو آهي.

3. برج خليفه: 2010ع ۾ افتتاح ٿيل هن دنيا جي وڏي ۾ وڏي بلڊنگ دنيا جي ڪيترن ئي سياحن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو آهي، هر سال لکين ماڻهو برج خليفه کي ڏسڻ ايندا آهن. برج خليفه دنيا جي وڏي ۾ وڏي شاپنگ مال

”دبئي مال“ جي احاطي ۾ آهي، ان جي بلڪل هيٺيان پاڻيءَ جي هٿراڌو ڍنڍ ٺهيل آهي جتي دبئي واٽر فائونٽين ٺهيل آهي جتي روزانو شام جو موسيقي تي پاڻيءَ جي ڊانس جو شو هر اڌ ڪلاڪ بعد ڏيکاريو ويندو آهي. اتي ئي اندر دبئي مال ۾ پاڻيءَ اندر ٺاهيل مڇيءَ جو اڪائرم، واٽرفال، 7D جا شو ۽ گهڻو ڪجھ موجود آهي. برج خليفہ تي هر سال نيو ايئر تي اسپيشل فائرورڪ ٿيندو آهي جيڪو ڏسڻ لاءِ هزارين ماڻهو اتي جمع ٿيندا آهن.

4. ڊزرٽ سفاري: ڊزرٽ سفاري دبئي جي واحد قدرتي منظرن واري پوائينٽ آهي جتي اوهان واريءَ تي گاڏيون ڊوڙائيندڙ ڊرائيورن سان گڏ ويهي واريءَ جي دڙن جي لاهين چاڙهين ۾ چڪر ڏئي سگهو ٿا، هي خطرناڪ ڊزرٽ سفاري ڪندي چگن پلن جو ساھ مٺ ۾ اچي ويندو آهي. هتي سج لهڻ جي منظر بعد بيلي ڊانس، تنورا شو، ميجڪ شو، باھ جي شعلن سان کيڏڻ جا ڪرتب ڏيکارڻ جا شو ٿيندا آهن.

5. بيچ: دبئي جا اڪثر بيچ عام پبلڪ لاءِ آهن پر ڪجھ مخصوص بيچ يا پرائيويٽ بيچ پڻ آهي، جتي هر عام ماڻهو کي وڃڻ جي اجازت ناهي، دبئي ۾ 15 کان وڌيڪ بيچ آهن. جن ۾ جميرھ بيچ، الممزر بيچ، نکي بيچ، لامير بيچ، ڪائيٽ بيچ گهڻو مشهور آهن.

6. دبئي ائٽلانٽس يا پام جميره: دبئي جي ٽن پامن مان هڪ آهي (پام هڪ ڪجيءَ جي شڪل ۾ سمنڊ کي لٽي هٿراڌو ٺاهيل ٻيٽ آهي، جنهن جو نقشو ڪجيءَ وانگر آهي) جتي مهانگو ترين ائٽلانٽس هوٽل پڻ آهي جتي اڪثر هندي ۽ انگريزي فلمون پڻ رڪارڊ ڪيون ويون آهن هتي سياحن جو هڪ وڏو تعداد روزاني اچي ٿو.

7. دبئي ميوزيم: دبئيءَ ۾ ميوزمن جو تعداد پڻ ڏهن کان مٿي آهي، جتي قديم دبئي توڙي جديد دبئيءَ جا نمونا رکيل آهن، قديم ميوزيم ۾ ”دي دبئي ميوزيم“، ” دي ڪوائن ميوزيم“، ”اتحاد ميوزيم“، ”الفهيدي فورٽ“، ”الشندگاھ ميوزيم“ وغيره ۽ جديد ميوزيم ۾ ”ميوزيم آف فيوچر“، ”دبئي فريم“ ۽ ”ميوزيم آف اليوشنس“ شامل آهن.

8.جيڪڏهن شاپنگ مال ڏسڻ ۽ خريداريءَ جا شوقين آهيو تہ دبئي مال، مال آف دي امريٽس، ابن بطوط مال، سٽي واڪ، سٽِي سينٽرس، مرڪاٽو مال، الغرير سينٽر ۽ ٻيون انيڪ جايون اوهان جي ٻليڪار لاءِ موجود آهن. جيڪڏهن اوهان پارڪ وغيره ڏسڻ ۽ گھمڻ چاهيو ٿا تہ بٽرفلائي گارڊن، دبئي واٽر ڪئنال، بالي ووڊ پارڪ، لامير بيچ، Love Lake، زابيل پارڪ، دبئي گلو گارڊن، الممزر پارڪ ۽ ٻيا بيشمار پارڪ اوهان کي جيءَ ۾ جايون ڏيندا.

9.اسڪاءِ ڊائيو: جهاز تي چڙهي هيٺ ٽپو ڏيڻ يا وڏي هوائي ڦوڪٽي تي اڏامندي هيٺ لهڻ هتي ايندڙ سياحن جا مقبول مشغلا آهن، توڙي جو اهي ٻئي مشغلا مهانگا آهن پر ٿوري گهٽي بچت ڪندي اسان جا ديسي ٻائر بہ انهن مان مزو وٺندا رهيا آهن.

10.ڊائو ڪريوز :Dhow Cruise ڊائو ڪريوز يا Yachts ۾ ويهي سمنڊ اندر سير تفريح ڪرڻ، پڪنڪ ملهائڻ يا ننديا وڏا ايونٽ ڪرڻ هتي جي عام ڳالهہ آهي، اوهان کي ڪنهن جو جنم ڏينهن جو ڪيڪ ڪٽڻو آهي تہ اوهان پنهنجي لاءِ پرائيويٽ ٻيڙو بوڪ ڪرائي پنهنجي خاندان يا دوستن سان سمنڊ ۾ وچي اهڙي تقريب ڪري سگھو ٿا. جيڪڏهن اڪيلا آهيو تہ ڊائو ڪريوز بهترين آپشن آهي، جنهن وسيلي اوهان سمنڊ جو سير بہ ڪري سگهو ٿا تہ سمنڊ اندر تفريح پڻ حاصل ڪري سگھو ٿا.

11.دبئي ۾ ميٽرو ريل سروس پڻ ڏاڍي مقبول آهي، اوهان اهو ٻڌي شايد يقين نہ ڪريو تہ دبئي جي ميٽرو ريل بنا ڊرائيور جي هلندي آهي ۽ پنهنجي هر اسٽاپ تي ٺيڪ ٽي يا پنج منٽن تي پهچي ويندي آهي ۽ ٽڪيٽ چيڪ ڪرڻ لاءِ ڪوئي چيڪر ناهي هوندو، بس هڪڙو ڪارڊ هوندو آهي جنهن ۾ بئلنس وجهي اوهان هر اسٽيشن تي لهي يا چڙهي سگهو ٿا. دبئي ميٽرو ريل ۾ روزانو لکين ماڻهو سفر ڪندا آهن.

12.سون جي بازار: دبئي گولڊ سوڪ دبئي جي ڪمرشل ضلعي ديره ۾ آهي جتي 380 سون جا دوڪان آهن، جتي مٽن جي ماپ ۾ ڪچو توڙي ٺهيل سون موجود آهي، گولڊ سوڪ مارڪيٽ بہ ورلڊ رڪارڊ ٺاهڻ ۾ پوئتي ناهي

رهي، هنن 64 ڪلو نجي سون مان هڪ منڊي تيار ڪئي جنهن کي گنيز بوڪ آف ورلڊ رڪارڊ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. هتي سون حاصل ڪرڻ لاءِ ATM پڻ آهي، جنهن ۾ اوهان پئسا وجهي سون حاصل ڪري سگهو ٿا.

دبئي جي اها خاص ڳالهه رهي آهي ته اها هر سال ڪو نه ڪو نئون گهمڻ جو پراجيڪٽ شروع ڪندي رهندي آهي، جنهن وسيلي جيڪي پهريان گهمي ويل سياح پڻ ٻيهر اچڻ جي ڪندا آهن. هونئن ته دبئي جي سنڌين ۾ مشهور آهي ته ”جنهن هڪ ڀيرو دبئيءَ جو پاڻي پيتو، اهو ڪٿي مڙندو“.

دبئي جي ٿوري ڪجهه ڳالهه به ضروري آهي، سوچيان پيو شروعات ڪٿان ڪجي. گرميون لڳيون پيون آهن گرمي ته جتي ڪٿي آهي پر صحرائي گرميءَ جي جيتري ڳالهه ڪجي اوتري گهٽ آهي. دبئيءَ ۾ خصوصن به ٻه موسمون ٿينديون آهن، سانوڻ ۽ سيارو، سانوڻ صفا گرم ترين ۽ سيارو سنڌ جي بهار جهڙو. سانوڻ جي مهينن ۾ ٻاهرين لُڪَ توڙي هيوميڊٽي ساهه ڪيڻ لاءِ ڪافي هوندي آهي، مٿان وهنجڻ لاءِ شاور مان اهڙو پاڻي ايندو آهي جهڙو ٽانڊا. ٽانڪيءَ جي پاڻيءَ جو خيال ايندي ئي واش روم وڃڻ جو خيال ئي لهي ويندو آهي. هوٽلن، اپارٽمينٽس ۽ ولاز ۾ پاڻيءَ کي نارمل ڪري موڪلڻ جو بندوبست ٿيل هوندو آهي.

دبئيءَ ۾ تعليم ۽ صحت مهانگيون آهن. ٻارڙن جي تعليم جو خرچ ايترو جو پگهار پوري ئي نه پوي، صحت جو کاتو جديد سهولتن سان خدمت ڪندو آهي پر بل محل به ٿي ايڪڙ زمين وڪڻي جان ڇڏائڻي پوندي آهي خير ان جو حل آهي ته هر ماڻهو لازمي پنهنجي صحت جي انشورنس ڪرائيندو آهي ۽ اهڙي مصيبت ۾ انشورنس وارا پئسا ڀريندا آهن.

دبئي سميت پوري گڏيل عرب امارات ۾ فقط به ٽيلي ڪميونيڪيشن نيٽورڪ آهن، هڪڙو اتصالات ۽ ٻيو دُو. ٻئي نيٽورڪ ناني ويڙهو ڪري ماڻهن کي ڦري رهيا آهن. آفيس يا دوڪان تي اوهان کي انٽرنيٽ ڪنيڪشن کپي ته ان جوگهٽ ۾ گهٽ ماهوار بل پاڪستاني پنجاهه هزار جي برابر هوندو، جيڪڏهن اها سروس گهر لاءِ وٺبي ته گهٽ ۾ گهٽ بل پاڪستاني ڪرنسيءَ

موجب پندرنهن هزار ماهوار هوندو آهي. جيڪڏهن اوهان ڪي موبائيل تي ڊيٽا گهربل آهي ته پوءِ ته ٿيو ڪُلُ خير، هڪ GBڊيٽا پاڪستاني ڪرنسيءَ موجب چار هزار ڪان مٿي ملندي .

دبئيءَ ۾ رهائش تمام گهڻي مهانگي آهي، جيڪڏهن اوهان هڪڙو ڪمرو مسواڙ تي وٺندا تڏهن به پاڪستاني ڪرنسيءَ موجب هڪ ڪان ڏيڍ لک جو ملندو. جيڪڏهن صرف سمهڻ لاءِ جڳهه گهربل هجي، جنهن کي هتي Bed Spaceسڏيو ويندو آهي، ان لاءِ به ماهوار گهٽ ۾ گهٽ پاڪستاني ڪرنسيءَ موجب ويهه ٻاويهه هزار ڏيڻا پوندا آهن. هتي اڪثر مزدوري ڪندڙ هڪڙي ڪمري ۾ ويهه ٽيهه ماڻهو گڏجي رهندا آهن. اهڙي گهٽ ۽ ٻوسٽ جي ماحول کي ڪمرن کي يخ ٺڏو ڪندڙ اي سيز نه هجن ته هتي رهڻ جو تصور ئي نه جڙي.

دبئي ۾ پنهنجي ڪار خريد ڪرڻ ايترو سولو جيترو سنڌ ۾ چائنا وارو اسڪوٽر وٺڻ، باقي ڪار کي روڊ تي هلائڻ لاءِ ڊرائيونگ لائيسنس وٺڻ ايترو ڏکيو آهي جيترو اليڪشن جي سيٽ کٽڻ. پنهنجي ڪار لاءِ الڳ سان پارڪنگ جو بندوبست ڪرڻ، ان جي خرَ خُرَ مٿي جو سُور آهن مٿان وري ٽرئفڪ جا ڏنڊ هتي معمول جي ڳالهه آهي وري مٿان، گاڏيءَ تي ساليانو رينيول جون فيون. اڪثر ڪري هتان هميشه لاءِ ويندڙ يا نوڪري يا ويزا ختم ٿيڻ تي پنهنجي سڻي گاڏي به ٻيڙن مُٺ ۾ وڪڻي ويندا آهن .

دبئيءَ وٽ پنهنجي قدرتي شيءِ رڳو واري آهي باقي هر شيءِ ٻاهران ايندي آهي، هتي زراعت ناهي، پنهنجو پيئڻ جو پاڻي ناهي. هتي سبزي ۽ فروٽ عُمان توڙي ٻين ملڪن مان هوائي جهاز يا روڊ رستي پهچي وڃي ٿو. گوشت وغيره فريز ٿيل ملندو آهي. ڪهڙي به موسم هجي هر قسم جي سبزي ۽ فروٽ موجود هوندو آهي . دبئيءَ ۾ مڪمل نيڪال سسٽم ناهي، اڪثر بلڊنگن جو نيڪال اتي ئي ٺاهيل کنهن کڏي ۾ جمع ٿيندو آهي جتان پوءِ هر روز ميونسپالٽيءَ جون گاڏيون خالي ڪري کڻي وينديون آهن.

دبئي هڪ عالمي منڊي آهي جتي پير ڪوڙڻ لاءِ دنيا ڀر مان ڪاروباري ماڻهو هتي اچن ٿا، پنهنجا پئسا لڳائي ڪاروبار ڪن ٿا. هتي جي مارڪيٽ ۾ ٿالو ٿاهڻ ۽ مستقل رهڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوي ٿي. هر ڀيري نوان نوان چئلينج سامهون ايندا رهندا آهن، ساڳي طرح هتي نوڪري ڪرڻ ايتري به آسان ناهي جيتري سمجهي ويندي آهي. هتي ڊگريءَ کي اڪثر جڳهين تي ايتري ويليو ناهي ملندي جيتري تجربي کي ملندي آهي. اوهان وٽ پي ايڇ ڊي جي ڊگري هجي ۽ تجربو نه هجي ته پوءِ هتي نوڪري ڏکي ملي سگهندي. سڄي دنيا جو ٽئلنٽ هتي اچي گڏجي ٿو، جتي روزگار جا موقعا گهٽا آهن ته اتي مقابلو به عالمي سطح جو آهي. اڪثر نوجوان پڇندا رهندا آهن ته دبئيءَ اچڻ ۽ نوڪري ڪرڻ لاءِ ڇا ضروري آهي ته منهنجو هڪڙو ئي جواب هوندو آهي ته تجربو. اوهان پنهنجي ڪنهن به فيلڊ ۾ مهارت حاصل ڪريو پوءِ دبئي اوهان جي لاءِ کليل ميدان آهي. جيڪڏهن صرف ڊگري ۽ سفارش جو آسرو آهي ته پوءِ هتي گاڏو نه هلندو. هتي خيال وڪامندا آهن، پيپر نه، هتي جاڳ جا خواب پورا ٿيندا آهن سمهڻ وارا نه. دبئي محنتي ماڻهن جو گهر آهي هتي ڪمچور ۽ جڳاڙي اٽڪي پوندا آهن.

خيال ڇا آهي ۽ اهو ڪيئن وڪامندو آهي؟ ان جو صفا سولو جواب آهي ته خيال اوهان جي ذهن ۾ پيدا ٿيل تخليق آهي، جنهن کي حقيقت اوهان جا ڏينهن ڏٺي جا سپنا ڏيندا آهن. پنهنجو تخليقي فن دنيا کي ڏيکاريو پوءِ دنيا توهان کي پنهنجي دنيا جا جلوه ڏيکاريندي.

ويجهڙ ۾ ڪيترائي نوان خيال (Ideas) دبئيءَ ۾ آيا آهن ۽ ڪيترائي اڳهامي پڻ ويا آهن. هي وقت انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جو آهي ۽ ايندڙ وقت مصنوعي ذهانت جو آهي، پنهنجو پاڻ کي اپڊيٽ ڪريو، پنهنجي ملڪ جي تعليمي ادارن ۾ پڙهايا ويندڙ سبجيڪٽ ايڪسپائر ٿي چڪا آهن، جڳ سان ڳنڍجي هلو.

دبئي هاڻي عالمي فنانشل حب ٿي چڪي آهي، جيڪا دنيا جي ٻيهر ايڪسپورٽ ڪرڻ جي مارڪيٽ بڻجي وئي آهي. دبئيءَ ۾ 50 جي لڳ ڀڳ

بئنڪون ڪم ڪري رهيون آهن، جن جون ڪيتريون ئي برانچون آهن. هتان جو بئنڪون گهڻو اڳتي آهن، هتي جي بئنڪن جي اڪثر اي ٽي ايم مشينن مان اوهان نه فقط پئسا ڪيرائي سگهو ٿا پر پنهنجي يا ڪنهن ٻئي جي اڪائونٽ ۾ پئسا وجهي به سگهو ٿا، نه رڳو ايترو پر اي ٽي ايم وسيلي چيڪ پڻ جمع ڪرائي يا ڪئش ڪرائي سگهو ٿا.

دبئيءَ ۾ ڊجيٽل ۽ آنلائين ڪاروبار جو دور هلي رهيو آهي، هتي سون جي تعداد ۾ موبائيل ائپس آهن جيڪي روزاني ملين جو ڪاروبار ڪن ٿيون. دنيا نئون ڪجھ ڏسڻ چاهي ٿي، جيئن هتي ڏسي رهيا آهيون.

ويران رستي تي اوهان جي گاڏيءَ جو پيٽرول ڪپي وڃي ته پريشان نه ٿيو، هتي هڪڙي CAFU نالي موبائيل ائپ آهي انهن کي ائپ مان نياپو ڪريو اتي پهچي اوهان جي گاڏيءَ جو پيٽرول پري ڏيندا. اوهان ڪنهن اهڙي جاءِ تي وڃڻ چاهيو ٿا جتان اوهان جي ڪار واپس ڪير ڪاهي اچڻ وارو ناهي، ڳڻتي نه ڪريو، ecar نالي ائپ تي پرسان ئي پارڪ ٿيل ڪار ڪاهي وجو ۽ پنهنجي منزل تي وڃي پارڪنگ ۾ هٽي هليا وڃو. گهر ۾ ايمرجنسي ٿي وڃي هيلٿ ائپ کي الرٽ ڪريو ڊرون دوا کڻي اوهان جي ڪمري ۾ پهچي ويندو. وڏيڪ ڊيگھ ۾ نٽا وڃئون دبئي پري پئي آهي اهڙن مثالن سان.

هتي ڪامياب نوڪري ڪرڻ لاءِ يا ڪامياب ڪاروبار ڪرڻ لاءِ نوان خيال هجڻ کپن، جيڪي اوهان کي منزل تي رسائيندا نه ته اوهان به لکين اهڙن فردن جي فهرست ۾ لڙهي ويندا جيڪي هتي آيا ۽ هليا ويا .

دبئي جي هڪڙي پاسي سمنڊ آهي ته ٻئي پاسي واري. هتي پاڻي ۽ پيٽرول جي قيمت ساڳي آهي. هتي پاڪستاني مارڪيٽون به آهن جتي نجيون پاڪستاني پروڊڪٽس ملن ٿيون .

ان ڪان علاوه به دبئي جي رونقن ۾ گهڻو ڪجھ آهي جيڪو منهنجي ذهن مان يا ڳولا ڪندي اڳتي پوئتي ٿي ويو هوندو

دبئي ۾ سنڌ

ماترپوميءَ جي سڪ ۽ اڪير تہ ڪوئي انهن ڪان پڇي جيڪي پنهنجي ڌرتيءَ ڪان ڌار يا پري آهن پر روزگار جي ذريعن جي ڪوٽ جي ڪري يا پرڏيهي ناڻو ڪمائڻ جي چڪرن ۾ ماڻهن ڪي پنهنجو ڏيهہ ڇڏڻو پوي ٿو، جنم پوميءَ ڪان ڪوهين ڏور نڪري وڃڻو پوي ٿو. ائين سنڌ ڌرتيءَ جا رهاڪو سنڌي پڻ آهن. هڪڙن ڪي ورهاڱي پيري زوريءَ لڏايو ويو ۽ باقي رهيلن ڪي داپا دهمان ۽ خوف ڏئي لڏايو پيو وڃي. باقي جيڪي پاڻ جهڙا بچيا اهي بدحاليءَ ۽ بيائيءَ جي ور چڙهي ويا ۽ پنهنجي وسيلن سان مالامال ڌرتيءَ ڪي ڇڏي پرڏيهہ ۾ ڪمائڻ پهچي ويا آهن.

هونئن تہ دبئي ۽ سنڌ ۾ ڪيتريون ئي هڪجهڙايون آهن پر ڪجهہ خاص هتي پيش ڪجن ٿيون

1. سمنڊ دبئيءَ وٽ آهي تہ سنڌ وٽ بہ آهي.
2. صحرا دبئيءَ وٽ بہ آهي تہ سنڌ وٽ بہ آهي.
3. گهڻ قومي معاشرو دبئيءَ ۾ بہ آهي تہ سنڌ ۾ بہ آهي.
4. سنڌ ۾ سمنڊ سنڌ جي زمين ڪائي رهيو آهي تہ دبئيءَ ۾ سمنڊ ڪي لتي زمين ٺاهي آباد ڪئي پئي وڃي.
5. سنڌ وٽ سيئي قدرتي وسيلا هوندي بہ بدحال ۽ دبئي هر مصنوعيت هوندي بہ خوشحال آهي.

دبئيءَ ۾ موجود سنڌين بابت ڄاڻڻ ڪان پهرين اهو ٻڌائيندو هلان تہ دبئي اها واحد جاءِ آهي جتي هند ۽ سنڌ جا سنڌي گڏجن ٿا. اسان هتي آسانيءَ خاطر هند ۽ سنڌ جي سنڌين جي هتي واري ڪردار ڪي ڌار ڌار سمجهنداسين.

سنڌ جا سنڌي:

گڏيل عرب رياستن جي قيام ڪان اڳ بہ سنڌي هتي رهيل هئا، جن مان ڪيترن ڪي هتان جي نيشنلٽي پڻ مليل آهي، جن ۾ مگسي، پنهور، ڪوسا، عمراڻي، سومرا، مشوري، تنيا، ٻرڙا ۽ ٻيون برادريون شامل آهن جيڪي پاڻ ڪي هاڻي السندي، البلوشي ۽ المسوري وغيره سڏرائين ٿا. جڏهن تہ هن ملڪ

۾ پاڪستانين جو تعداد 12 لک کان وڌيڪ آهي، جنهن مان چار لک دبئيءَ ۾ رهن ٿا. دبئيءَ ۾ سنڌين جو رهائشي لحاظ کان تعداد ايترو گهٽ نه هوندو. منهنجي محتاط اندازي موجب ڪي ويهه هزار سنڌي دبئيءَ ۾ رهندا هوندا.

دبئيءَ ۾ ڪنسٽرڪشن جي عروج واري زماني ۾ (هلندڙ صديءَ جي پهرين ڏهاڪي) ۾ سنڌين جو مشهور ڪاروبار اسڪرئپ (ڪاٻاڙ جو ڪرو) ئي رهيو آهي. هتي ٿيندڙ ڪنسٽرڪشن مان بچي ويل يا ڪٽيل لوهه جا ٽڪر ڪاٻاڙ جي مارڪيٽ ۾ وڪڻي ڪيترائي سنڌي شاهوڪار ٿي چڪا آهن اهو سلسلو ڪنهن حد تائين اڄ به هلي رهيو آهي. دبئيءَ ۾ اڪثر سنڌي يا ته ڪنسٽرڪشن ۾ مذدوري ڪندا آهن يا ته اسڪرئپ (پراڻي لوهه ۽ ڪٻاڙ) جي خريد و فروخت ڪندا رهيا آهن. ويجهڙ جي انن ڏهن سالن ۾ ڪيترائي سنڌي نوجوان هر قسم جي ميدان ۾ بهتر ليول جون نوڪريون ڪري رهيا آهن.

ڪيترائي سنڌي هاڻي دبئيءَ ۾ سول انجنيئر، HSE انجنيئر، ڪنسلٽنٽ، پلاننگ انجنيئر، ڊاڪٽر، گرافڪ ڊزائينر، ڊرائيور، بئنڪر، سيلزمين، فري لانسر، ايگريڪلچر انجنيئر، اڪائونٽنٽ، بروڪر، پروگرامر، آءِ ٽي ائڊمن، فوٽوگرافر، پوليس مئن، وڪيل، سي آءِ ڊي رپورٽر، نيوز رپورٽر، رازا، واڍا توڙي ٻيا فني ڪم وغيره ڪري رهيا آهن جڏهن ته آڳرين تي ڳڻڻ جيترا پنهنجو ڪاروبار ڪري رهيا آهن. سنڌ جي سنڌين جي ذاتي ڪاروبارن ۾، انڊسٽريل سپلائيز، اسڪرئپ، گارڊننگ، پرنٽنگ، ٽيڪنيڪل سروسز، ٽوئر ۽ ٽريول گائيڊ، سفاري ٽوئر، ٽرانسپورٽ، ڪنسلٽنسي، ويٽرنري ڪلينڪ، آنلائين اسٽور، بلڊنگ مٽريل سپلائي، ڪنسٽرڪشن، ڪليننگ سروس، ٽائيپنگ سروسز، بروڪرز ۽ ٻيا شامل آهن.

دبئيءَ ۾ سنڌين جا ڪجهه متحرڪ فورم پڻ آهن، جن ۾ ڪجهه هم خيال دوست گڏجي سڏجي ثقافتي توڙي سماجي سرگرميون ڪن ٿا. جن ۾ سنڌي سنگت (آشا چاند)، مهراڻ ڪلچرل گروپ، سنڌ دوست ست، سنڌ فرينڊس فورم، سنڌي ائسوسيئيشن آف يو اَي اِي، سنڌ نوجوان سنگت، سدائين گڏ سنڌي سوشل تنظيم ۽ ٻيا شامل آهن.

هند جا سنڌي:

ڌرتي ۽ ڌرتيءَ واسين جو قدر انهن کي ٿئي ٿو جن پاڻ پرديس ۾ نڌڻڪائپ جي احساس ۾ پوکيو هجي. ورهاڱي پڇاڻان جڏهن گڏيل عرب امارتن ۾ روزگار جا ذريعا کليا تڏهن سنڌ توڙي هند مان سنڌي هتي اچي روزگار سان لڳا. هند جي سنڌين اچي هتي پنهنجا ڪاروبار ڄمايا جڏهن تہ سنڌ جي سنڌين هتي اچي نوڪريون ڪيون. ٻئي ڌريون ورهاڱي وقت وڇڙيا هئا پر ٻنهي ۾ ٻولي پائيءَ جي ڇڪ ساڳي رهي هئي. جيئن ورهاڱي کان پهرين ميٺ محبت ۾ گڏجي رهيا پئي، هڪ ٻئي جو مرڻو پرڻو ڪاڌن پئي، پر پوءِ وچ ۾ ڏراڙ وجهي الڳ ڪيو ويو هيو. هاڻي هي هڪ موقعو هيو وري گڏجڻ جو ۽ هڪ ٻئي لاءِ گڏجي ويهڻ جو، ان زماني ۾ هند جي سنڌين ۽ سنڌ جي سنڌين گڏجي هڪ فورم جو بنياد وڌو. عطا سنڌي سنڌ جي سنڌين مان گڏيل عرب رياستن جو پهريون سنڌي هو جنهن هتي سدائين گڏ سنڌي سوشل تنظيم جو بنياد وڌو، جنهن ۾ هند سنڌ جا سنڌي شامل هئا، ان پليٽ فارم تان ڪيترائي فنڪار دبئي ۾ سنڌيت جي پرچار ڪرڻ ايندا هئا.

انڊين سنڌي دبئيءَ جا اسٽيڪ هولڊر آهن، هتان جا مشهور ڪاروبار، برانڊس، سپرمارڪيٽون توڙي دنيا جي مشهور برانڊس جي ڊيلرشپ انهن وٽ آهي. دبئيءَ جي ٽيڪسٽائيل انڊسٽري هجي، چوئٿرامس، ويسٽ زون يا المايا سپر مارڪيٽون هجن، لينڊ مارڪ گروپ، بيبي شاپ، ڪوسموس، شو مارٽ، جمبو اليڪٽرانڪس، اسپليش، ميڪس، اي ميڪس سميت وڏيون وڏيون برانڊس انڊين سنڌين جون آهن. دبئيءَ ۾ مينا بازار نالي مارڪيٽ کي سنڌين جي بازار پڻ سڏيو ويندو آهي جتي ڪپڙي، سون، اليڪٽرانڪس، ريسٽورانٽس توڙي ٻين ڪاروبارن ۾ اڪثريت سنڌين جي آهي ان کان علاوه سنڌي سيريمونيل هال، لامسي پلازه، نکي ٻيچ سنڌي سوسائيٽي ۽ ٻيون ڪيتريون آباديون سنڌين جي نالي سان سڃاتيون وينديون آهن .واسديو موهي، ڪلاپرڪاش، موتي پرڪاش، موهن گياڻي، گوپ ڪمل، رام بخشاڻي،

گوردن پارتي، گورڌن گهايل، شريڪانت صدف، آشا چاند، مومل پنجابي ۽ نالي وارا ليکڪ، شاعر ۽ ڪاروباري ماڻهو هتي رهيا آهن.

آشا چاند جي سنڌي سنگت جنهن جي پليٽ فارم تان سال ۾ هڪ يا ٻه پروگرام لازمي طور ڪرايا ويندا هئا، ان ۾ پڻ هند ۾ سنڌ جا سنڌي فنڪار گڏجي فن جو مظاهرو ڪندا رهندا آهن، جنهن ۾ سڀ سنڌي گڏجي شرڪت ڪندا رهندا آهن. اهڙن پروگرامن ۾ سنڌي گانن توڙي مزاح ڪي ڏسندي ۽ ٻڌندي ائين لڳندو آهي ته دبئي پڻ هڪ ننڍڙي سنڌ آهي.

***

وائي: ڪلاسيڪيت کان جديديت تائين

وائي لاڙ ۾ جنم وٺندڙ سنڌ جي سرائتي صنف آهي .جيڪا سنڌي شاعريءَ جي ٻہ صديون پراڻي دور کان شروع ٿي ۽ پنهنجي وچين ڪلاسيڪي دور ۾ اعليٰ مقام تي پهتي ۽ موضوعاتي انفراديت کڻي جديد دور ۾ لکجي رهي آهي. هن صنف لاءِ چيو ويندو آهي تہ اها ڳائڻ مان سرجي آهي ۽ هن جو بنياد ڇند يا عروض جي لفظي ڪاريگري بجاءِ تنبوري جي تنوار تي رچيل آهي.

پروفيسر محرم خان لکي ٿو، ” وائي ميان عنات رضويءَ جي وقت ۾ نسري نروار ٿي، ۽ بلال شاهہ ۽ لطيف سائينءَ جي دور ۾ وجي اوج کي پهتي آهي، سندس اهو اوج خليفي نبي بخش ۽ قنبر علي شاهہ جي زماني تائين بہ پوريءَ طرح سان قائم رهيو آهي .سنڌي شاعريءَ جو اهو سڄوئي دور وائيءَ جي وجود تي ناز ڪندو پئي آيو، تان جو ڪافيءَ اچي اهو ميدان والاريو آهي “. (1)

وائي سنڌي ۾ پهرين ڪنهن لکي؟ ان بابت ميون شاهہ عنات کان پهرين رڳو حوالا ۽ ذڪر ملن ٿا پر ميون شاهہ عنات جي ڇپيل ڪلام ۾ ڪيترييون ئي وايون ملن ٿيون، ان حوالي سان مليل تاريخ مطابق ميون شاهہ عنات وائيءَ جو پهريون شاعر آهي .ميون شاهہ عنات موسيقي سان دلچسپي رکندڙ ۽ رنگين طبع جو مالڪ هڪڙو عظيم فنڪار ۽ ماهر موسيقارهو ۽ اها موسيقي ئي ڪيس شاعريءَ طرف وٺي آئي هوندي .وائيءَ جو موجد ڪير بہ هجي پر ميون شاهہ ان کي سنواري سڌاري نروار ڪيو.

”

وائي “لفظ تي هڪ نظر:

سڀ کان پهرين لفظ” وائي “بابت موجود روايتن تي نظر ڦيرايون ٿا . ٻڌايل روايتن مطابق اهو لفظ هندي ٻولي جي لفظ” واڻي “يا” ٻاڻي “مان

نڪتل آهي، ڪجهه ٻين محققن جو خيال آهي ته اهو پراڪرت لفظ” وايا “يا سنسڪرتي لفظ” ورت “يا ته عربيءَ جي لفظ” واءِ “مان ورتو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي” ڳالهه ٻولهه”.

”وائي ڏڪڻ سنڌ يعني لاڙ جو هڪ مقامي ۽ نج سنڌي لفظ آهي ۽ لغت جي اعتبار کان معنيٰ اٿس :آواز ۽ سر، پڙڪو، بيان، گفتگو، زبان ۽ ڳالهه ٻولهه وغيره جنهن کي عام اصطلاح ۾ ٻولي ٻه چئجي ته ڳالهه ٻولهه ۽ گفتگو ٻه سڏجي(2) “.

اسين شاهه جي ڪجهه بيتن جون مصرعون وائيءَ لفظ جو مفهوم ڄاڻڻ لاءِ مثال طور آڻيون ٿا .جن مان اها سڌ ملي ٿي ته شاهه صاحب پڻ اهو لفظ عام معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي .جيئن:

راجا رتولن ۾، ورنائي وائي.

(سر سورٺ)

اڄ پڻ وايون ڪن وڻجارا وڃڻ جون.

(سر سامونڊي)

يا عام طور تي سنڌيءَ ۾ چيو ويندو آهي ته، ” وائي ته ڪا چڱي ڪڍ “!يا ”وايون ٻتال تي ويس“

مٿين ڳالهين مان واضع اشارو ملي ٿو ته وائي ڪو غير سنڌي لفظ نا هي . پر اهو سنڌي شاعريءَ ۾ اڳي کان موجود آهي.

وائي صنف بابت رايا:

محققن جو خيال آهي ته شاهه عنات رضويءَ کان اڳ ۾ وائيءَ جو ڪو نمونو نٿو ملي، سو چئي سگهجي ٿو ته شاهه عنات وائيءَ جو قالب گهڙيو ۽ شاهه عبد اللطيف پٽائي ان ۾ روح ڦوڪيو.

شيخ اياز لکي ٿو، ” وائيءَ جو گهاڙيٽو بلا شاهه جي پنجابي شاعريءَ تان پٽائيءَ ورتو هو، ۽ پٽائيءَ تان مون ورتي، ان ۾ نئين جان پيدا ڪئي(3) “.

حسام الدين راشديءَ جو خيال آهي تہ شاھہ لطيف ” ڪافيءَ “تي” وائي “ نالو رکيو.

مخدوم طالب المولىٰ جي چوڻ مطابق، ”وائي، بيت، مدح يا قصيدي مان نڪتي آهي، ڇو تہ انهن ٽنهي صنفن جو گھاڙيٽو ساڳيو آهي(4) “.

ميمڻ عبد المجيد سنڌي ان خيال جو آهي تہ وائي ۽ ڪافي هڪ ئي قسم جي شعر جا بہ نالا آهن، لاڙ ۾ ان کي وائي ۽ اتر سنڌ ۾ ان کي ڪافي سڏيو ويندو هجي.

مير عبدالحسين سانگيءَ چواڻي، ”شاھہ لطيف وٽ جيڪي بہ هندستاني گويہ” چنچل ۽ اٽل “آيا، ۽ شاھہ جي ڪلام کي ترتيب ڏئي سرن ۽ داستانن ۾ ورهايو، انهن ئي” واڻي “نالو رکيو هجي تہ عجب نہ آهي، جو پوءِ ڦري” وائي “ٿي ويو هجي(5) “.

وائيءَ جو گھاڙيٽو:

وائيءَ جي پهرين بند کي ٿلھہ چئبو آهي ۽ باقي سٽون/مصرعون الڳ الڳ بند يا شعر سڏجن ٿيون، جن جو قافيو آخر ۾ اچي ٿو ۽ پوءِ وراڻي ايندي آهي. ٻن کان ويهن بندن جون وايون ملن ٿيون، هندي ڇند جي 18 وزنن تي لکي وئي آهي. بناوت جي لحاظ کان هيڪوٽي، ڏيڍوٽي ۽ ٻيٽي ٿيندي آهي. بيت وانگر ڇند وديا تي آڌاريل هجي ٿي . هر بند کان پوءِ ورجاءَ واري سٽ بار بار اچي مرڪزي خيال کي اثرائتو بڻائي ٿي. جنهن جي ڪري خيال ۾ وسعت ۽ رواني پڻ پيدا ٿئي ٿي، جنهن سان هن صنف جو حسن اجا بہ نکري پوي ٿو. وائيءَ جي اوائلي شڪل” ڳنان “سان ملندڙ جلندڙ آهي. ميون شاھہ عنات جون ٿلھہ سان گڏ فقط هڪ مصرع/بند واريون وايون بہ ملن ٿيون تہ هڪ کان وڌيڪ بہ. وائي جي هر پهرين سٽ جي پوئين اڌ جو ورجاءُ ٿئي ٿو، پر اهو ضروري بہ ڪونهي شاھہ سائين جي سيني واين ۾ ائين نہ آهي، وائي هڪ ڊگھو بيت آهي، جيڪو ٽن يا چار سٽن کان وڌيڪ بہ ٿئي ٿو. ڪاموڏ، حسيني ۽ سر سريراڳ جون وايون ڊگھيون آهن، جيڪي 12 کان 24 سٽن تي مشتمل آهن.

موجوده دور ۾ وائي ڏيڊوٽي ۾ بيٺي گهاڙيٽي تي عام جام لکي وڃي پئي ۾ اڪثر شاعر اڻ بندن تائين سرجن پيا.

گنان ۾ وائيءَ ۾ هڪ جهڙائي:

سومرا دور ۾ اسماعيلي فرقي جا مبلغ سنڌ ۾ آيا ۽ انهن تبليغ لاءِ هتي جي مقامي ٻولين ۾ شعر چيا ۽ ان ڪلام کي گنان سڏيو ويو، ان ڪلام کي گنان ان ڪري بہ سڏيو ويو جو شايد اهو” گيان “لفظ جي بدليل صورت تي سگهي ٿو. پير شهاب الدين ۾ سندس فرزند پير صدرالدين گنان چيا. گنان مسلسل نظم جيان آهي، هر بند ۾ دوهي جهڙو سٽاءُ اٿس، شروع ۾ هڪ وراڻي ٿئي ٿي جيڪا هر بند کان پوءِ دهرائجي ٿي. وائيءَ جي صنف بہ لڳ ڀڳ هن صنف جهڙي آهي، جيڪا واضع ثابتي آهي تہ وائيءَ کان پهرين بہ سنڌي شاعريءَ ۾ وائيءَ جهڙي صنف موجود هئي.

وائيءَ ۾ ڪافيءَ ۾ هڪ جهڙائي:

ڪافي لوڪ ادب جي صنف آهي، اوائلي شاعر حاجي جاڻ آهي. شيخ اياز لکي ٿو، ” پهريان ڪافي شاهہ حسين پنجابيءَ ۾ چئي، بعد ۾ نانڪ يوسف ۾ خوش خير محمد سنڌيءَ ۾ چئي(6) “.

برهانپور کي سند هي اولياءَ جو مولف ڪافيءَ کي سنڌ جو مقبول راڳ سڏي ٿو. چيو ويندو آهي تہ ڪافي اهو چوي جيڪو اهلِ دل هجي. مصري شاهہ کي ڪافين جو بادشاهہ شاعر سڏين ٿا.

ميمڻ عبد المجيد جي راءِ مطابق تہ لاڙ ۾ ان صنف کي وائي ۽ اتر سنڌ ۾ ڪافي سڏيو ويو هوندو، يا ائين ڪٽي چئجي تہ لاڙ ۾ شاهہ عبد الطيف ان کي وائي سڏيو، اتر سنڌ ۾ صاحب ڏني فاروقيءَ ڪافي سڏيو هجي. ان ڳالهہ مان تصديق ٿئي ٿي تہ ٻنهي صنفن ۾ هڪ جهڙائي موجود آهي.

ڪتاب” سرهاڻ “۾ وائيءَ کي نمري جي هئيت ۾ ڄاتو ويو آهي، اڪثر موسيقيءَ جي استادن ڪافيءَ لاءِ بہ ائين چيو آهي(7).

وائيءَ جيان ڪافي بہ هيڪوٽي، ڏيڍوٽي ۽ ٻيٽي ٿيندي آهي.

وائيءَ ۽ ڪافيءَ ۾ نمايان فرق:

”جيئن چوندا آهن تہ هر ڻ پنهنجي ذات ۾ ڦاڙهو پنهنجي ذات بلڪل اهڙيءَ طرح ئي ڪافي ٻي شيءِ ۽ وائي ٻي شيءِ آهي .اها ڳالهہ فقط حڪيم عبد الغفار شاهہ محسوس ڪئي آهي تہ ” متاخرين غلط فهميءَ ۾ اڇي وائيءَ ڪي ڪافي سمجهي ويٺا آهن، ڇو تہ سنڌ ۾ شعر يا موسيقيءَ جو ايترو اضافي مواد موجود نہ هو، تنهن ڪري اهو امتياز نہ رهيو تہ وائي ڪهڙي شيءِ آهي ۽ ڪافي ڪهڙي چيز آهي (8) “.

ڪافيءَ ۽ وائيءَ جي تقابلي جائزي لاءِ هتي ڪجهہ نمايان ڳالهيون ونڊجن ٿيون.

ڪافي ڳوٺاڻي ماحول جي عڪاسي ڪندڙ لوڪ ادب جي صنف آهي، جڏهن تہ وائي ڪلاسيڪي ۽ جديد شاعريءَ جي مقبول صنف آهي.

ڪافيءَ ۾ ڪوبہ وڌاءُ يا مبالغو ناهي ٿيندو ۽ وائيءَ ۾ مبالغي جي پڻ اجازت آهي.

ڪافي ديپڪ راڳ جي صنف پڻ آهي، ان لاءِ اهو بہ چيو ويندو آهي تہ ڪافي اهو لکي جيڪو ساز ۽ سوز جو صاحب هجي، جڏهن تہ وائيءَ لاءِ اهو شرط ناهي.

ڪافي ديسي شاعريءَ جي صنف آهي، جنهن ۾ رسمن، رواجن، عشق محبت، وڇوڙي، وصل ۽ درد جون دانهون وغيره جهڙا موضوع هوندا آهن، جن ڪي وسعت ڏيڻ سان گيت جي شڪل ڏني سگهي ٿي .جڏهن تہ مضمون جي لحاظ کان وائيءَ ۾ جدت ۽ انفراديت آهي .وائيءَ جو ڪوبہ موضوع طئہ ناهي . اها ڪهڙي بہ موضوع تي لکي سگهجي ٿي.

ڪافيءَ جي اڪثر وراڻي واري سٽ هر بند کان پوءِ تبديل ٿيندي ايندي آهي، جڏهن تہ وائيءَ ۾ اها ساڳي ئي رهندي آهي ۽ تبديل ناهي ٿيندي.

ڊاڪٽر عبدالجبار صاحب جن جي چوڻ مطابق" وائي ۽ ڪافي ۾ فرق ئي وزن جي نظام جو آهي، وائيءَ لاءِ اها ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي، هيءَ چند تي آڌاريل آهي، موسيقيءَ واري موزنيت ثانوي آهي".

اسد جمال يوسفاڻي پنهنجي مضمون" سنڌي ڪافي "۾ ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ سنڌي صاحب جي راءِ جيئن جو تيئن هن طرح ڏني آهي،" تاريخي روايتن ۽ فني مطالعي ڪان پوءِ آءُ انهي نتيجي تي پهتو آهيان تہ: "وائي ۽ ڪافي هڪ ئي شيءِ جا ٻہ نالا آهن(9)".

وائيءَ جا دور:

هونئن تہ وائي مغلن جي دور کان ملي ٿي، جيڪو ان جي اوسر جو اوائلي دور پڻ آهي پر وائيءَ کي اسان ٽن دورن ۾ ورهائي سگهون ٿا.

<u>پهريون دور</u> :پهريون اوائلي دور جيڪو ٻہ صديون اڳ وارو آهي جڏهن سنڌ اجا مغلن جي شهنشاهيت ۾ هئي، ان دور ۾ شاهہ عنات رضوي، وائيءَ کي ظاهري ويس پارايو پوءِ سندس اولاد مان محمد شريف رضوي پڻ ان تي طبع آزمائي ڪئي.

<u>ٻيون دور</u> :وائيءَ جو ٻيو دور شاهہ عبد الطيف ڀٽائيءَ وارو دور آهي. جنهن ۾ خليفي نبي بخش جون وايون مقبول آهن، شاهہ سائينءَ وائيءَ کي عرش تي پهچايو ان جو سبب اهو آهي تہ ميون شاهہ عنات بہ موسيقي سان دلچسپي رکندڙ گويو ۽ شاعر هيو تہ شاهہ سائين بہ تنبوري جي تان تي وائيءَ کي جهونگاري ان کي عرش تي رسايو .ميرن جي اوائلي دور ۾ قنبر علي شاهہ پڻ راڳ رنگ ذريعي وائيءَ کي مقبول ڪيو .ميرن جي زوال سان گڏ وائيءَ جو بہ زوال آيو ۽ ڪافي لکجڻ ۽ ڳائجڻ لڳي، انگريزن جي دور ۾ ڄڻ وائيءَ کي ملڪ بدر ڪيو ويو هو.

<u>جديد دور</u> :هي ٽيون دور آهي، جنهن ۾ اياز جو جنم ٿيو، جنهن سنڌي ڪلاسيڪي صنفن کي وري جيئاريو، بيت ۽ وائيءَ ۾ موضوعاتي تبديلي آندي ۽ رائج ڪيو.

وائيءَ جا قسم:

وائيءَ ڪي گهاڙيٽي جي لحاظ کان ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

هيڪوٽي وائي:

هيڪوٽي وائيءَ جو مثال شاهه جي وائيءَ مان وٺون ٿا، هن قسم جي وائيءَ ۾ وراٽي واري سٽ نه هوندي، پهرين سٽ ٿلهه ۽ ٻيون ان جون هم قافيه هونديون آهن. هن کي يڪي وائي به سڏجي ٿو.

سيڻن جيءَ سنڀار، جڏڙو جيءُ جيارئو.
پرين جيءَ پچار، جڏڙو جيءُ جيارئو.
ڪرم ڪريمن جي، اڪيءَ وير اڪارئو.
صالحن جيئن سڏ ڪري، طالحن کي تارئو
اونهين تڙ عميق مان، پرين پوڄ پيارئو
سامهون ڪري سپرين، نرمل نور نهارئو
مرض مريضن تان، اشاري ساڻ اتارئو.

ڏيدوٽي وائي:

گيت جي سريلي شاعر سرمد چانڊيي جي شيخ اياز تي لکيل وائيءَ جو نمونو جيڪو ڏيدوٽي وائيءَ جي گهاڙيٽي تي مبني آهي. هن ۾ هڪ سٽ ۽ ان کان پوءِ ان جو وراڻو هوندو آهي جيڪو هر سٽ کان پوءِ دهرائجندو ايندو.

پائي ويٺي جهول ۾، ساريءَ سنڌ جو ساهه
ڪيڏا ڀاڳ ڪراڙ جا.
هڪڙي هنج اياز ۽ ٻيءَ ۾ شاهن شاهه
ڪيڏا ڀاڳ ڪراڙ جا.
اڳ کان اڳرو ٿي ويو، وانگين جو ويساهه

ڪيڏا ڀاڳ ڪراڙ جا.

مٽيءَ جو ڇا مان آ، رهندو وقت گواهه

ڪيڏا ڀاڳ ڪراڙ جا.

پيتو ڪنهن نہ پياڪ هو، امرتائين اٿاهه

ڪيڏا ڀاڳ ڪراڙ جا.

ريس نہ ڪنهن جي ڀاڳ سان، هر ڪنهن پنهنجو چاهه

ڪيڏا ڀاڳ ڪراڙ جا.

پاٽيءَ ڪان وڏ آهه ڪو، پيارن منجهه پساهه

ڪيڏا ڀاڳ ڪراڙ جا.

ڪير هيو هن حال ڪان، عشق بنا آگاهه

ڪيڏا ڀاڳ ڪراڙ جا.

ٻيٽي وائي:

شيخ اياز جي مشهور وائي جيڪا ٻيٽي وائيءَ جي گهاڙيٽي تي مبني آهي، هن ۾ ٻن سٽن جو شعر/بند ايندو آهي، ان ڪان پوءِ وراڻو ايندو آهي، هر بند ڪان پوءِ اهو وراڻو ورجائبو ايندو.

هو جي ڪالهہ تڏي

ڇپر منجهہ ڇڏي

ڪهہ ڄاڻان ڪاڏي ويا

هاءِ ويا هو قافلا

کهڙيءَ لوءِ لڏي

ڪهہ ڄاڻان ڪاڏي ويا

جن جا پيرا پوڄيا

منهنجي جيءَ جڏي

ڪهہ ڄاڻان ڪاڏي ويا

واڪا واڪا واءُ مان

تي اج سچ سڏي
ڪهہ ڄاڻان ڪاڏي ويا.

وائيءَ جي موجودهہ حيثيت:

اسين مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ شيخ اياز موجودهہ دور ۾ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي صنفن جهڙوڪ بيت ۽ وائيءَ ۾ موضوعاتي تبديلي آندي ۽ ڀرپور لکيو ۽ نتيجي طور سندس هم عصر شاعرن پڻ ان تي پاڻ ملهايو موجود ه دؤر ۾ سنڌي وائي کي سگهاري حيثيت حاصل رهي آهي. ڪيترن ئي سنڌي شاعرن هندي ڇند توڙي علم عروض تي وايون لکيون آهن، جهڙي طرح شاهہ سائين جي رسالي ۾ اٽڪل هر داستان جي آخر ۾ وائي ڏنل آهي ائين ئي جديد شاعرن جي شاعريءَ ۾ غزلن سان گڏ وائي پڻ شامل آهي، جيڪو وائيءَ جي مقبوليت جو پڪو ثبوت آهي.

موجود ه دؤر ۾ شيخ اياز سئنيون وايون لکيون آهن، شيخ اياز وائيءَ کي هندي ڇند مان ڪڍي علم عروض تي پڻ لکيو پر وري هندي ڇند تي آٽي سونهن بخشي، اياز کان پوءِ ڪيترن ئي شاعرن عروض تي وايون لکيون .وائي لکندڙ شاعرن ۾ استاد بخاري، امداد حسيني، تنوير عباسي،فتاح ملڪ، سرڪش سنڌي، قمر شهباز، مير محمد پيرزادو، عبدالحڪيم ارشد، سرويچ سجاولي، انور پيرزادو،رشيد احمد لاشاري، سرمد چانڊيو، سعيد سومرو، محسن ڪڪڙائي، اياز گل ۽ ٻيا نالا شامل آهن جن جي قطار تمام ڊگهي آهي.

جديد دؤر ۾ وائي جو موضوع صوفيانہ هئڻ سان گڏ جديد حالاتن ۽ سنڌي معاشري جي عڪاسي پڻ ڪري ٿو .شيخ اياز ۽ استاد بخاري وائيءَ جا اهم شاعر آهن.

استاد بخاريءَ جي وائي جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

ڏيندا ڏيهہ ميار، او يار
قومن ۾ ڪنڌ ڪهڙو ڪڍبو.

ڪوٺن ۾ قيد پائي قابو، ڪير ٻڌي ڪوڪار او يار.
قومن ۾ ڪنڌ کهڙو ڪٽبو.
هوشو وارو نعرو ماري، ماري پاڻ جيار، او يار.
قومن ۾ ڪنڌ کهڙو ڪٽبو.
نيٺ نندا ڪڙا پتڙا ٻڌندا، جيجل جي للڪار، او يار.
قومن ۾ ڪنڌ کهڙو ڪٽبو.

شيخ اياز جي وائيءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.
مان نہ هوندس
شاعري تو وٽ ڇڏيندس .
ڪنهن ڪتيءَ جي شاخ تي، جنهن وقت آکيرو اڏيندس
شاعري تو وٽ ڇڏيندس .
گيت ڳائيندينءَ جڏهن منهنجا تہ تو وٽ آءُ ايندس.
شاعري تو وٽ ڇڏيندس
اوڙڪون ٿي رات پر رابيل مان تو لاءِ نيندس
شاعري تو وٽ ڇڏيندس .
رات جي راڻي جڏهن ٽڙندي تڏهن هڪار ڏيندس
شاعري تو وٽ ڇڏيندس.
آءُ تنهنجي زندگي هان، موت ۾ ڪيئن منهن مٽيندس
شاعري تو وٽ ڇڏيندس.

اڄ جي نوجوان شاعرن مان سعيد سومري جي هي وائي ڇند 11/13 تي لکيل آهي هتي نموني طور ڏجي ٿي.
ٿي تون باک نهار
من کو چـــينُ ملي پوي!
سيءَ ـــ سياٽي سانت ۾،
ٿوري مـــــدُ پـِـــيارِ

من ڪو چيــــنُ ملي پوي!
اوجاڳن ـــــ آڙاهه تان،
مرڪي نيڻَ اُتار
من ڪو چيــــنُ ملي پوي!
اُجرا خواب بسنت جا،
مُرڪي ياد ڏيار
من ڪو چيــــنُ ملي پوي!
ڳيا ڪري وجود جا،
پنهنجي سيند سنوار
من ڪو چيــــنُ ملي پوي!
نفرت ڇڏي ڪروڌ اج،
نگريون نينهن نڪار
من ڪو چيــــنُ ملي پوي!

سعيد سومري جي علم عروض جي رڪنن فاعلن فاعلن تي آڌاريل وائي نموني طور پڻ ڏجي ٿي.

سجُ ۾ سجُ ـــ مُڪي،
ڳُجهه - ڳالهين هزار،
مرڪ مُڪ صُبح تي.
دڳ شوالي مٿان،
سونهن ـ ساڳي سُڪارَ
مرڪ مُڪ صُبح تي.
منجهه موتيءَ ـ گهٽيءَ،
رلُ اُها ئي نهارَ.
مرڪ مُڪ صُبح تي.
سنڌُ، ساجنُ سدا،

قرب، ٿورا، قرارَ.
مرڪ مُک صُبح تي.
هيجُ ــــ هيڏو هڳاءُ،
ڪَهُ ڦڪا ڦُل يارَا!
مرڪ مُک صُبح تي.

***

حوالا:

- مضمون،” سنڌ جي قديم سرائتي صنف “پروفيسر محرم خان، پرک 1977، صفحو131
- ساڳيو، صفحو122
- ڪتاب،” شاعريءَ جو صنفون ۽ صنعتون “ظفر عباسي، صفحو351
- ڪتاب،” ڪافي “مخدوم طالب المولىٰ، صفحو52
- ڪتاب،” ڪافي “مخدوم طالب المولىٰ، صفحو52
- ڪتاب،” شاعريءَ جو صنفون ۽ صنعتون “ظفر عباسي، صفحو353
- ڪتاب، ” سنڌ ادب جي تاريخ “ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، صفحو 332
- مضمون،” سنڌ جي قديم سرائتي صنف “پروفيسر محرم خان، پرک1977، صفحو120
- مضمون،” سنڌي ڪافي “اسد جمال يوسفاڻي، مهراڻ1984 ،) مقالا نمبر(

جديد سنڌي شاعريءَ جو "وليم وردس ورٿ"

ڪي ڪي ماڻهو تاريخ ٺين ٿا، اهو جملو اسان هميشه پڌو آهي. اهڙو ئي هڪ تاريخي ماڻهو ڪشنچند بيوس پڻ آهي، جنهن جديد سنڌي شاعري ۾ موضوع ۽ فڪر جي نواڻ آندي. ڌارين تشبيهن ڪان منهن موڙي ڏيهي تشبيهون ڪتب آنديون. هن شمع ۽ پرواني جو ذڪر ڪرڻ بجاءِ ٽڏڙي هير جي جهونڪن جو ذڪر ڇيڙيو. هن پنهنجي شاعري ۾ پنهنجي جنم ڀوميءَ جي جهوپڙين، پکين، جيتن ۽ وڻن جو ذڪر ڪيو، جيڪو سندس شاعريءَ جي لهجي کي عام فهم ڪرڻ لاءِ ڪافي هيو نه ته هن جا همعصر يا پهرين وارا شاعر فارسيءَ جا قصه برزبان ياد ڪيون ويٺا هيا ۽ پاڻ لکڻ ۽ پاڻ سمجهڻ جي ريت نڀايون پئي آيا. ان ماحول ۾ بيوس جي شاعري هوا جو اهو جهونڪو بڻجي آئي جنهن ان غلط رخ ۾ لڙهندڙ شاعري جي ٻيڙي کي اصل رستي طرف لاڙيو ۽ تاريخ بڻجي ويو. سنڌي شاعري ءَ ۾ جدت جو ڏيئو ٻاريو، جنهن کي اڳتي هلي شيخ اياز سج جيان روشن بڻايو.

ولادت ۽ حسب نسب:

سنڌ جو عوامي شاعر ۽ جديد سنڌي شاعريءَ جو باني ڪشنچند تيرٿداس کتري، تخلص "بيوس" سن 1885ع ۾ لاڙڪاڻي جي زرخيز زمين تي پهرين اک کولي، سندس پڙڏاڏو ملتان مان لڏي اچي لاڙڪاڻي ۾ رهيو هو، ان ڪري ئي سندن ملتان سان ويجهڙو تعلق پڻ رهيو. بيوس کي ٻه ڀينر ۽ ٻه ننڍا ڀائر هياءِ اولاد ۾ ٻه پٽ ۽ چار نياڻيون اٿس.

تعليم ۽ پيشو:

ننڍپڻ ۾ ئي سنڌي اسڪول ۾ داخل ٿيو، جتان سنڌي فائنل پاس ڪيائين، انگريزي، فارسي ۽ هندي تعليم پڻ حاصل ڪيائين، استادي پيشو اختيار ڪيائين جنهن سان مرڻ گهڙيءَ تائين نڀايائين. هو هڪ اعليٰ آدرشي

استاد هو، هن رام پنجواڻي ۽ هري دلگير جهڙا شاعر ۽ اديب پيدا ڪيا. گهڻو وقت وليد اسڪول لاڙڪاڻي ۾ تعلقي ماستر ٿي رهيو، پوءِ شاهه محمد اسڪول لاڙڪاڻي جو هيڊ ماستر بڻيو، جتان فيبروري 1940ع ۾ رٽائرڊ ٿيو.

طبيعت ۽ تخلص:

نماڻپ ۽ نهٺائي هن جي طبيعت ۾ ننڍپڻ کان ئي شامل هئي، شرميلو ۽ حجابي رهيو، ايتري حد تائين جو جڏهن به ڪيس ڪنهن شاعرانه محفل ۾ شعر پڙهڻ لاءِ گهرايو ويندو هو ته پاڻ نه ويندو هو پر پنهنجو شعر موڪلي ڏيندو هو.پنهنجو تخلص ” بيوس” شايد ان ڪري به مناسب سمجهيائين جو هن سمجهيو ٿي ته انسان ڪيترو به با اختيار ڇو نه بڻجي وڃي پر فطرت جي آڏو ڪٿ نه ڪٿ بيوس بڻجي ويندو آهي.اهو ئي سبب آهي جو پاڻ کي بيوس، ويچارو، نماڻو، مسڪين ۽ نبل ڪوٺرايو.

سياسي ۽ سماجي لاڙو:

بيوس مهاتما گانڌيءَ جو پوئلڳ هو ۽ ڪانگريس سان وابسطه رهيو، گانڌيءَ جي نظريئي موجب هميشه کاڌيءَ جا ڪپڙا پائيندو هو ۽ ديسي شيون استعمال ڪندو هو. گانڌيءَ لاءِ هي شعر چيو اٿس:

”سملي جي اوچائيءَ وارو، اوچو تنهنجو شان گانڌي
چوٽ بلنديءَ تي پهچايو، ڪانگريس نشان گانڌي”

گانڌيءَ کان پوءِ بيوس رابندرناٿ ٽئگور جي شخصيت مان متاثر هيو، ٽئگور جو ڪتاب ”ساڌنا” سمجهڻ ۽ پڙهڻ خاطر بيوس باوجود وڏيءَ عمر هجڻ جي انگريزي سکيو. هر آچر تي پنهنجي سنگت کي ٽئگور واري سکيا ڏيندو هو ته دنيا جي هر نظاري مان خوشي ۽ آنند ڪيئن حاصل ڪجي، حياتيءَ جي هر پهلوءَ مان راضپو ۽ سک ڪيئن تلاشجي. مصيبتن جو مرڪي مقابلو ڪرڻ جو درس هن طرح ڏنو اٿس:

”اڪ لڙڪ سان، منهن مرڪ پريو ياد ڪنداسين فرحت پري دنيا ۾ نه فرياد ڪنداسين.“

شوقيه پيشو:

استادي کان علاوهه بيوس حڪمت جو ڪم به ڄاڻندو هو، جيڪو ڪيس ورثي ۾ مليو هو. رٽائرمينٽ کان پوءِ بيوس ” هوميو پيٿي“ طريقي سان حڪمت شروع ڪئي هئي، اڄ جي ڪاسائي ڊاڪٽرن جيان نه هو، غريب غربي جو مفت علاج ڪندو هو.

بيوس جو حڪمتي رايو هو ته ڳائو ڪير ڪائڻ سان ڪمزور ٿيل نظر پيهر تيز ٿي سگهي ٿي، ان ڪي نظر ۾ رکندي بيوس هڪ ” ياڳيا اسڪيم“ ٺاهي هئي، جنهن لاءِ لاڙڪاڻي جي ويجهو پلاٽ به خريد ڪيو هئائين پر زندگي جي بي وفائي ان اسڪيم ڪي اڌ ئي رهيل رکيو.

شاعري ڏانهن لاڙو:

ڏات ته بيوس جي من اندر اوتيل هئي ۽ ڏانءَ کان روشناس ٿيندو رهيو پر سن 1900ع ۾ قوهه جواني کان شاعري جي شروعات ڪيائين، شاگردي دور ۾ هڪ رات برسات جي ڇم ڇم کان متاثر ٿي شعر لکيو هئائين ۽ لکندي لکندي ڪرسيءَ تي ئي ننڊ اچي ويس، جيڪو رات جو ئي هاسٽل سپريڊينٽ پڙهي ورتو ۽ صبح جو پنهنجي آفيس ۾ گهرائي پنڻي ٺپيندي چيو هئاينس، ” بيوس! ڪنهن ڏينهن اعليٰ درجي جو شاعر ٿيندين.“

اهو شعر هتي پيش ڪجي ٿو:

”اڄ، مڙي بادل ڪڙي آيا، تڙي ٽانگر به خوب پٽ چڙي ٺاري نڙي، گهر ۾ گهڙي ٽڏڪار ۾.“

شاعريءَ جا موضوع:

بيوس جي شاعريءَ ۾ هر فڪر ۽ خيال سمايل آهي، پر ان وقت جون سماجي ۽ سياسي تبديلين جو اثر پڻ هن جي شعر تي نظر اچي ٿو، هتي انهن مان ڪجهه جو مختصر ذڪر هتي پيش ڪريون ٿا.

1. **قومي جذبو:** بيوس جي زماني ۾ خلافت هلچل، ڪانگريس تحريڪ، آزاديءَ جي تحريڪ، هاري حقدار هلچل، هندو مسلم ايڪتا ۽ ٻيون تحريڪون هليون پئي، ان ڪري بيوس جي شعر ۾ پڻ قومي درد جو جذبو موجود آهي.

" اهي مائرون ڀلي مرڪن، جي ٻاروتن ۾ لولي ڏين
ته صدقي ديس تان تن من، ڪرڻ جهڙي نه ٻي خدمت.
چڙي واپار ڌنڌن کي، ڏئي تالا مدرسن کي
اچن گڏ ملڪ جي سڏ تي، ڦٽائي عيش ۽ عشرت"

2. **روحانيت ۽ تصوف:** بيوس جي ڪافين ۽ ڪتاب "سامونڊي سپون" ۾ صوفي فڪر تي طبع آزمائي ٿيل آهي،

"پڇري آدم دي وچ ڪيئن آئين، هئين ته شير خدائي يار
هئين ته مرغ هوائي يار"

بيوس طبيعتن ٻي فقير منش هو، حقيقي يار جي ڳولا ۽ ان سان ملڻ جي تڙپ هن جي شعرن ۾ نظر اچي ٿي.

" لالڻ لقاءُ تنهنجو، هر جا نظر اچي ٿو،
توکي ڏسان ته آڏو، دشمن اگر اچي ٿو."

.....

" گهُر نه هرگز، گهرج اندر ناقصائي جو نشان
فڪر بيوس ڪر فنا، طلب و تمنا واسطي."

3. **جيون ڪوتا:** بيوس گرونانڪ جي جيون ڪوتا پڻ رچي، ان کان علاوه تلڪ مهراج، ڀڳت ڪنور رام، وشنداس قمبر واري، راڻي پرتاب سنگهه

۽ ٻين جي زندگيءَ تي مرثيا ۽شعر چيا اٿس. وشنداس قمبر واري جي پرلوڪ پڌارڻ تي هي:

" هو هليا هنگلاج ڏي، سامي سفر پورو ڪري،
ٿو قمبر ڪيهون ڪري، اڄ ڳاٽ ڳوڙهن سان پري."

4. **فطرت:** فطرتي منظرن جي عڪسيت يا محاڪات ٻيوس جي شاعري ۾ جيئي جيئي نظر اچي ٿي، هتي ڪجهه مثال بيان ڪجن ٿا.

" ڪير ڌرتيءَ تي وهائي، ٿي سهائي راتڙي"
"سبز پوشي، مخملي تهه، آهه ڌرتيءَ تي چڙهيو."
"واسينگ ڦڻ پٽن ٿا، هڪ ٻئي سان مڻ مٿن ٿا."
"سهٽا لغڙ سدائين ٿو انڊلٺ مان ٿاهين!"
" جڏهن وٽن ۾ واءُ اچي ٿو، پن پن مان پڙلاءُ اچي ٿو."
" ساهه اندر جو ساهه ڪڄي ٿو، ٻيوس من ۾ ناد وڄي ٿو."

5. **موجي گيت/ٻاراڻي شاعري:** حياتيءَ جا پويان 10 سال ٻيوس ٻاراڻي شاعري ڪي ارپيا، ٻارن لاءِ لکيل سندس اهي گيت ايترا ته سولا ۽ ترنم ۽ رڌم سان ڀرپور آهن جو درسي ڪتابن کان وٺي سنڌي گيتن تائين ٻيوس ئي ٻيوس نظر اچي ٿو.

" ڦوڪي ڦاڙ نه ڦوڪٽو، منهنجو اهي ملوڪڙو"
" اچو ته ننڍڙي ريل هلايون، ٻاهه ٻبوءَ ۾ دود دکايون"

" آءُ لهي تون تارا آءُ، مونسان گڏجي ماني کاءُ،
جو مچڪائين خالي وات، ٽمڪ ٽمڪ تاريلي رات."

"تارن ۾ تولاءِ گهڙيال، وقت جو جنهن مان جاچين حال."

”منڙا گهوڙا اوري آءُ، خوب خوشيءَ سان داڻو ڪاءُ.“

” آيو پاڻي ليٽ ڪري، ڪاغذ جي هي ٻيڙي تري، ڪاريگر جي ڪاڻ نه ڪائي، مون هيءَ پنهنجي پاڻ بنائي، ڦوڪ ڏيڻ سان لهرون ٺهنديون، ٻيڙيءَ کي سي اڳتي نينديون، ڪين ڪمائي ڀاڙو ڏيندي، مفت ۾ ايندي ، مفت ۾ ويندي.“

6. سماجي برائين خلاف شاعري:

ٻيوس وياج، زميندار جي داداگيري، جوا، شراب، بيروزگاري، ڏيءُجنم ۾ ٻين سماجي برائين کي پڻ پنهنجي شاعري جو موضوع بڻايو آهي.

”خون مسڪيني تي چوسيو، سَودخورن چور جيان، گهرج جي گهوٻي لڳي ۾ وياج جو وارو وريو.“

”جي زميندار پليا تنهنجي پگهر پورهئي تي، سي سگهيا قدر نه تنهنجو سڃاڻي ڪڙمي.“

”چار پيسا تيل ڪاتي، چار ڏوڪڙ تيل تي، تي لڳي ڪوٺي ڪٽت ۾، تي بٽيو ڪوٺو ڪنڊو.“

”هن طرح حاصل ڪيل، تعليم ڏيوالو ڏنو، مُور موڙيءَ جو ته ڇڏ، پر وياج جو لاهي نه بار.“

” تنهنجي جمڻ تي، تو وڃي راڪاس گهر گهمي، تنهنجو پلڻ، جيئڻ، نپڻ، جنجار استري.“

”ڪٽندڙ جو ٿئي اڌ منهن ڪارو،
هارائيندڙ جو سارو ڪارو.“

7. **ناصحانه شاعري:** بيوس قدرت جي عام نظارن کي به اهڙي ته دلڪش منظر ۾ تبديل ٿو ڪري جو دل ٺڏڙي هير بڻجي، اسر ويلي باغ ۾ ڇپر تي پنڌ ڪندي نظر اچي ٿي. قدرتي جيت جڻين جي تمثيل کي جيئرو ڪرڻ ته ڪو بيوس ڪان سکي. تڏ ۾ ماڪيءَ جي تمثيل مان ڏکين ڏينهن لاءِ جمع ڪرڻ جو سبق ڏنو آهي. سندس هڪ ٻيو نظم ” آڳريون ۾ منڊي“ پڻ وڏائي نه ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو. دورانديشي ۾ نياز نوڙت تي لکيل بيوس جا مٿيان ٻئي نظم ناصحانه شاعري جو مثال آهن.

ادبي ملڪيت/سرمايو:

سندس هيٺيان ڪتاب ملن ٿا. ”شيرين شعر“، ”ساموندي سپون“، ڦولداني“، ”شعر بيوس“، گرونانڪ جي جيون ڪوتا“ جن کي گڏي سيد محمود شاهه بخاري پاران 1991ع ۾ سندس ڪليات ” ڪلياتِ بيوس“ جي نالي سان شايع ڪرايو ويو.

نثر جا موضوع:

بيوس شعر سان گڏوگڏ ڪيترائي ناٽڪ پڻ لکيا. جن ۾ ”سورداس“، ”خوبصورت بلا“، ”پرت پوڄارڻ“، ”هرشچندر“ ۾ پرهلادليلا قابل ذڪر آهن، بيوس جا لکيل ڊراما گهڻي قدر هندي ۾ اردو ڊرامن جو ترجمو آهن. بيوس جيڪي به ترجما ڪيا يا نثر لکيو، ان ۾ به سندس ٻولي ٺيٺ سنڌي ۾ انداز شاعراڻو هيو، ايتري حد تائين جو مڪالمن ۾ به تجنيس حرفي جو بار بار استعمال ڪري موضوع ۾ مڪالمي ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو.

موڪلاڻي:

جيون جي پوين سالن ۾ اڪيلائي پسند ٿي ويو، لاڙڪاڻي جو ”گيان باغ“ سندس آرام ۽ سڪون جو مسڪن رهيو، پويان ڏهه سال ٻارن لاءِ گيت لکيائين. خلق خدا جو ڀلو سوچيندي آخر 23 سيپٽمبر 1947ع تي پرلوڪ پڌاريائين.

جديد سنڌي شاعري جي شروعات:

ٻيوس جا همعصر يا اڳ وارا جيڪي ٻه مشهور ۽ نالي چڙهيا شاعر هيا، تن ۾ سواءِ خليفي گل محمد جي، سڀني جي ترڪيبن، تمثيلن، تشبيهن، استعارن ۽ عڪسن ۾ ايراني شاعري جو رنگ ڪوٽان ڪوٽ ڀريل هو. جن ۾ قاسم، فاضل ۽ حامد ته قابل ذڪر نالاآهن. فارسي شاعريءَ کي افضل سمجهڻ ڪان وٺي، ان جي اثر ۾ طرحي مشاعرا ڪرڻ ۽ پاڻ کي فارسيءَ جو ڏاهو پيش ڪرڻ واسطي فارسيءَ جا ڏکيا لفظ چونڊي چونڊي پنهنجي شعر ۾ شامل ڪرڻ کي باعثِ فخر سمجهيو ويندو هو.

حامد ۽ سانگي وغيرهه سسئي ۽ مارئي ءَ کي ڳائيندي ٿري ۽ لوڪ رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر پوءِ به ان ۾ ڌرتيءَ جو رنگ شامل ٿي نه سگهيو پر ايرانيت واري ڌاريائپ جي ڌپ پئي آئي. ايراني اصطلاح جهڙوڪ، گل و بلبل، ساقي پيماني، چمن گلستان، باغ و گلشن ۽ محبوب جي خدوخال ۾ مصروف هيا.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سنڌي شاعريءَ ۾ ايراني، عربي ۽ ترڪستاني شاعري مان نيون صنفون، خيال، فڪر ۽ خاص علم العروض داخل ٿيو پر ان جو مطلب اهو هرگز نه هجڻ کپي ها ته انهن شيرازي گلستانن ۽ عربي خيابانن ۾ سنڌي شاعر ايترو گم ٿي وياجو ڪانئن پنهنجي ڀلاري ڀونءِ جو جوبن، ماروئڙن جا مال، غريبن جون جهوپڙيون جن مان جڏهن صبوح جو سج لڪي ليئا پائي، ڪوهه ۾ ٻڏل نار، وڻجارن جي ونين جو اڪيلاين سان ونواهه، انبن جي ٻور مٿان وينل چِتون، ڪينجهر ڪان ڪارونجهر جو حسن، ڀٽن تي ٿلندڙ مور پکي ۽ منڇر جي پيٽ ۾ اڏامندڙ پکين جا نظارا سڀ وسري ويا.

ان دور جي بيئل پاڻي ۾ بيوس مسلسل ڪنڪر اڇلي هڪ تحرڪ پيدا ڪيو، جيڪو اڳتي هلي سنڌي شاعري ۾ تبديليءَ جو سبب بڻيو. انگريزي ادب ۾ وليم ورڊس ورٿ ۽ سيميوئل ڪالرج جيئن بيوس به سنڌي ادب جي آبياري ڪئي ۽ ان ۾ تازگي آندي ۽ شعر ۾ قدرتي نظارن ڪان وٺي مٽيءَ جي خوشبو تائين پنهنجي ئي ڌرتيءَ جو رنگ رچايو. جنهن کي پوءِ شيخ اياز ۽ ان جي همعصرن عروج تي پهچايو. اسان ڪشنچند بيوس کي جديدسنڌي شاعريءَ جو وليم ورڊس ورٿ چئي سگهون ٿا.

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ڪشنچند بيوس جو ڪردار:

بيوس سنڌ جو پهريون شاعر آهي، جنهن گل و بلبل جهڙن بي روح ايراني اصطلاحن کي پيرن هيٺان چيپاٽي وليم ورڊس ورٿ جيان قدرت جي نظارن کي شاعريءَ جو موضوع بڻايو. هن تقليد پرستيءَ جي قطار مان ٻاهر نڪري غير مقلد ٿي ”انالحق“ جو علم بلند ڪيو. بيوس جي شروعاتي شعر تي فارسي جو اثر پڻ رهيو پر هن عظيم استاد پنهنجي ڌرتيءَ جي لوڪ رنگ کي پنهنجي موزون شعر ۾ عڪسي نئين روايت قائم ڪئي.

جاري روايتي راند جا وکر ٽوڙي فارسي ۽ عربيءَ جي مقلدن جي صف مان ٻاهر نڪري آيو ۽ پنهنجي سنهنجي جو اصول اپنايو. هن جي ئي نغمن ڪان جديد فطري ۽ قومي شاعري جو دور شروع ٿيو. ان وقت جي وڏن عالمن ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ علامه دائود پوٽي ان کي شعر جي تاريخ جو انقلاب ڪوٺيو. بيوس نقل تان اصل ڏي لاڙو ڪيو. جديد خيالات ۽ ڪي قدر ترقي پسند لاڙا متعارف ڪرايا. بيوس پنهنجي شعر ۾ ادبي خوبين/فن/فڪر/صنعتن تي پڻ ڌيان ڌريو.

پراڻي دور واري شاعري سڀ جي سمجهڻ جي وس جي ڳالهه نه هئي بيوس فن جي پختائي کي هلڪو رکندي به خيال جو خاص خيال رکيو، هن جو لهجو اوپرو نه پر پنهنج لڳي ٿو. هن جي شعر ج نرم نرم ڇهاءُ من اندر ۾

لهي وڃي ٿو اهو ئي سبب آهي جو اڄ جا شاعر ٻيو ٻيوس جي ڇهيل موضوعن تي عروضي شعر لکي پنهنجو نالو ڪمائڻ پيا.

❊❊❊

عقل نِنڊڙو ٻار

فطرت ۾ فطرتي حُسن جو موهه، هر حُسن پسند ماڻهوءَ لاءِ ڪشش جو سبب رهيو آهي. شاعر ويچارو ته هوندو ئي حُسن پسند آهي. جِتي جلوو جوت جمال نظر آيو، اُتي ئي اَڙي بيهي رهندو، خيالن ۾ غرق ٿي فنا ٿي ويندو. پوءِ جڏهن هوش ايندس ته زمان ۾ مڪان جي ڪا ڪَلَ ئي نہ رهندس. پنهنجي خودي ۾ آپي ڪان ٻاهر هوندو، پنهنجي هڪ الڳ دنيا جوڙيندو، جتان جا اصول هُن جا، جتان جي روشني هن جي، جتان جو ماحول هُن جو، جتان جي زندگي هن جي. شاعر، هن سماج جا انڪاري آهن. هو روپ ٻهروپ نٽا ڇاڻن، هو ظلم ٿيندو ڏسي تڙپي ٿا پون. هو انبياءَ سان مهاڏو ٿا اٽڪائين. هنن جي مزاحمت انقلاب ٿي آٿي وجهي، پر هي سماج انهن کي 'ديوانو' ٿو ڪوٺي. افلاطون به تڏهن پنهنجي ''تصوراتي رياست'' مان شاعرن کي گُلن جا هار پارائي الوداع ڪرڻ لاءِ چيو هئو، پر شاعر ته شعور جا پيامبر آهن. هُو هميشه گلاب آڇيندا آهن، پنهنجو وجود وڃائيندي نوان گس ڏيکاريندا آهن. ميٺ محبت ۾ انسانيت جي پرچار ڪندڙ هوندا آهن. الئه ڇو پوءِ به هن مطلبي سماج لاءِ اُهي ''ڇَريا'' آهن.

هن ڪائنات جي جنم جو هڪ سبب سونهن به آهي، ڇو ته خوبصورت هٿ ئي خوبصورت تخليقون ڏيندا آهن.

ڊاڪٽر سحر امداد حسيني پنهنجي ڪتاب ''شعور شاعر شاعري'' ۾ لکي ٿي:

"شاعري، شاعر جي زباني ادا ڪيل عقل، علم ۽ دانائيءَ جو گفتو آهي، يا وري ڪا نئين ڳالهه، ڪا نئين دريافت آهي. جڏهن لفظي مفهوم ۾ شاعريءَ جو ايڏو اعليٰ رُتبو متعين ٿيل آهي، تڏهن عملي طور اهڙي اعليٰ دريافت ڪي ئي شاعري چوڻ ۾ مڃڻ مراد آهي. هر ان شيءَ کي شاعري نٿو چئي سگهجي، جا محض بحر وزن يا ڇند تي پوري هجي، يا جيڪا محض رديف قافيي جي بندشن ۾ قيد هجي ۽ محض ردم ۽ نغمگيءَ ۾ پوري هجي، يا وري جديد دوَر

جي فئشن پٺاندر ننڍين وڏين سِٽن جي ٽڪرائن ۾ ورچيل هجي. ان ڪري اسين پوري يقين سان چئي سگهون ٿا، تہ ڪنهن به تحرير جي آسي پاسي گهٽو اچو پنو ڇڏڻ سان اُها شاعري نٿي ٿي وڃي. ڪنهن بہ تحريرجي ’’شعر‘‘ بڻجڻ لاءِ محض اهو ڪافي ناهي، ’’شعر‘‘ جي بنيادي گهرج ’’شعور‘‘ ئي آهي.‘‘

اهڙي ئي ديواني، باغي قبيلي جو فرد آهي **’’سرڪش‘‘ ناريجو.** سرڪش ناريجي اجا نئون ديوانگيءَ جي دنيا ۾ پير پاتو آهي. سندس ڪوِتائون اجا بلنديءَ جو طواف ناهن ڪري سگهيون. فني پاسو انتهائي ڪمزور پر خيال ۽ فڪر ۾ گهري پختگي نظر ايندي. سندس تڙ تڪڙ ۾ ڪتاب آڻڻ پنيان ڪي سبب آهن، جن سببن سندس ننڍون ڦتائي رکيون آهن. سرڪش ناريجو تخلص جي لحاظ کان ’’سرڪش‘‘ آهي، جيڪو ناميا ري مزاحمتي شاعر ’’سرڪش سنڌي‘‘ کان متاثر ٿي استعمال ڪيو اٿس، پر مزاج ۾ نهايت حليم ۽ گهٽ ڳالهائو آهي. شاهه لطيف ته چيچ پڪڙي اعلان ڪري ورتو هو ۽ پوءِ ڪي ڇهرا ڏسي بي اختيار چئي وينو هو:

’’جهڙا گل گلاب جا، تهڙا متن ويس‘‘

پر هي سرڪش ويچارو فقط تڏيون آهُون پريندي، ڪجهه به نه چئي سگهڻ جي حسرت ڪٽي هي ڪوِتائن جا ڪاڳر ڪيس ارپنا ڪرڻ ٿو چاهي. جڏهن ڪا ڳوٺاڻي اجرڪ ۾ ڪنوار جي روپ ۾ ٿو ڏسي ته بي اختيار ٿو چوي:

“ڪيو مان پيار هُن سان،
ڪري نه سگهيس اظهار هُن سان،
زندگي تمنا ۾ گذري ويئي،
ڪيان ڪيئن اقرار هن سان.

سرڪش جو روح، تن، من سندس تعاقب ۾ رُلي ٿو، ڳولا اٿس هُن جي، روبرو ڏسي ٿو ته ڪجهه قرار مليس ٿو، نه ته ڳولا جي تڙپ هڪ جاءِ ويهڻ نٿي ڏئيس:

سرڪش تي پوي، تنهنجي دائريءَ جيان،
روز چـــــپ چـــمـــي، روز ڳالهيون ڪـــــــــــــــــري.

ڳولا جي تڙپ ايتري ته آهي جو ڪيس هر لمحي جي خبر آهي:
سهڻي سوير سُتي آهي،
مون خوابن جي پري مُڪي آهي.
هوءَ ننڊ مان اُٿي ناهي،
ڪاليج ڪان شايد ڇُٽي آهي.

هن جي محبوب ڪا گليمر پسند شهري اپسرا ناهي، پر هو ان ڳوناٽيءَ جي سادگيءَ ۾ گُم آهي، جيڪا گهر ۾ نِم هيٺان ويهي راند به ڪيڏي ٿي ته سهيلين سان ڪينچل پڻ ڪري ته ٻنيءَ تي جهار پڻ هڪلي ٿي:
اڪ ڪي سج ڪري بينو ڏسان هن ڪي،
ڪچڙي اُس ۾ بيهي، جڏهن جهار اڏاري ٿي.

ڳوناٽي جيڪا سونهن سينگارن ڪان پري آهي، پرفيوم، اسپري ۽ سرخين ڪي ڏسي به نٿي، تڏهن به اها ماحول ڪي هن طرح معطر پئي ڪري:
هن ڪي ڪهڙي گل سان ڀيٽيون،
هن جي خوشبوءِ سڀ ڪي ماري ٿي.

شاعر ڪي پنهنجي ان پيار تي ايترو فخر آهي جو علي الاعلان چوي ٿو:
ڇڏي شهر جون ڇوريون، ڪئي آ يار ڳوناٽي،
سڏي نم هيٺان، ڪري تي پيار ڳوناٽي.

سرڪش ڪي ايترو يقين آهي، جتي هوءَ هوندي، اُتي خوشحالي هوندي. اتي ”مَـــرُ پيا مينهن وسندا“:

هوءَ ڪالهه چا واريءَ تي گهمي،
بادل اچي ٽر تي اُتو آهي.

يا وري هُن جو مليل زهر به ترياق جيان آهي، هيٺ ملاحظه ڪريو:

رندو اوهان ڪي شراب تکو ٽو لڳي،
هُن جي هٿن سان پي، ٿُوهه به مِٺو آهي.

هر ڳالهه پياري، پر ڪيس اها سڌ پڻ ضرور آهي ته اها ڳوٺاڻي ڇوڪري هڪ وڏي چار ۾ قاتل آهي ۽ اهو چار آهي غربت جو، وڏيري جي ظلم جو – وحشي پٽي جو:

وِڪجي ويئي ساون نوٽن تي،
هن خوشيءَ جي ميندي لڳائي نه هئي.

. . .

ڪاليج ڪان جڏهن موٽي،
چپن تي هيس خشڪي!!

سرڪش ناريجي جي شاعريءَ جو ٻيو پاسو ڌرتيءَ سان دل وارو آهي. هُن وٽ روشن آئيندي جا خواب آهن، پر قوم جي ننڊ کان به باخبر آهي:

سنڌ ننڊٽڪي ناهي پرين،
چا ڪجي قوم ننڊ تي ڪري.

. . .

پل ته مدينو مون ڪي سڏي،
ڪونه ويندس سنڌ ڪان پري.

. . .

ڪيئن مان توڪي پاڪر پايان،
مان ڌرتيءَ جو غدار ته ناهيان.

انتها پسنديءَ جا ڪڪر ڪيس سنڌ تي به وسندي نظر پيا اچن. انهيءَ امڪان ۾ چئي ويٺو آهي ته:

گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ لاشن ڍير،
سنڌ آ يا افغانستان آهي؟!

...

ڪراچيءَ تي قبضو، دهشت جون ڪاهون،
بم گوليءَ جو آواز وڏو، ٻڌي نه ڪو ٻارن جون آهُون.

هر باشعور شاعر جيان سرڪش ناريجو به انسان کي اُتم سمجهي ٿو. هو انسان ۽ انسانيت جو پيروڪار آهي. هو رنگ ۽ نسل کي فوقيت نٿو ڏئي. هو دنيا کي ٻن حصن ۾ ٿو ورهائي؛ هڪ حاڪم، ٻيو محڪوم – هڪ ظالم، ٻيو مظلوم – هو مظلومن جو ساٿي آهي ۽ ان جو اظهار ڪجهه هن ريت ٿو ڪري:

جا انا اسان جي اندر ۾ آ،
سا انسان جي دل ڏکائي پئي.

...

تون روز ٿو مارين مارو منهنجا،
مان هٿ هي تو ڏي کيئن وڌايان.

...

هي فطرت آهي ماڻهوءَ جي،
جا ماڻهن ڪنڌ ڪپائي پئي.

...

مزدور اسان جا ماري، پيٽ وڏيرا پالن ٿا،
’سرڪش‘ هاڻ وڏو ڪري، چيير ته اهڙن ڏادن ڪي.

ڏرتيءَ جي گولي تي، ڪٿي به، ڪنهن جو گهر جلي ٿو ته انسان دوست شاعر جو اندر پڻ جلي ٿو. اگر ڪنهن معصوم جي ماءُ مري ٿي پوي ته هن جي به اندر جي ڪائنات ڀسم ٿي ٿي وڃي:

پکيءَ جا ٻچا پيا چيڪن،
جهُڳي ڪنهنجي ته جَلي آهي،
روج پاراتا پيا ٻڌجن،
ماءُ ڪنهن جي ته مَئي آهي.

سنڌ جو ڀلوڙ راڳي مريد عباس ڪٽپر جيڪو اهڙي ئي وحشي سماج ۾ ڪنهن ڇوڪريءَ جي نالي تي ماريو ويو، ان لاءِ سرڪش چوي ٿو ته:

هوءَ ڪِلي خوش ٿي گذاري پئي،
جنهن لاءِ ماڻهن مريد کي ماريو.

اهڙي ڪيفيت جڏهن سماج جي مخالف هن باغي شاعر تي طاري ٿئي پئي ته هو پنهنجو فڪر ياد ڪندي، پنهنجي ديوانگيءَ جي دنيا ڏانهن موٽڻ جو اظهار ٿو ڪري:

پنهنجو پاڻ پلي ويندس،
توکان دور هليو ويـــندس.

ان ئي ڪيفيت ۾ ڪيس معلوم ٿي چڪو آهي ته:

عقل ننڍڙو ٻار،
عشق دريا تار،
ڪندو ڪيئن پار،
عقل ننڍڙو ٻار.

سرڪش ناريجي جا نثري نظم پنهنجي خيال ۽ جوهر ۾ انتهائي پختا آهن، جيڪي سندس فڪر ۽ خيال جي اڏام کي ظاهر ڪن ٿا. **”عيد جي رات“** ۾ ننڍڙي معصوم نينگري جڏهن ماءُ کي اهو چوي ٿي ته امان مون کي منهنجو

ڦاٿل چولو سبي ڏي، سياٽي عيد آهي، متان ماٺهو مون تي کِلن. يا هيءُ اظهار ته ”**هوءَ هاريءَ جي نياڻي – وڏيري جي گهر نوڪرياڻي.**“ سندس نثري نظم ۾ ”ڪکن پنن جي جهوپڙي“ پڻ اهڙو تاثر ڏيندڙ آهي.

سرڪش ناريجي جو هيءُ پورهيو سندس شروعاتي وکون آهن. ڪنهن ”خاص مقصد“ خاطر شايع ٿي رهيو آهي. سندس فن ۾ ڪيئي جهول آهن، پر تنهن جي باوجود سندس هن ڪوشش کي ٻار جي پهرين وک جيئن، پوءِ ڀلي اُها سڦلتا نه ٿي هجي، ڏٺو وڃي. اميد اٿئون ته سندس ايندڙ وکون ڀرپور ۾ فن جي پورائي سان هونديون.

اڇو ته سنڌي ڪمپيوٽنگ جا سهڪاري بڻجون!

سنڌي ڪمپيوٽنگ هڪ اصطلاح آهي، جنهن جو مطلب ۽ مقصد ڪمپيوٽر تي سنڌي جو استعمال آهي يعنيٰ ڪمپيوٽر کي سنڌي ٻوليءَ لاءِ استعمال ڪرڻ ۽ ان مان ٻوليءَ جي ڀلي لاءِ فائدو حاصل ڪرڻ.

ڪمپيوٽر کي مادري ٻوليءَ ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ سنڌي ڪمپيوٽنگ جي اڻ اعلانيل آرگنائيزيشن ڪمپيوٽر جي دنيا ۾سنڌي ٻوليءَ لاءِ گهٽو ۽ ڪافي عرصي کان ڪم ڪري رهي آهي. ڪمپيوٽر ۾ سنڌي ٻوليءَ کي آڻڻ لاءِ گهڻن ئي ماڻهن ڪوشش ڪيون، جيڪي ڪنهن حد تائين ته ڪامياب ويون پر اهي ڪوششون فقط عربي ايڊيشن جو جڳاڙ هو ۽ انهن ڪوشش جو مقصد ڪاروبار هيو، پر محترم جناب عبدالماجد ڀرڳڙي صاحب جيڪو 1984ع کان وٺي سنڌي ٻوليءَ کي ڪمپيوٽر ۾ آڻڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. جنهن جي بدولت ٻين آپريٽنگ سسٽمن سان گڏ "ونڊوز آپريٽنگ سسٽم " لاءِ "ايم بي سنڌي " نالي ڪيبورڊ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري کان پاس ڪرايو، جيڪو سنڌي اخبارون ، رسالا ، ڪتاب ، ويب سائيٽون ۽ ٽي ويءَ جي ڪمن لاءِ ڪافي مدد ڏئي رهيو آهي .وري اهڙيءَ طرح ان ڪيبورڊ جي سپورٽ تي خوبصورت ۽ پيارن فونٽ جي شروعات ٿي ، جنهن ۾ ڪافي دوستن پنهنجا پنهنجا فونٽ تيار ڪيا. جن ۾ عزيز مگريو، احمد سومرو، شبير ڪنڀار، عبدالستار زرگر ۽ ٻيا شامل آهن پر سڀ کان وڌيڪ ثناءَ الله منگٽيجي جي فونٽس کي مقبوليت ملي. ان سان گڏوگڏ سنڌ يونيورسٽيءَ جو ليڪچرار محترم جناب ڪرشن ڪمار لوهاڻي هڪ سنڌي ٽو انگلش ۽ انگلش ٽو سنڌي ڊڪشنري ترتيب ڏني. جيڪا به سنڌين لاءِ باعث مسرت آهي

سنڌي ڪمپيوٽنگ مان فائدا :

سنڌي ڪمپيوٽنگ هڪ اداري جي حيثيت وٺي چڪو آهي، جنهن جو باني سائين عبدالماجد ڀرڳڙي آهي ۽ سموري سنڌ توڙي ٻين ملڪن جا سنڌي ميمبر آهن، سنڌي ڪمپيوٽنگ جو استعمال ڪمپيوٽر استعمال ڪندڙ ئي ڪن

ٽا پر هن جو لاڀ سيني سنڌين کي مليو. جيئن اسان جي ٻولي ڪمپيوٽر جو حصو بڻجي ٿي، ٻوليءَ جي ڪتابن جي ڇپائي اعليٰ معيار سان ڪمپيوٽرائيزڊ ٿئي پئي، اسان جو ادب ڇپجي عالمي مارڪيٽ ۾ پهچي ٿو، سنڌي ٻولي جو يونيڪوڊ تيار ٿيڻ سان سون جي تعداد ۾ سنڌي ويب سائيٽون تيار ٿيون، جن تي سوين سنڌي سنڌي ڪتاب آنلائين ٿيا، جنهن ڪري سنڌي ادب اليڪٽرانڪ شڪل اختيار ڪئي. شاهه جو رسالو، سچل جو رسالو، مضمون، ڪهاڻي ڪتاب، شاعري جا ڪتاب، سفرناما ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه انٽرنيٽ جي زينت بڻيو. سنڌي ڪمپيوٽنگ جا جتي اجتماعي فائدا آهن، اتي ميمبرن کي انفرادي فائدا پڻ آهن، جيئن سنڌي ۾ ادبي ۽ معلوماتي ويب سائيٽون يا فورم ٺاهيندڙ دوستن کي ڪمرشل مارڪيٽ ۾ سڃاڻپ ملڻ جو سبب سنڌي ڪمپيوٽنگ ئي آهي.

سنڌي ڪمپيوٽنگ مان شاگردن کي فائدا:

ايشيا جي عظيم ڏاهي محمد ابراهيم جويي چواڻي ته بنيادي تعليم مادري ٻوليءَ ۾ ئي ڏني وڃي ، اهڙي طرح سنڌي شاگردن لاءِ معلومات حاصل ڪرڻ جو جديد ذريعو انٽرنيٽ ئي آهي ، سنڌي ۾ سوين ويب سائيٽون ۽ فورم ٺهڻ ڪري سنڌي ٻوليءَ جو گهڻو مواد اليڪٽرانڪ شڪل اختيار ڪري چڪو آهي، جنهن سان اهي گوگل جي ويب سائيٽ تان سنڌي ۾ مواد سرچ ڪن ٿا، جنهن سان انهن جون تعليمي ضرورتون پوريون ٿين ٿيون. ضرورت آهي ته گهڻو تعليمي مواد اليڪٽرانڪ شڪل ۾ سنڌي ويب سائيٽن تي رکيو وڃي.

سنڌي ڪمپيوٽنگ جو باني :

سنڌي ڪمپيوٽنگ جو باني محترم عبدالماجد ڀرڳڙي آهي، جيڪو شهدادڪوٽ کان ڏهه ميل پري هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ 1948 ۾ ڄائو ـ ننڍپڻ

۽ تعليم وارو عرصو لاڙڪاڻي ۾ گذرايو جتي سندس والد صاحب، عبدالغفور پرڳڙي، پنهنجي وڪالت جي ابتدا ڪئي.

پوين ويهن ورهين کان رهائش آمريڪا جي شهر سياٽل ۾ اٿس.

1983۾ پهريون ڀيرو ڪمپيوٽر استعمال ڪيائين جڏهن يونيورسٽي آف ايريزونا مان ايم بي اي ڪيائين پئي. 1987 ۾ مئڪنٽوش استعمال ڪيائين جنهن تي پهريون سنڌي ڊيسڪ ٽاپ پبلشنگ ۽ ٽائپسيٽنگ سسٽم وغيره 1988 ۾ ٺاهيائين.

2000۾ ونڊوز تي پهريون ڀيرو يونيڪوڊ جي بين الاقوامي اسٽينڊرڊ جي آڌار تي سنڌي ڪمپيوٽنگ جو بنياد وڌائين. پوين ٽيويهن ورهين ۾ پنهنجي وس ۾ وت آهر مڙيوئي پئي ڪوشش ڪري پيو ته ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي کي سنڌي لاءِ قابل استعمال بڻائي، سنڌي جي ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ تي استعمال کي ترويج ڏي ۽ ترقي وٺرائي.

محترم عبد الماجد پرڳڙي مائڪرو سافٽ ڪمپنيءَ سان ملاقاتون ڪري سنڌي ٻوليءَ کي يونيڪوڊ ۾ جڳھ ڏياري، هاڻ اسان ان قابل ٿي ويا آهيون ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اي ميل، ڪرڻ کان علاوه ويب سائيٽون ٺاهي ۽ ڊيٽابيس جو ڪم پڻَ ۾ ڪري سگهون ٿا. ونڊوز ايڪس پي ۾ يونيڪوڊ کي مڪمل سپورٽ آهي.

سائين عبدالماجد پرڳڙي جي ڪري ئي اڄ اسان سنڌي ڪمپيوٽنگ جي نالي کان واقف ٿيا آهيون، خدا کيس وڏي ڄمار عطا فرمائي.

سنڌي ڪمپيوٽنگ جي حاصلات:

هن وقت تائين هن ورچوئل آرگنائيزيشن طرفان سرڪاري پٺ ڀرائي نه هجڻ باوجود تمام اهم ترين ڪم پورا ڪيا ويا آهن، جن ۾ سنڌيءَ جو ڪي بورڊ لي آئوٽ، سوين سنڌي فونٽس، سنڌيءَ کان انگريزي ڊڪشنري، قران شريف جو سنڌي ترجمو، شاهه جي رسالي سميت ٻيا سون جي تعداد ۾ سنڌي اي

بوڪس ، ويب ايپليڪيشنس، سنڌي فورم ۽ ويب سائيٽون، ايپليڪيشن سافٽويئر، ڪمپيوٽر گيمز ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه.

مستقبل جون گهرجون:

سنڌي ڪمپيوٽنگ ڪي مستقبل ۾ تمام وڏا ڪم ڪرڻا آهن، جيڪي سرڪاري ادارن طرفان ٻولي جي نالي تي امداد ڪائيندڙ ڪامورن ۽ آفيسرن ڪان ڪين ٿيڻا آهن، انهن ۾ هڪ وڏو ڪم مڪمل آپريٽنگ سسٽم جو سنڌي ۾ هجڻ آهي. هتي اهو سوال اٿي ٿو ته ڇا واقعي اهو ممڪن آهي، ان سوال جو جواب آهي ته ها. هن وقت دنيا جو مقبول آپريٽنگ سسٽم ونڊوز آهي ، جنهن اندر سنڌي ٻوليءَ لاءِ يونيڪوڊ جي صورت ۾ سپورٽ موجود آهي، فقط ان ڪم ۾ دلچسپي ۽ عظم جي ضروت آهي، جيڪو سنڌي ڪمپيوٽنگ جي ميمبرن وٽ موجود آهي.

ٻي گهرج آهي موبائيل فون اندر سنڌي جي مخصوص اکرن جي موجودگي يا ٻوليءَ جي سپورٽ، ان سلسلي ۾ حڪومت ڪان ته ڪجهه ٿيڻو ڪونهي، باقي موبائيل سيٽ ٺاهيندڙ ڪمپنين ڪي سنڌين جي اڪثريت جو ڪاروباري فائدو سمجهائڻ لاءِ ڪنهن سنڌي ڪمپيوٽنگ جي مرد مجاهد ڪي ئي نوڪيا ۽ ٻين ڪمپنين سان لهه وچڙ ۾ اچي سنڌي جي سپورٽ انسٽال ڪرائڻي پوندي.

سنڌي ٻوليءَ جي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ هڪ ٻي گهرج آهي اسپيل ۽ گرامر چيڪ ڪرڻ واري ڊڪشنريءَ جو هجڻ، جنهن جو فائدو اهو پوندو جو اسان ڪي پروف چيڪ ڪرڻ وارو مٿي جو سور نه پوندو.

ان سان گڏوگڏ ٻيا ڪيترائي انيڪ ڪم جيڪي سنڌي ڪمپيوٽنگ جا ميمبر بغير ڪنهن لالچ جي سرانجام ڏيندا، جيڪي اصل ۾ حڪومت ڪي ڪرڻا آهن.

هينئر هڪ قدم اڳتي وڌندي تسبيح جي داڻن جهڙن سنڌي ڪمپيوٽنگ جي انهن سيني دوستن ڪي هڪ ڏاڳي ۾ پُوئي، عبدالعزيز منگريو هڪ

آرگنائزيشن ”سنڌي ڪمپيوٽنگ آرگنائيزيشن“ جو بنياد رکيو آهي، جنهن لاءِ هڪ مرڪز طور www.sindhicomputing.org ويب سائيٽ پڻ جوڙي ويئي آهي، جنهن جو مقصد سنڌي ڪمپيوٽنگ جي دوستن کي، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هڪ هنڌ گڏ ڪري ڪين اهڙو پليٽ فارم مهيا ڪرڻ آهي.

هي وقت آهي گڏ ٿي ڪم ڪرڻ جو، سيني سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ڪمپيوٽنگ جي گهڻ گهرن کي پنهنجو ڪردار نيائڻ گهرجي.

***

28 ڊسمبر جا شهيد ڪتاب

” اسان مرڻ کان اڳ ئي
پنهنجا جنازا پڙهي ڇڏيا آهن....
.... اي وقت جا موذي!
اسان کي پٽائيءَ جي بيتن سان
غسل ڪرائجان.“

مسيح مگسيءَ جي آزاد نظم جو متيو ٽڪرو 28 جنوريءَ تي قمبر ۾ سڙندڙ پائو درمحمد ٻرڙو پبلڪ لائبريريءَ جا ڪتاب بار بار دهرائي رهيا هئا .

ڪتب خانو - شمشان گهاٽ بڻيل هو، جتي ٻا لک ، جوان ۽ پوڙها ڪتابن جون آهون ۽ اوچنگارون ٻڌي رهيا هئا .

ڪجهه ڪتاب مونن ۾ منهن هٽي ، چپ چاپ قربان ٿيڻ لاءِ راضي هئا ۽ ڪجهه احتجاج ڪندي واڪا ۽ واويلا ڪري رهيا هئا.

درسي ڪتابن دانهيو ، ” اڙي ڏسندڙوءَ ! اسان اوهان جي مستقبل لاءِ روشني آهيون اسان کي بچايو، نه جلايو.“

تاريخ جي ڪتابن ڪبٽن اندران رڙ ڪندي چيو “ اڙي بي قدرئو! اسان کي بچايو، اسان اوهان جي ٻولي، قوم ۽ ثقافت کي زنده رکيو آهي . اسان اوهان کي ٻڌايو ته اصل ڇا هيو ۽ نقل ڇا آهي ، اسان اوهان جي ٻولي کي امرتا ڏني ، اسان راجا ڏاهر کي شهيد قرار ڏنو ، اسان سيد جي سچ کي جيئندان ڏنو. اسان کي بچايو .“

ادب جي ڪتابن ٻا ادب تي چيو ، ” اسان اوهان جي قوم جا ترجمان آهيون ، اوهان جي اندر اڇلڻ جذبن کي معني ڏني آهي ، اوهان جي احساسن جي ترجماني ڪئي آهي. اوهان کي دنيا جي ٻين قومن سان ملايو آهي ، اوهان کي هڪ عظيم قوم قرار ڏنو آهي ۽ اوهان ئي اسان کي جلائي رهيا آهيو.“

مخصوص امتحاني ڪتابن پڙهڪو ڪائي ڪڇيو ،“ وقت جي آمر حاڪمن اوهان ڪي نااهل هجڻ جو تعنو ڏنو ۽ اسان اوهان ڪي اها واٽ ڏسي جو اوهان مقابلاتي امتحانن ۾ پهرين پوزيشن ڪٽي انهن ڪي منهن تي چماٽ وهائي ڪڍي ۽ ٻڌايو ته توهان نااهل ناهيو، توهان لاءِ واٽون بند ڪيل هيون. اسان اوهان لاءِ اُهي واٽون کوليون، تنهن ڪري اسان ڪي نه جلايو.“

معلوماتي ڪتابن ۽ اخبارن هم آواز ٿي چيو، ”اسان اوهان ڪي هر وقت ۽ هر ويل باخبر رکيو، دنيا جي هر خبر ڪي اوهان جي ٻوليءَ ۾ پڙهايو، سيني ماهرن ڪي اوهان اڳيان رکيو، اوهان ڪي پنهنجي پرائي جي پرک ڏني پر افسوس جو اوهان شير شاهه جي شڪري (باز) وانگر پنهنجون ئي ”ڪڪڙيون“ ماريو ٿا.“

مذهبي ڪتابن ٺٺو ساهه کڻي چيو، ”افسوس هي آدم جو اولاد، هر دور ۾ غلطيون ڪندو ٿو اچي ، ڪڏهن کهڙا ته ڪڏهن کهڙا قيس ٿو ڪري ، صليب تي ٽنگي ٿو ، باهه ۾ اڇلي ٿو ، سوليءَ تي چاڙهي ٿو، گهاڻي ۾ پيڙهي ٿو ته به سمجهي نه ٿو ۽ هر دور ۾ جلائي ٿو هر شي، جن ڪي پوڄي ٿو ، تن ڪي جلائي ٿو ۽ وري پوڄي ٿو.“

ناياب ڪتابن ڏوراپيو . ” سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ، سنڌ يونيورسٽي ۽ ٻين هنڌن تي اسان ڪي جلايو ويو آهي، اسان ڳوليا نه ٿا ليون پر اوهان ڪي ڇا؟ اوهان ته مذهبي ڪتابن ڪي به نظر آتش ڪري ڇڏيو آهي.“

سيني ڪتابن واري واري سان واويلا وڪار ڪئي پر شاهه جو رسالو چپ چاپ مونن ۾ هٽي، قرباني لاءِ تيار هو، سڀ ڪتاب حيران هئا ته آخر اهي ڪتاب خاموش ڇو آهن؟.

آخر پڇائيءَ جا بيت کهڙي مصداق خاموش آهن پر ڪنهن به ڪتاب ڪي ايتري همت ڪا نه ٿي جو انهن ڪان پڇي. ايتري ۾ پڇائي جي رسالي مان هڪ سٽ چمڪي پئي،

”هو چوني ، تون م چئو، واتان ورائي.“

سيني ڪتابن بيڪ آواز ٿي پڇيو ته ايترو صبر ڇا لاءِ !؟ ايتري ۾ هڪڙو بيت چمڪي اٿيو، جنهن جي چمڪ با هه جي شعلن ڪان به تيز هئي.

”ڪامان، پچان، پچران، لڇان ۽ لوچان،
تن ۾ تنئوس پرينءَ جي، پيان نه ڏاپان،
جي سمنڊ منهن ڪريان ته سرڪيائي نه ٿئي.“

سيئي ڪتاب وائڙن وانگر هڪ ٻئي ڏي ڏسڻ لڳا ۽ راز جي ڳالهه کي سمجهي ويا ۽ هڪڙوئي خيال سيني جي دل ۾ ڪَرُ ڪٽي اٿيو ۽ اتحاد ٻڌجي ويو سيني ڪتابن گڏجي ڪپتن کي الوداع چيو ۽ آڙاهه ۾ پاڻ اڇلايو. ڪتب خانو۔شمشان گهاٽ ٻڻيل هو، جتي ٻالڪ، جوان ۽ پوڙها بيٺي بيٺي ڪتابن جو آلاپيل ڪورس سر گرم ٻڌي رهيا هئا.

”اسان مرڻ کان اڳ ئي
پنهنجا جنازه پڙهي ڇڏيا آهن....
.....اي وقت جا موذي!
اسن کي پٿائي جي بيتن سان
غسل ڪرائجانءِ.“

"ابيات سنڌي" جي ترتيب ۽ تاليف

"ابيات سنڌي" خواجه محمد زمان لواريءَ واري جي بيتن تي مشتمل ڪلام جو مجموعو آهي، جيڪو شمس العلماء ڊاڪٽر علامه عمر بن محمد دائودپوٽي، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي لکيل عربي شرح جو ترجمو ڪري 1939ع ۾ ڇپرايو. هيءُ ڪتاب ڪلهوڙا دؤر جي اساسي ادب جو شاهڪار نمونو آهي، جنهن جا هن وقت تائين 4 سنڌي، 3 اردو ۽ هڪ فارسي ڇاپو ڇپجي چڪو آهي. "ابيات سنڌي" ۾ ڪُل 84 بيت آهن، پر نياز هاموني فارسي ترجمي ۾ 90 بيت شامل ڪيا آهن ۽ جڏهن ته هاڻي انهن جو تعداد 92 آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي همعصر شاعرن منجهان حضرت سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لواريءَ واري جي شاعريءَ ۾ تصوف جي باريڪين جو بيان، اعليٰ پايي جو اختصار، فن ۽ فڪر ڪوٽان ڪوٽ نظر اچي ٿو.

لواريءَ جو هي لعل، جيڪو سنڌ ۾ نقشبندي مسلڪ جي بانين مان هڪ هو، جنهن جو روحاني فيض سنڌ ۽ هند جون سرحدون پار ڪري ولايت تائين پهتو. اهو پنهنجي وقت جو وڏو عارف، اهل الله ۽ روحاني پيشوا رهيو آهي.

خواجه محمد زمان جي شاعري ڇند وديا جي لباس ۾ دوهي، سورٺي ۽ بيت جي گهاڙيٽي ۾ موجود آهي. سندس بيت قديم ۽ جديد سنڌي اساسي شاعريءَ جو املهه خزانو آهي.

ڪريم بخش خالد پنهنجي مضمون "ابيات سنڌيءَ جي ادبي اهميت" ۾ لکي ٿو ته، "ادبي لحاظ کان خواجه صاحب جو ڪلام، شاهه لطيف جي مقابلي ۾ آٽي نٽو سگهجي، پر ان ۾ تصوف جا جيڪي ڳوڙها راز ۽ رمزون سمايل آهن، ان لحاظ کان خواجه صاحب شاهه لطيف کان گهڻو اڳيرو ۽ مٿيرو آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو ڀٽائي بزرگ پيرسنيءَ ۾ اٽانگي سفر جون صعوبتون سهندي خواجه صاحب سان ملاقاتي ٿيو."

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ پنهنجي مضمون، "حضرت سلطان الاولياء جو صوفياڻو فڪر" ۾ لکي ٿو، "هي اهو معرفت جو صاحب آهي، جنهن

پنهنجي فيض سان سنڌ جي سرزمين جي ڪُنڊ ڪڙڇ کي تصوف جي رنگ ۾ رنڱي ريٽو ڪري ڇڏيو. ايتري قدر جو حضرت مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جهڙو بي نظير ۽ غير مقلد عالم به پنهنجي علمي عظمت وساري، سندس علمي ۽ روحاني فيض جو طالب ٿيو.“

آزاد قاضي پنهنجي ڪتاب، ”سلطان الاولياء خواجه محمد زمان (هڪ مطالعو)“ جي پيش لفظ ۾ لکيو آهي، ”خواجه صاحب مختلف وقتن تي نثر توڙي نظم ۾ جيڪو درس ڏنو، اهو مختلف ماڻهو جمع ڪندا رهيا. اهڙي ريت سندن نظم وارو حصو، جيڪو ملفوظات سان گڏجي ويو هو، ان کي سندس وڏي خليفي شيخ عبدالرحيم گرهوڙي وڏي محنت سان ميڙي چونڊي گڏ ڪيو ۽ انهن جو عربيءَ ۾ ترجمو ڪري شرح لکي، عربيءَ جي عالمن لاءِ هڪ بيمثال ڪتاب تيار ڪيو هو. جيڪو ڪيتري عرصي تائين قلمي صورت ۾ هيو. ان قلمي نسطي کي سنڌ جي هڪ ٻئي عربيءَ جي عالم علامه ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي، پير جهنڊي وارن جي علمي خزاني منجهان ڳولي لڌو ۽ 1939ع ۾ ان کي سنڌيءَ ۾ تيار ڪري ”ابيات سنڌي“ جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايو.“

”ابيات سنڌي“ جي ترتيب ۽ تاليف جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر علامه عمر بن محمد دائودپوٽي ڪتاب جي مهاڳ (افتتاح) ۾ لکيو آهي، ”سال 1934ع جي مئي مهيني جو پهريون پڪ آهي، جو پير جهنڊي جي ڳوٺ وڃڻ جو موقعو مليو. سندس ڪتب خاني جي هر هنڌ هاڪار هئي. . ڳوليندي ڦوليندي ”ابيات سنڌي“ جا به جهونا نسخا، شيخ عبدالرحيم گرهوڙيؒ جي عربي شرح سان هٿ چڙهيا. مون لاءِ ته غنيمت هئي، جو موتيءَ داڻا ملي ويم. ميان احسان لله شاهه منهنجو ذوق ڏسي اجازت ڏني ته ڀل اهي نسخا پاڻ وٽ تيتر رکو، جيتر اوهان کي ڪم اچن.“

ڊاڪٽر دائودپوٽي ابيات سنڌيءَ جي افتتاح واري حصي ۾ لکيو آهي ته جن عالمن، محققن ۽ احبابن ڪيس ”ابيات سنڌي“ جي تاليف لاءِ مواد مهيا

ڪري ڏنو، تن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي، سيد عطا حسين شاهه موسوي، پير سعيد حسن لورائي ۽ دين محمد سومرو شامل آهن.

پروفيسر ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي هڪ وڏو عالم، مفڪر، شاهه جو شارح ۽ "لواريءَ جا لال" ڪتاب جو مؤلف پڻ آهي. ان لواريءَ وارو نسخو ۽ هڪ ڇؤپڙي دائودپوٽي حوالي ڪئي. ان ۾ ابيات سنڌي سان گڏ "مقاني الحب" جو قصدو اردو نظم سان شامل آهي.

خواجه محمد زمان جي سوانح ۽ ملفوظات جو ماخذ "فتح الفضل" عطا حسين شاهه موسوي پاران ڊاڪٽر دائودپوٽي کي ڏنو ويو.

درگاهه لواري شريف سان وابسته جناب پير سعيد حسن "فردوس العارفين" ۽ "مرغوب الاحباب" ڪتاب ڊاڪٽر صاحب حوالي ڪيا.

ترتيب جي لحاظ کان ابيات سنڌي جي سهيڙ سنڌ جي غير مقلد عالم شهيد عبدالرحيم گروهوڙي عربي شرح سان گڏ ڪئي. ابيات سنڌي جي افتتاح ۾ ڊاڪٽر دائودپوٽو لکي ٿو، "شهيد گرهوڙيؒ هڪ باعمل عالم ۽ سچو صوفي هو، جو رياضت جي باهه ۾ پچي پڪو ٿيو هو ۽ جنهن جي رڳ رڳ عشقِ الاهي جي نشي ۾ تارُ مخمور هئي. اهڙو شخص جيڪڏهن تصوف جا اسرار ظاهر ڪري ته ان جو سُخن ضرور سچ تي ٻڌل هوندو. تنهنڪري شهيد گروهوڙيؒ جو پنهنجي ڪامل شيخ خواجه محمد الزمانؒ جي بيتن تي شرح لکڻ هڪ وڏي اهميت رکي ٿو."

هي بيت معنيٰ جا موقتي آهن. هرهڪ ۾ تصوف جا باريڪ نقطا سمايل آهن.

ڇڏيان هي جَهانُ، هُو پڻ گهوري گهوريان،
پَلڪُ پِريان ساڻ، جي مون سَري جيڏيون.

(جيڪڏهن پرينءَ سان منهنجو هڪ پَلُ گڏ گذري ته ان جي بدلي ٻئي جهان گهوري ڇڏيان.)

چئي سگهجي ٿو ته ڪتاب "ابيات سنڌي" خواجه محمد الزمان لواريءَ واري جو تصوف جي رنگ ۾ ريٽيل روحاني رمزن سان ٽمٽار ڪلام آهي، جنهن جو شارح پنهنجي دؤر جو بي نظير عالم، مجتهد ۽ شاعر شيد عبدالرحيم گروهوڙي آهي. جنهن جو مترجم ۽ مؤلف شمس العلماء عمر بن محمد دائودپوٽو آهي. اهو ڪتاب پنهنجي جوهر ۾ ترتيب ۽ تاليف جي لحاظ کان به سنڌي اساسي ادب جو سرمايو ۽ اڻلڀ موتي ئي آهي، جيڪو ترتيب ۽ تاليف جون سموريون ادبي ۽ فني خوبيون سموهي پيش ٿيل آهي.

---

1. لواريءَ جا لال، هوتچند مولچند گربخشاڻي.
2. ابيات سنڌي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو.
3. سلطان الاولياء خواجه محمد زمان (هڪ مطالعو)، آزاد قاضي.
4. ابيات سنڌي جي ادبي اهميت، مضمون: ڪريم بخش خالد.
5. حضرت سلطان الاولياء جو صوفياڻو فڪر، مضمون: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي.

***

مرڪ, ڪائنات ۽ سنڌ

اسڪول جي زماني ۾ جڏهن رياضيءَ جو استاد جاميٽري پڙهائيندي، گول اڌ مستطيل ۽ ٽڪنڊا ٺهرائيندو هو ته ان استاد سان گڏ اهو اهو نصاب ناهيندڙن کي به ڳالهائيندا هئاسين شاگرد چوندا هئاسين ته اسان کهڙو روڊ رستا ۽ بلڊنگون ماپينداسين جو اهي سمجهون.

اڄ جڏهن شعور جي اک کلي ته محسوس ٿئي ٿو ته هر شيءِ جو ڪو نه ڪو ڪارج آهي ۽ جيئن انه گول، اڌ گول ۽ ٽڪنڊن جو ڪارج آهي. ٽڪنڊن منهنجيءَ زندگيءَ ته گهرو اثر ڇڏيو آهي. سڀ کان پهرين مذهبي ٽڪنڊو" خدا انسان ۽ شيطان" کي سمجهڻو پيو.ٽڪبا خوبصورت به ٿين ته ڊيڄاڙيندڙ به، ٽڪنڊا محبت به پکيڙن ته نفرت به مطلب ٽڪنڊن جو اسان جي زندگين تي گهرو اثر آهي ٽڪنڊن نالن سان هينان ڪتاب اوهان پڙهيا هوندا"خواب خوشبو ۽ چوڪري - بڪ، عشق ، ادب، تون، مان ۽ خدا - نيگرو ، عشق ۽ بغاوت - شاهه، سامي، سچل ۽ پيا." وري هڪڙو شيطاني ٽڪنڊو آمريڪا کنڊ جي هڪ سامونڊي ٽڪري ۾ آهي جنهن کي " برمودا ٽرائيگل" سڏين ٿا، مقامي معني " شيطاني ٽڪنڊو" اٿس. ان کي زمين جو ڌُنُ (سينٽر) به سڏيو وڃي ٿو.

سمنڊ جي اندر هڪ اهڙو ٽڪنڊو ٺهيل آهي جتي ايندڙ هر اها شيءِ گم ٿي وڃي ٿي، جيڪا ان جي حدن ۾ اچي ٿي نه فقط ايترو پر ان جي هوائي حدن مان ڪو هيلي ڪاپٽر به بچي ناهي سگهيو . هتي ڪيترائي بحري جهاز ٻيڙا، هيلي ڪاپٽر ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه گم ٿي چڪو آهي ۽ مزي جي ڳالهه اها ته جيڪو به جهاز ٻڏندو آهي ته ڪجهه ڏينهن ۾ ان جو تيل سمنڊ جي مٿاڇري تي تري ايندو آهي پر هتي ان جي ابتڙ ڪڏهن به ڪجهه به بر آمد نه ٿيو آهي.

ڪيترين ئي انساني جانيون ڳهي ويندڙ هي ٽڪنڊو اڃا تائين معمو بڻيل آهي

ائين ئي اسان جي زندگي مختلف ٽڪنڊن ۾ وڪوڙيل آهي، منزل ۾ اسان جي وچ ۾ هڪ ٽڪنڊو هوندو اهي.

” مرڪ، ڪائنات ۾ سنڌ“ هي به هڪ ٽڪنڊو آهي، جيڪو منهنجي لاءِ ساهس ۾ جيئڻدان مثل آهي

ڪجهه چپن جي مرڪ ئي آهي جن سرير ۾ ساهه وڌو، اڳتي جي مرڪ ڪو شاعر سمجهي سگهي ٿو شايد ڪنهن نقاد جي نظر ان تي نه پوي.

چيو ويندو آهي ته مرڪ عبادت آهي ، مرڪڻ صحت آهي اگر چئجي ته مرڪ خدا آهي، مرڪ ايلنور آهي، مرڪ جيئاري ٿي ۾ مرڪ ماري ٿي ته ڪو وڏاءُ نه هوندو، ڇوجو مرڪ ڪائنات جو حسن آهي ۾ ڪائنات مرڪ مان ٺهيل آهي

ڪائنات ڇا آهي؟ اهو هڪ الڳ سوال آهي. باقي ڪائنات وسيع ۾ و شال آهي اهو هڪ ڏار بحث آهي.

ڪائنات وشال آهي يا ان کي پرکڻ وارو ذهن ننڍڙو آهي. اگر اهو ذوشال آهي ته پوءِ ڪائنات ننڍڙي آهي.

ٻه سال پهرين هڪ پرائيويٽ اسڪول ۾ ڇوٽين ڪلاس جي هڪ ڇوڪريءِ اٿي چيو ” مان ڪائنات آهيان “

هن جو نه فقط نالو ڪائنات هو پر ان جملي ٻه ڪائنات کي تمام ننڍڙو ڪري ڇڏيو هو ، ان ڏينهن کان پوءِ ڪائنات مون کي تمام ننڍڙي محسوس ٿيڻ لڳي هئي.

ڪائنات ۾ ڌرتيءَجي گولي تي سنڌري انب جهڙي سنڌ جي نقشي تي نظر پوي ته هڪ لمحي لاءِ خيالن جي ڪکري وسي پوي ٿي. هيترا هاڇا سهي ٻهڄي ديس محبتون وکيري پيو، هتان جي رهاڪن جي محبت ڏسي ڪيترائي ڌاريا هتي آباد ٿيا، ڪيترن ئي دين ڌرم جي نالي تي لٽيو، ۾ ڦريو، ڪيترن ئي پنهنجن عقو بتون ڪيون، لٽيرن لٽيو، لشڪرن ڪاهون ڪيون پر ڌرتي ۾ ڌرتيءَ ڏٽي وات ۾ رومال ڏئي برداشت ڪندا رهيا. مون محسوصس ڪيوآهي ته نيئن نسل انهن انيائن کي محسوس ڪندي بغاوت جو علم ڪڻڻ چاهيو آهي

پر ڪو واهرو ڪونهي. ياد پيو اچي ته ڪراچي جي هڪ غير سنڌي ۾ مشهور لينگويج سينٽر ۾ " شاهه لطيف ۽ ان جي شاعري " تي انگريزيءَ ۾ (پرزينٽيشن) ڏني هئم ۽ ڀرپور داد ملڻ ڪان پوءِ ان ئي سينٽر جا سنڌي ڇوڪرا مخمور ٿي ويا هئا ۽ انهن جي دل ۾ ٻيهر سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ جذبا جاڳيا هئا ڪنهن مقرر جي تقرير ۾ ٻڌو هئم، " آمريڪا ۾ رهندڙ هڪ سنڌي فئملي جي هڪ ڪراڙيءَ سيني گهر ڀاتين کي سڏائي چيو هو، " مان هاڻي پوڙهي ٿي وئي آهيان، اوهان جي ڪنهن ڪم جي ناهيان، مونکي ڪنهن پراڻي کوهه ۾ اڇلي اڇو!" ان ته سيني گهر ڀاتين پڇيو ته آخر انهن ڪان ڪهڙي غلطي ٿي، ان ته چيائين ته " اوهان ڪان هري اچي پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي ٻولي وسري چڪي آهي. مونکي ڪهڙو ياد رکندئو!؟"

هاڻي اها ڪراڙي جيئري آهي به االاءِ نه پر هن جي گهر جو هر فرد سنڌي ڳالهائي ٿو.

مون ذڪر ڪيو ته ٽنڪنڊن جو اثر معاشري جو هر فرد قبولي ٿو ۽ مون به اهو اثر قبوليو آهي ۽ مرڪ، ڪائنات ۾ سنڌ جي ٽڪنڊي جيان انيڪ ٽڪنڊا آهن جن تي عمل ڪندي اسان جي معاشري جا فرد جيون جي جنگ وڙهن پيا.

سورهيه مرين سوڀ کي ته دل جا وهم وسار
هڻ ڀالا ، وڙهه ڀاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار
مٿان تيغ ترار، مار ته متارو ٿئين.
(شاهه رح)

***

اونداهين جو انڪاري شاعر

هڪ سچي شاعر لاءِ شاعري ئي ان جي تخليقي سجاڳيءَ فخر جو ڪارڻ آهي، شاعري شعور جو وهڪرو آهي، علم، عقل ۽ دانائيءَ جي گفتگو آهي، جيڪا هر شاعر پنهنجي مزاج، ماحول ۽ انداز ڪي سامهون رکي ڪندو آهي. ائين به چئي ٿا سگهئون ته اها هڪ ڪوجنا آهي جيڪا شاعر دريافت ٿو ڪري. جاميٽري باڪس ڪولي، ان جا اسڪيل رکي جيڪا شاعري ڪئي ٿي وڃي، اها رڳي ڏڪاٽڪي آهي، شعور ڪان وانجهيل اهي موزون لفظ جيڪي اسڪيل جي ماپ مطابق رکيا وڃن، هرگز شعر جو درجو نٿا رکي سگهن. شاعر هڪ مفڪر هوندو آهي، جيڪو پنهنجي ان شعوري وهڪري ۾ فڪر ۽ ٻوليءَ جي اڻٽت سان لفظن ۾ معني، احساس، ڪيفيت، وجود ۽ سرمستي شامل ڪري ٿو.

خوبصورت ۽ ڪامياب شاعر جي اها نشاني آهي ته ان جا سرجيل لفظ ساهه ڪڻندا، گفتگو ڪندا، مرڪ ۽ لڙڪ وندبيندا ۽ پڙهندڙ/ٻڌندڙ جي اندر کي جنجهوڙيندا آهن. هڪ شاعر جي تخليق تڏهن وڃي ڪمال کي رسي ٿي شعر جي ست پڙهي لفظن سان گڏ پڙهندڙ به سحر ۾ جڪڙجي، جهومي، نچي يا وجد جي ڪيفيت ۾ گم ٿي وڃي.

جڏهن ڪو به شاعر پنهنجي اندر جي سچائيءَ سان شعر سرجي ٿو ته اهو" جزويست از پيغمبري" جي درجي تي رسي "جي تو بيت پائنيا، سي آيتون آهين" جي منزل تي پهچي ٿو، پوءِ سچل جي زباني اعلان ڪندي نظر اچي ٿو ته، " من نمي گويم، يار مي گويد بگو." (مان نٿو چوان، منهنجو يار ٿو چوي ته، چئه) سامي به چئي ٿو وجهي ته " ويدن جا ويچار، سنڌيءَ ۾ سٽايم." شاعريءَ بابت قديم نظريو اهو آهي ته،" شاعر خدا جو شاگرد آهي." سقراط ۽ افلاطون ته ان کي الهامي سمجهن ئي ٿا پر اسان جا ڪلاسيڪي توڙي جديد شاعرن جي اڪثريت ان ئي خيال جي آهي. اياز، بخاري، تنوير ۽ ڪيترائي ذات ڏٽي ان ڏاتار جي الهامي ذات جا قائل آهن.

شاعري الهامي آهي يا غير الهامي ان بحث ڪي هڪ پاسي رکي، هتي ايترو ضرور چئبو، ته جيڪڏهن ڪنهن وٽ "ذات" جو وکر نا هي ته اهو پيدائشي شاعر نه آهي ۽ ان جو شعر سان زوريءَ چنبڙڻ شعر جي فن ۽ فڪر جي تذليل آهي، جيئن ڪو اڻ گهڙيو ماڻهو هر ان هنر/فن جي ويجهو نٿو وڃي، جنهن جي ڪيس ڪا پروڙ نا هي، مثلن جيستائين اسان ترڻ نٿا سکون وڏي پاڻيءَ ۾ لهڻ جو تصور به نٿا ڪريون، اهڙيءَ طرح جي گاڏي هلائڻ نٿا ڄاڻئون ته ڪڏهن به ڊرائيور سيٽ تي نٿا ويهون، پر الائي ڇو مون پارا ڍڪڻ ڪجهه ٻي نه ڄاڻندي زوريءَ شاعر سڏرائڻ پسند ڪن ٿا. اهڙي ڍڪاٽڪي ڪندڙ شاعر اخبارن ۽ رسالن ۾ ئي گم ٿي رهجي وڃن ٿا. ڪارل مارڪس چوي ٿو ته ٻولي " عملي شعور" آهي، ڇو ته شعور جي اظهار لاءِ ٻولي نهايت ضروري آهي. اسان ڄاڻون ٿا ته ادب جي شروعات شاعريءَ سان ٿي آهي، تنهن ڪري نظم نثر کان وڌيڪ پراڻو ۽ اظهار لاءِ رائج ذريعو رهيو آهي. شاعري جذبن، احساسن، ڪيفيتن جي اظهار ڪي پاروٿو ۽ پراڻو ٿيڻ نه ٿي ڏي، اهي احساس هر دور ۾ تازا رهن ٿا، جيئن ڇيو ويندو آهي ته گل شاعريءَ ۾ ئي وڌيڪ خوشبو ڏين ٿا، ڇو ته شاعريءَ ۾ گل ڪڏهن ڪوماڻبا نا هن، لطيف سرڪار جي هن سٽ وانگيان:

"جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٿن ويس."

تنوير عباسي پنهنجي مقالي "جديد سنڌي شاعري" ۾ لکي ٿو:

" اڄوڪو شاعر سادي، سولي ۽ سباجهي انداز ۾، انفرادي ذاتي مشاهدي، احساس ۽ فڪر سان وڻندڙ ۽ پياري لهجي ۾ پنهنجي ئي ڇوڏاري پکڙيل سونهن جو اظهار، مٺي موسيقي ڀريل ٻوليءَ ۾ ٿو ڪري، جنهن به شاعر ۾ مٿيون خاصيتون نظر اچن، بنا هٻڪ جي سمجهو، ته اهو جديد شاعر آهي."

جديد شاعرن تي نظر ڦيرائيندي، " اڪ ڪني وڃي، قطار نه ٿي ڪني" واري چوٽي سامهون ٿي اچي، پر قطار ۾ اڳيان اڳيان پنهنجي انفراديت سببان ڪجهه چهرا/ نالا سجاڻڻ ۾ ايندا. گهنبيدار وارن وارو ڀورڙو شاعر

راشد بروهي بہ انهن منجهان ئي هڪ آهي، جيڪي پڙهندڙ جي واتان ” واهہ واهہ“ ڪيرائڻ جا ماهر آهن.

ڪنهن بہ ڪتاب تي پهرين تنقيد پڙهندڙ ئي ڪندو آهي، جيڪا ”واهہ جو ڪتاب آهي“ يا ” وقت جو زيان آهي / ڪجهہ خاص ناهي“ جي جملن تي مبني هجي ٿي. منهنجي اندر جو سچ اهو آهي تہ مون جڏهن هي ڪتاب ” گهڙين ٻڌا گهنگهرو“ پڙهيو تہ بي ساختگيءَ مان ”واهہ راشد بروهي واهہ“ جا لفظ ئي زبان مان نڪتا هئا.

ناميارو ڪوي اياز گل راشد بروهي جي شعر بابت لکي ٿو تہ: ” راشد بروهي ڪي موضوعن جي رنگن سان راند رچائڻ ۽ خيالن جي چوليءَ تي سهڻن لفظن سان ٽاڪي ٽوپي جو ڪم خوب اچي ٿو.“ راشد بروهي جي ڪاميابيءَ جي دليل واسطي مٿيون سرٽيفيڪيٽ ئي ڪافي آهي. هاڻي راشد بروهي جي شعر جي حسن، فن ۽ فڪر تي هڪ نظر پڻ ڦيرايون ٿا.

قاضي قادن، شاهہ ڪريم، ميون شاهہ عنات، لطف الله قادريءَ کان ويندي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ تائين جوڳين ۽ سنياسين جي تمثيلن سان تصوف جا خوبصورت عڪس چٽيا ويا آهن. پر دورِ جديد ۾ انٽرنيٽ تي دنيا جهان کي ڦهلوڙيندڙ ايڪيهين صديءَ جو ڪلين شيو نوجوان شاعر، جيڪو موبائيل کي مسيحا تصور ڪندو هجي، جڏهن هن طرح جا صوفياڻا خيال پيش ڪري تہ اکيون هڪ جاءِ تي ٽڪجي بيهي ٿيون رهن:

”تڏهن گهر اڏيوسين نہ جوڳين جيان،
ڏٺو انت ڪان اڳتي سنسار هو!
ٻگهڙ، نانگ، چيتا، ڪتا ئي ڏٺا،
وليءَ کي ڪو انسان درڪار هو!
اهو راز ”راشد“ عيان اُپ تي ٿيو!
مڃيءَ جيئن انسان ۾ جڳ ڄار هو!“

راشد بروهي پنهنجي خدا سان نهايت بي تڪلف ٿيندي هر اها ڳالهه چئي ٿو ڏي، جيڪا سندس من اندرَ ۾ هرڪي ٿي، جنهن مان سندس تخليقي سرمستي ڪرُ ڪٽي واجهون پئي وجهي.

” ڇمياسي گند دٻي ۾، مئاسي روڊ مٿان!
اسان جو ڇڏ ته حصو ئي، جهانَ ۾ نه هيو!“
”سنڌ منهنجي يسم ٿي وئي!
رب، وينن اجا ڳگن تي آ“
”ٽڪرا ٽڪرا جهانُ ٿيندو!
ربَ! پهتي جي آهه اُپ تي. “
”ختم ٿي وئي، ڇا مٿي سا خدا!
ٺهيا جنهن مان ماڻهو مثالي هئا“
” هي اسان جو گناهه آ، شايد!
پاڻ ڪو ٻي گناهه نا هي ڪيو!“
” جڏهن نيڻ پنهنجا سوالي هئا،
تڏهن هٿ خدا جا به خالي هئا!“
”اج به ٻڳوان جيئن نه پٽڪيو هن!
مان ته پئي گهنڊ ٿي وڳو آهيان!“
”دين، دنيا جي ڏوڙ ۾ آهي!
صور ڦوڪيو ته ڪا صفائي ٿئي“

سچل ۾ ٻين سرمستن جيان بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي ”اسان آدم ڪنون اڳي جايا“ ڪي تسلسل ڪيڏي نه خوبصورت انداز سان پيش ڪيو آهي راشد بروهي، هيٺ پڙهو:

”آهي آدم ٺهيو اڳيان منهنجي!
ڪين آدم ڪان مان ڄميو آهيان!“
”منهنجي ٻولي، خدا جي آ ٻولي!
پاڻ ڪٿ هم ڪلام ٿيو آهيان!“

”مان رهان ٿو خدا جي پاڙي ۾!
فرش ڪان آهي، منهنجو گهر اڳتي.“

راشد بروهي وٽ تصوف جا مڙئي رخ نظر اچن پيا، ڪٿي وحدت الوجود، ڪٿي وحدت الشهود جي فلسفي ڪي هٿي پيو ڏئي، پر تنهن هوندي به ڪيس انسان هجڻ تي فخر آهي، جيتوڻيڪ هو پاڻ کي خالق جي مخلوق ئي تصور ڪري ٿو، پر هن وٽ سڀ کان پهرين انسان هجڻ وڏي معنيٰ رکي ٿو، ڇو ته ڪيس پروڙ آهي ته ارادتن انسان ڏاڍو مضبوط آهي، هن وٽ فڪري بلندي به آهي، ارڏا جذبا به آهن، اُڏامڻ جي سگهه به آهي ته ستارن تائين رسائي به.... هو انسان ٿيڻ کي ئي ترجيح ٿو ڏئي:

”دين، دنيا، ڌرم، رکي پاسي،
نيٺ انسان ٿي رهيو آهيان!“

”مٿي هون، مٿيءَ تي رهڻ تا گهرون!
اسان هونءَ ستارن تي گهر تا رکون!“

”پکين جا خدا! کنب ڪڻ تون يلي!
بنا پر اُڏڻ جا هنرَ تا رکون!“

”پيش انسانن جيان مون سان اچو!
ورق نا هيان پاڪ مان قرآن جو.“

ٻين مقبول شاعرن جيان راشد بروهي به انساني روين، ڪيفيتن، احساسن، رشتن، نفرتن ۽ اذيتن کي مذهبي واقعن، ڪردارن ۽ گفتن جي جيڪا تمثيلي اظهار جي طاقت بخشي آهي، اها سندس وسيع مطالعي، سمجهه ۽ پرک جي شاهدي پئي ڏئي.

” زماني يزيدي جي ڪئي انتها!
اسان پڻ حسيني صبرَ تا رکون!“

”اهو ئي ڪري دوستيءَ جو تصور!
رکي يار لئه جو عليءَ جو تصور!“

” هن قوم جي قسمت ۾ لڪيل آ الائي ڇا!؟

موسيٰ جي چڙيءَ سان ٻي فرعون ٽريو ناهي!!“

”ٻل هجي ها سڄو جهان سيوهڻ،

سنڌ ڌرتيءَ جو لعل ڪافي هو.!“

”سڀ ڪي پنهنجي رڳو لڱل آ هت!

رب! اجا ٻي ڪو ٻيو حشر اڳتي“

اهي سڀ ڳالهيون پنهنجيءَ جاءِ تي راشد بروهي انهن شاعرن مان قطعي ناهي، جيڪي رڳي دانهون ڪندا ئي رهجي ويندا آهن، راشد بروهي چنڊ جيان اونداهين جو انڪاري آهي. راشد بروهي مسئلن، مونجهارن ۾ امن و آشتيءَ واري سماج جي گهر ڪري ٿو، جتي هر گهر ۾ روشني هجي، ڪو به ٻار بکيو نه سمهي، ڪيس قوم جو ڪرب پري ڪان ڏسڻ ۾ ٿو اچي، هو سڌي ٿو ته اڇو ۾ ڀتائيءَ جي واٽ وٺو، چو ته اهو ئي دڳ نيڪ آهي، اهو ئي واهرو آهي:

”سوئي ڀتڪيو آ سنڌ ۾ ”راشد!“

جنهن ڀٽائيءَ سان چاهه ناهي ڪيو!“

”منهنجي هستيءَ ڪي ٻل ته ساڙي ڇڏ!

جيڪڏهن جڳ ۾ تي سهائي ٿئي!

چنڊ ماني ڪري ڏي ٻارن ڪي!

جيسين مذدور جي ڪمائي ٿئي“

”ڪيئن ڏسون قوم ڪرب ۾ ”راشد!“

پاڻ رهندڙ نه هون خلائن جا!“

هاڻي هڪ نظر راشد بروهي جي وسيع ترين رنگ برنگي چٽساليءِ مٿان آيل نندڙين لڪيرن تي. هر انسان مختلف ڪيفيتن مان گذري ٿو، ”ڪڏهن من آ ماڪوڙو، ڪڏهن ڪيهر شينهن“ جي مصداق ڪجهه جاين تي راشد بروهي لاءِ ٻي خيال، فڪر، گرامر ۽ لفظن جي استعمال ۾ سڌارڻ جوڳيون درستگيون آهن. هيٺ آندل غزل ۾ ٻه متضاد خيال رکڻ سان فڪر ڏک ڪائي پيو:

”تنهنجي منهنجي وڇوڙي جو ڪارڻ!

مون غريباڻو حال ڪافي هو!

پيار ڏن تي ونڻ نه چاهيو مون!
هونءَ مون وٽ ته مال ڪافي هو!“

هڪ پاسي غريباڻي حال هجڻ ڪري وڃوڙو تيڻ جو ذڪر آهي ته ٻئي پاسي پئسن تي پيار نه وٺي امير هجڻ جي ڳالهه ڪئي وئي آهي. ٻي ڳالهه ته ”مون غريباڻو حال ڪافي هو!“ واري لفظي ترتيب رُڪي ۽ اڻ وڻندڙ پئي لڳي، جيڪڏهن ”مون“ بدران ”هي“ لکيو وڃي ها ته به ڪافي هو. ساڳيي غزل جو پهريون بند ملاحظو ڪريون:

”دردِ دل جو ٻيو دليل ڪهڙو!؟
ڪربلا جو مثال ڪافي هو.“

دردِ دل واري ترڪيب پيار، محبت ۽ عشق وغيرهه ۾ فراق واري ڪيفيت جي مثال تي سونهين، هتي ڪربلا جو مثال اڻ ٺهڪندڙ پيو پاسي. ساڳيي غزل جو مقطع:

”ٻيو قلندر نه تي سگهيو ”راشد “!؟
توڙي هن وٽ ڪمال ڪافي هو!“

چيو ويندو آهي ته دنيا ۾ اڍائي قلندر آهن، هڪڙو قلندر لال شهباز، ٻيو بو علي سينا ۽ ٽين (اڌ) بي بي رابعه بصري. تنهن ڪري ڳڻپ جي لحاظ کان چوٿون هجڻ کپندو. اگر فقط سنڌ واري قلندر جي ڳالهه ڪريون، تڏهن پي اهو سنڌي ناهي مروندي آهي. هتي ”ٻيو“ بجاءِ ”نئون“ لکجي ها ته خيال کي وسعت ملي پوي ها.

راشد بروهي جي شعرن ۾ ڪٿي ڪٿي واحد جمع جي ويسر پڻ ڏيان چڪائي پئي:

”جو به تو منصور تي جيئڻ گهري،
پونءِ ان جي لاءِ ڦاهي گهاٽَ آ!؟“

”ڦاهي گهاٽُ“ هجڻ کپي پر قافيي جي مجبوريءَ واسطي ”گهاٽَ“ طور ڪتب آندو ويو آهي. جڏهن هڪڙي پونءِ (واحد) لاءِ ڦاهي گهاٽَ (جمع) ڪتب آڻڻ گرامر جي چُڪ آهي، ٻيو مثال ڏسو:

”آيو سيلاب هو، سڄي تر ۾،
آب جي هڪُ، مڪانُ هيٺ هو!“

سڄي تر ۾ سيلاب اچي ۽ فقط هڪ مڪان(توڙي اهو هيٺائينءَ ۾ ڇو نه هجي) اهو متاثر ٿئي، سو ته ناممڪن پيو لڳي، مشاهدي جي کوٽ يا قافيي جي مجبوريءَ جي ڪري خيال کي ڌڪيو ويو آهي. هڪڙيو ٻيو پي مثال ڏسون ٿا:

” سو ڇا ڏيندو جهان کي تحفظ!؟
جن جو خطري ۾ آهي ساهہ پيو!“

پهرين مصرع ۾ واحد جي ڳالهه آهي ۽ ٻي مصرع ۾ جمع جو بيان آهي ته ” جن جو خطري ۾ آهي ساهه پيو!“ جيڪڏهن ”جن“ جي جڳهه تي ”جنهن“ لڳائجي ها ته وڏيڪ پراثر ٿي پوي ها.

”ماٺهو ماٺهو هتي آ مانگر مڇ!
مان نه چالاڪ مورڙو آهيان!“

لفظ جي غلط معنيٰ ورتي وئي آهي، چالاڪ لفظ مورڙي جي ڪردار جي منفي ترجماني پيو ڪري، چالاڪ ان ماٺهوءَ لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي، جيڪو وقت جو يار، ڪم ڪيو ۽ جذبن سان کيڏندڙ مطلبي هجي. مورڙو ويچارو ته هڪ معذور فرد هيو، جنهن ياڻرن جا لاش حاصل ڪرڻ لاءِ وقت جي حڪمران ڪان مدد طلبي، ان مانگر مڇ جو پيٽ چيري ياڻرن جا لاشا ڪڍيا. هيٺين شعر ۾ صورتخطي جي غلطي ڪئي وئي آهي:

”پاٺ شالا اکين جا تو کوليا!
پيار پهرين جي پئي پڙهائي ٿئي!“

”پاٺ شالا“ جي درست صورتخطي آهي، ”پاٺشالا“. (ڏسو: هڪ جلدي سنڌي لغت، ڊاڪٽر بلوچ صفحو 158)

”روز دفنائي خواب هستيءَ ۾!
جڻ ته شمشان تي رهيو آهيان!“

هتي بس ايترو چوندس ته ڇا شمشان ۾ ڪجهه دفنائي سگهجي ٿو؟؟؟

”ڀاڳ اهڙو ڪٿي ٿيندو انسان جو!
ديپ ٻڏجي جلي روز ڀڳوان جو!“

راشد بروهي سائين! انسان ڀڳوان جو ديپ ٻڏجي ٿي ته جليو آهي، هر دور ۾! هي مسجدن، مندرن ۽ گرجا گهرن ۾ حاضريون، مذهبن جي آڙ ۾ انسانيت جو قتل عام، ماڻهپي جي لتاڙ (پوري پيل جو لاش ڪڍي ٻيهر قتو ڪيو ويو.)، جنگيون، اڃا ڀڳوان کي راضي ڪرڻ لاءِ انسان ڪيترو جلي؟؟ راشد بروهي کي ان ۾ الٽه ڪهڙو ڀاڳ پيو نظر اچي!؟ هي خيال به غور طلب آهي:

” ڀوڪنپ ۾ هو مندر جو رام ٽڪرا ٽڪرا!
ڇا عشق جو ٻڌايان انجام ٽڪرا ٽڪرا!“

ڀوڪنپ (طوفان) به رام جو، مورتي به رام جي، پوءِ اتي ڪنهن جو ڪنهن سان عشق انجام تي پهتو؟ رام کي پاسي تي رکي ڀوڪنپ رحمان جي ڪاتي ۾ ٿا آڻيون، اگر رحمان ڀوڪنپ آندو ۽ رام جي مندر واري مورتي ٽڪرا ٽڪرا ٿي، ته هيٺين مصرع آخر ڪهڙي ڪاتي ۾ فٽ ڪريون؟ هن ئي غزل جو هڪ ٻيو بند ملاحظو ڪريو:

”خوابن جو آشيانو، جنهن تي اکين اڏيو هو،
طوفان ۾ اها ئي ٿي، لام ٽڪرا ٽڪرا!“

اهو ضرور ٻڌو آهي ته طوفان لام کي وڻ مان پٽي، ٽوڙي ڏار ڪري سگهي ٿو، پر طوفان ۾ ڪات ڪهاڙا هرگز نا هن هوندا جو لام کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٻارڻ لائق بڻائي ڇڏي. اهڙو ئي اظهار سندس هن شعر ۾ پڻ آهي:

”هئي جنهن جي ڳالهين ۾ زندهه دلي!
اهو شخص اندران ڀڳل ٿار هو!“

”ٿار“ ٿاريءَ جي لڪت جو ئي هڪ نمونو آهي، جنهن مان مراد هڪ اهڙي ننڍڙي ڪاٺي، جنهن ۾ ڀن ۽ ڦل به شامل هجن. هتي ”ڏار“ لفظ معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان درست هو.

راشد بروهي جو نثري نظم "نيٽن جي ويب سائيٽ تان" موضوع جي لحاظ کان آهي ته جدت تي مبني پر اصطلاحن جي غلط استعمال سببان متاثر ٿيو آهي، هيٺ پڙهو:

"مون چيو؛
دل جي ڪمپيوٽر ۾
بيروني ڪيفيتون
اپلوڊ ٿين ٿيون.
ڪاش!
اندروني ڪيفيتون
ڊائونلوڊ ٿي سگهن!!!"

ڪمپيوٽر سان واسطو رکندڙ فرد ڄاڻندا هوندا ته جڏهن ويب سائيٽ (ويب سرور) تان ڪجهه پنهنجي ڪمپيوٽر ۾ محفوظ ڪبو آهي ته ان ٽرم کي Download چئبو آهي نه ڪي اپلوڊ. بيروني ڪيفيتن کي Store يا محفوظ ڪري سگهجي ٿو باقي رهي ڳالهه اندروني ڪيفيت جي ته اها اڳ ۾ ئي اسان جي ميموري ۾ محفوظ آهي، ان ڪي ڊائون لوڊ ڪرڻ جي ڪابه ضرورت نا هي.

"سمنڊ تي شام جو نظارو چٽِيِ!
ڇو ٿو مُک تي اداسيون لاهين!؟"

"نظارو چٽڻ" Paint ڪرڻ ٿيو، هتي مصور اگر آهي به ته مبهم آهي، اسان جو بحث هرويرو ان جي موجودگيءَ تي نا هي پر ان ڳالهه تي آهي ته شام جو منظر اداسيءَ جي تمثيل آهي ۽ شايد شاعر مُک کي اداس نه ڪرڻ جي ڳالهه پيو ڪري پر "اداسي لاهڻ" مان مراد "اداس ٿيڻ" قطعي نا هي پر اداسي ختم ڪرڻ آهي، هتي جيڪڏهن شاعر اداسي ختم نه ڪرڻ جي تلقين ٿو ڪري ته سندس مرضي.

فاعلاتن مفاعلن فعلن تي آذاريل هي شعر الله پروف جي غلطيءَ سببان مبهم پٽي ۾ مبتلا آهي الله وزن جي ڪوٽ ڪارڻ!!

”موت ان سان نيائيندو کهڙو!؟
زندگيءَ سان نياءُ نا هي ڪيو! (شايد جنهن لفظ جي ڪوٺ آهي.)

ان ڪان علاوهه راشد بروهي بروهي لفظن جي بار بار ورجاءَ سببان خيالن ۾ يڪسانيت جي ور چڙهي ويو آهي. گل بدران اردوءَ جو ”قول“ لکي ٿو. تنهن هوندي به راشد بروهي نهايت ئي سچيت ڪوي آهي. نئين نسل جي اميدن ۽ احساسن جو ترجمان آهي. سندس اندر جي دنيا نهايت ئي وشال رهي آهي، اسان ادبي اوسر جا قدم گڏجي کنيا آهن، وڪ وڪ تي هڪ ٻئي جو ساٿ ڏنو آهي ۽ قوي اميد اٿئون ته اهو پيار سندو سفر هميشه جيان اڳتي روان دوان رهندو.

جيئن چنڊ اونداهين جو انڪاري آهي، تيئن سندس هي ڪوتائون به رات جي منهن تي چماٽ مثل آهن. او چنڊ جيان اونداهين جا انڪاري شاعر توکي تنهنجو هي شعر ارپيان پيو:

”شهر جي ماحول ۾، گهُٽجي مُئو!
سچ رهاڪو هو، ڪليل ميدان جو!“

***

دنيا ڪهاڻين تي قائم آهي

مشهور آمريڪي ليکڪا لوري مور(Lourie Moore) جيڪا ڪهاڻيڪاره ۽ ناول نگار آهي، اها فڪشن بابت لکي ٿي ته ”ڪهاڻي پيار ڪتا وانگر آهي ۽ ناول شاديءَ جيان آهي. ڪهاڻي فوٽوءَ وانگر آهي ۽ ناول فلم جيان آهي.“

توڙي جو ناول ۽ ڪهاڻي پنهنجي ٽيڪنڪ ۾ الڳ الڳ هوندي به پڙهڻ واري کي ساڳيو رس چس مهيا ڪن ٿا. ڪهاڻيڪار يا ناول نگار جو اسلوب، ڪردار نگاري، مڪالما توڙي بيان ٻنهي صنفن ۾اڪثر ساڳيو ئي رهي ٿو.

سنڌيءَ ۾ ناول جي کوٽ جون دانهون وڏي عرصي کان ادبي مضمونن جو حصو رهيون آهن پر هاڻي گذريل ڪجھ سالن ۾سنڌي تخليقي ناولن جو هڪ چڱو ڀلو تعداد سنڌي ادب ۾ شامل ٿي چڪو آهي. خوشيءَ جهڙي ڳالھ آهي ته انهن لکندڙن ۾ وڏو تعداد نوجوان ليکڪن جو آهي.

سنڌي ادب ۾ تنقيد (تعميري) جي کوٽ جي ڪري اسان جون اڪثر لکڻيون اجائي واکاڻ جي ور چڙهي ليکڪ جي تخليقي سگھ کي متاثر ڪري رهيون آهن، نتيجي طور اسان کي ساڳي ورجاءَ يا ڪمزور پلاٽ تي آڌاريل تخليقون پڙهڻ لاءِ ملن ٿيون. هڪ بهتر تعميري تنقيد ڪنهن به ادبي فن پاري يا ليکڪ جي اسلوب کي نکارڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندي آهي. سنڌي ادب ۾ هاڻي تنقيد ڏانهن مثبت لاڙي جي سخت ضرورت کي ڪنهن به صورت نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ناول جيئن ته نئين خيال کي نئين انداز سان پيش ڪرڻ جو نالو آهي تنهن ڪري ناول ڏانهن خاص ڌيان جي ضرورت آهي. هاڻي ته تاريخي واقعن توڙي پراڻن قصن کي فڪشنائيز ڪرڻ جو ڪم به ناول توڙي ڪهاڻيءَ جو حصو ٿي ويو آهي.

اڪبر لغاري ناول بابت پنهنجي هڪ مضمون ۾لکي ٿو ته ” ناول يا ڪهاڻي جو مسودو هڪ اهڙي ڇڪيل رسي وانگر هوندو آهي جنهن تي بازيگر ڪرتب ڏيکاريندو آهي. جيڪڏهن رسي مڪمل طور ڇڪيل نه

هوندي تہ بازيگر پنهنجو توازن برقرار رکي نہ سگهندو.“

اهڙيءَ طرح ناول نگار پنهنجي ان چڪيل رسيءَ تي ڪردارن جا ڪرتب ڏيکاريندو اڳتي هلندو ويندو آهي، جيڪڏهن ڪنهن ڪردار يا بيان ان رسيءَ کي ڍرو ڪري ڇڏيو تہ اها ڳالهہ ناول ۾ جهول پيدا ڪري وجهندي، جنهن جي نتيجي ۾ پڙهندڙ جي دلچسپي گهٽجي ويندي آهي.

منهنجي راءِ آهي تہ ناول جي ڪهاڻي پراڻي نوڪيا موبائيل ۾ موجود نانگ واري راند جيان هجڻ گهرجي جنهن ۾ جيئن جيئن راند اڳتي وڌندي ويندي آهي تہ نانگ وڏو ٿيندو ويندو آهي ۽ تيئن تيئن ان کي پنهنجو پاڻ سان يا ديوار سان ٽڪرائڻ کان بچائڻ لاءِ ڏگها وڪڙ ڪرڻا پوندا آهن. جيتري رستي جي مونجهہ ان راند ۾ پيدا ٿيندي آهي اوترو ئي ان ۾ مزو پيدا ٿي پوندو آهي.

مسلسل لکڻ هڪ فن آهي، جيڪو اڳتي هلي لکڻين ۾ گهرائپ توڙي خيال جي بلندي پيدا ڪرڻ جو سبب پڻ بڻجندو آهي. اسان جي اندر ۾ جيڪو ڪجهہ آهي اهو پني تي اچڻ گهرجي، ان بابت وليم فاڪنر چوي ٿو تہ ”جيڪڏهن توهان جي اندر ۾ ڪا ڪهاڻي آهي تہ ان کي ٻاهر اچڻ گهرجي.“ وري مثان ارنيسٽ هيمنگوي جو خيال آهي تہ ” ڪنهن بہ شيءَ جو پهريون خاڪو بڪواس هوندو آهي.“ پنجويهن کان مٿي ناول لکندڙ آمريڪي ليکڪا جودي پڪولٽ پڻ لکڻ لاءِ آماده ڪندي چوي ٿي تہ ”توهان هميشہ ڪچي پڪي لکيل صفحي ۾ ترميم ڪري سگهو ٿا پر خالي صفحي ۾ نہ!“ ارنيسٽ هيمنگوي وڌيڪ لکي ٿو تہ ” جيڪڏهن توهان وٽ لکڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هجي تڏهن بہ توهان کي هيٺ ويهي ٽائيپ رائيٽر تي آڱرين مان رت وهائڻ گهرجي.“

ان ڪري ئي ڪهاڻي هر دور ۾ لکجندي رهي آهي، قصي يا داستان جي صورت ۾، ناول جي صورت ۾، تاريخ جي صورت ۾ يا ڪنهن احوال جي صورت ۾. جيڪڏهن ڪهاڻيڪار نہ رهندا تہ ڪهاڻي نہ رهندي، جيڪڏهن ڪهاڻي نہ رهندي تہ عقيدا نہ رهندا، تصور نہ رهندا، خيال نہ رهندا يا ائين ڪٿي چئون دنيا ئي نہ رهندي.

ادبي ڪيتر ۾ ڪليم ٻُٽ جو نالو هڪ ناول نگار ۽ نقاد طور پڻ اڳيان آيو آهي، جنهن جا پنج ناول اڳي ئي ڇپجي چڪا آهن، جن ۾ "ڏاهر"، "وطن جن وساريو"، "آزاديءَ جي اپٽار"، "مري ٿيا نه مات" ۽ "راءِ ڏياچ" شامل آهن. هي سندس ڇهون ناول آهي، جنهن جو نالو "يوٽوپيا" رکيو ويو آهي.

هي ناول جيبي نالي هڪ اهڙي ڪردار جي ڪهاڻيءَ سان شروع ٿئي ٿو جيڪو جسماني طور اڌ مائي ۽ اڌ مرد آهي، جنهن جو تعلق يوٽوپيا ملڪ جي هڪ وڏي سياسي خاندان سان آهي پر هو ان ملڪ بدران انجليسيا نالي هڪ انگريز ملڪ ۾ رهي ٿو/ ٿي ۽ هو ماين جي حقن لاءِ ٿيندڙ احتجاج ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سوشل ميڊيا تي تحريڪ پڻ هلائي ٿو/ ٿي ۽ يوٽوپيا ملڪ جي ماين کي گنجيڙي نالي حڪمران جي پاران لاڳو ٿيندڙ ڪاري قانون کان بچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو/ ٿي.

جيبي جي خاندان ۾ هڪ ٻيو ڪردار جنهن کي هو ماسمو سڏي ٿو، اهو پڻ جيبيءَ وانگر اڌ مائي ۽ اڌ مرد آهي، اهو جيبيءَ جي ويجهو ۽ خيال رکندڙ فرد آهي جيڪو ڪيس يوٽوپيا ملڪ مان ان انجليسي ملڪ ۾ وٺي آيو هيو ڇو ته سندن خاندان جي سياسي مخالفن جي ڪري سندن جان کي خطرو وڌي ويو هو.

ناول جو مرڪزي ڪردار پنهنجي خاندان جي تاريخ ٻڌائيندي ورهاڱي کان پهرين واري انگريز دور کان سندس خاندان جي پهرين سياسي فرد ڇتو اول کان ڪهاڻي شروع ڪندي، پوءِ ڇتو ثاني ۽ پوءِ ملڪ جي ٻين سياسي ڪردارن بابت بيان ڪندو وڃي ٿو.

جيبي پنهنجي خاندان جي سياسي ڪردار مان متاثر نا هي، ان ڪري پنهنجي خاندان جي سيني نندين وڏين عياشين کي ظاهر ڪيو آهي ۽ ڇتي ثانيءَ کي ته اهڙو عادي ڏيکاريو آهي جو مائي ڏٺي نا هي ذهني عياشيءَ ۾ شروع. ڇتي صاحب جي هڪ ناچڻيءَ تي دل اچڻ ۽ ان سان شادي ڪرڻ کان پوءِ ڇتي ثاني پيدا ٿئي ٿو، جڏهن ڪيس خبر پوي ٿي ته هو هڪ نچڻ ڳائڻ واريءَ جو اولاد آهي ته هو پنهنجي ماءُ کان نفرت ڪندي ڪائنس الڳ رهڻ لڳي

ٿو ايتري حد تائين جو سندس مرڻ جي خبر پوندي به منهن ڏسڻ نٿو وڃي. نندپڻ کان ئي ڇتي ٿانيءَ جو الڳ الڳ ماين کي چنبڙڻ ۾ سندس سياسي قد ڪاٺ کي منفي رخ ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي. اڳتي هلي ڇتي ٿانيءَ جو پنهنجو تخت مضبوط رکڻ لاءِ ڪوجين جي هڪ ڪميٽي جوڙڻ ۾ ان جو اڳواڻ ڪاٽي ڪوجي کي ڪرڻ وغيره.

هن ناول ۾ ورهاڱي کان اول جون سياسي سرگرميون پڻ ڏيکاريون ويون آهن، جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ڪيئن سياسي اڳواڻ، حڪمران توڙي انگريز سرڪار پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ نسلي توڙي مذهبي وڳوڙ ڪرائن ٿا. هن ناول ۾ درياهي صوبي جي اهم سياسي شخصيت پاران سڪرش شهر ۾ سنياسي شهر کان پنجن ماڻهن جو ٽولو موڪلي اتي مذهبي فساد ڪرايا وڃن ٿا.

جتي مذهبي فسادن جي ڳالهه آهي اتي رواداري پڻ ڏيکاري وئي آهي، جيئن: "ٻاوي گيدوڙي وٽ مذاق ڪرڻ جي حس مجلي امام دين کان وڌيڪ هئي ۾ نيٺ مذاق ڪندي چيائينس: "اسان جا پولڙا اڏامندا آهن ۾ اوهان جا خچر اڏامندا آهن، پوءِ پاڻ ۾ فرق ڪهڙو آهي." ان تي مجلو امام دين چڙي پيو هوس ۾ لٺ گيدوڙي جي ٽڪڻ ۾ وهائي ڪڍي هئائينس."

هن ناول ۾ ملڪ جي سياسي سرگرمين ۾ ملڪ جي ڪوجين جي ڪردار کي پڻ وائکو ڪيو ويو آهي ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ڪيئن اهي سياسي معاملن ۾ مداخلت ڪندي پنهنجي مرضيءَ جا فيصلا ڏيارين ٿا. ان جو اظهار هيٺ ڏنل ڊائلاگ مان ظاهر آهي: "ياد رکو نه ڪو اسان جو ماڻهو آهي، نه ڪو وري اسان ڪنهن جا ماڻهو آهيون، اسان لاءِ اهم رڳو اسان جا مفاد آهن."

ناول نگار هن ناول ۾سماجي تبديليءَ بابت لکيو آهي: "يوٽيوپيا جهڙن سماجن ۾ اڄ به سڀ کان وڏو مسئلو هڪ اهڙو سماج قائم ڪرڻ آهي، جنهن ۾ سهپ هجي. يوٽوپيا ۾ ان سان ملندڙ جلندڙ سماجن ۾ ڪير به ڪنهن کي نٿو سهي، اسان وڏيرا شاهي خلاف ته جدوجهد ڪريون ٿا پر ذهني طور اسان سڀ وڏيرا ۾ چوڌري آهيون."

اجا وڏيڪ تبديليءَ جو محرڪ ٿيڻ لاءِ شيڪسپيئر جو حوالو ڏيندي لکيو اٿس تہ: ” صديون اڳ شيڪسپيئر سندس شاعريءَ وسيلي هڪ سوال اٿاريو هو: اسان آهيون يا اسان نہ آهيون؟ (To be or not to be) جيڪڏهن نہ آهيون تہ پوءِ اوسي پاسي ۾ ڇا پيو ٿئي، ڪير ڪسجي رهيو آهي، ڪير بکيو مري رهيو آهي، ڪير غلام آهي، ڪير آقا آهي، ڪير مومن آهي، ڪير ڪافر آهي، ڪوبہ فرق نٿو پوي، پر جيڪڏهن اسان آهيون تہ پوءِ فرق پوي ٿو ۽ جيڪڏهن آهيون تہ پنهنجي هجڻ جو احساس ڏيارڻو پوندو. “

ڪليم جيتوڻيڪ اڌ درزن کان وڏيڪ ناولن جو ليکڪ آهي تنهن جي باوجود بہ هن ناول ۾ موجود ڪيترا ئي جهول ناول جي خيال کي متاثر ڪن ٿا. تن جا ڪجهہ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

هن ناول جا ڪجهہ واقعا بہ نسل پراڻا تہ ڪي زمان حال استمراري جا آهن، تن ڪردارن ۽ جاين کي نالن جي متاستا سان فڪشنائيز ڪيو ويو آهي پر تنهن باوجود ائين محسوس ٿي رهيو آهي تہ هي ڪا ويجهڙ جي سياسي تاريخ آهي ناول ناهي. جو تہ چيو ويندو آهي تہ آرٽ ۾ ڳالهہ چئي ٻڌائڻ جي بجاءِ ، اهميت انهيءَ ۾ آهي تہ اها ڳالهہ ڪري ڏيکارجي.

ڪليم ٻٽ پنهنجي هن ناول ۾توڙي جو سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي کوٽ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انگريزيءَ کي ان معاملي ۾ وسيع ڄاڻايو آهي، جنهن بابت لکي ٿو:

” معاف ڪجو پر لفظن جي معاملي ۾ پنهنجي ٻوليءَ جي ڀيٽ ۾ انجليسي ٻولي وڏيڪ مالامال آهي. “ اڳتي لکي ٿو تہ ماين جي سيني جي اڀارن لاءِ فقط هڪ ئي لفظ ”ڇاتيون“ آهي جڏهن تہ انگريزيءَ ۾ گهڻا آهن سندس اها راءِ سندس اڻپوري مطالعي جا شاهدي ڏئي پئي، ذڪر ڪيل لفظ لاءِ ٻبا، ارهہ، سيني جا اُڀار ۽ ٻيا لفظ پڻ ڪتب آندا ويندا آهن.

ناول جو هڪ ڪردار ماسموپنهنجي باري ۾ ٻڌائي ٿو، ”پنجونجاهہ سال اڳ جڏهن مان ڄائي هيس تہ منهنجي جسم جو اڌ حصو عورتاڻو هو ۽ اڌ مرداڻو، ان تي ڊاڪٽر ۽ نرسن سان گڏ سڀ پريشان هئا .... بابا جي سياسي

قد ڪاٺ جي ڪري اسپتال وارا چپ رهيا ۽ منهنجي ڄمڻ سرٽيفيڪيٽ تي جنس واري خاني ۾ ڏيءُ لکي ڇڏيائون، پر جڏهن بابا مذهبي رسمون پوريون ڪرڻ لاءِ هڪ مجلي کي گهر گهرايو ۽ جڏهن ان مجلي جي نظر منهنجي جسم تي پئي ته هو وائڙو ٿي ويو پر بابا جي سامهون ڪجهه نه سگهيو.“

مٿئين بيان ۾ گهڻا تضاد موجود آهن. پهرين ڳالهه ته سماج ۾ ڪريل ٻار ڄمڻ پلي ڪيترو نه خراب تصور ڪيو وڃي پر اهو ڪوئي جرم يا گناهه ناهي، ڊاڪٽرن ۽ نرسن وٽ اهڙا معاملا اڪثر ٿيندا رهندا آهن. انهن کي پريشان ڏيکارڻ سمجهه کان ٻاهر آهي، مٿان وري ٻار جي ڄمڻ سان کهڙيون مذهبي رسمون ادا ڪيون وينديون آهن سواءِ ڪن ۾ ٻانگ ڏيڻ جي. باقي نئين چاول ٻار کي نرسون، دايون يا گهر جون وڏيون وهنجاريندیون آهن. مجلي کي گهر گهرائي کهڙيون رسمون ادا ڪيون ويون يا ننڍڙي ٻار جي اڻ ڏٺل جسم تي کهڙيون نشانيون هيون جيڪي مجلي ڏسي ورتيون؟ سياسي قد ڪاٺ جو اثر ڊاڪٽرن تي پيو پر مجلي تي نه پيو جو هن ٻئي ڏينهن عبادت گاهه مان وڃي اهڙو اعلان ڪيو. ٻئي خاص ڳالهه ته ذڪر ڪيل عرصي ۾ دنيا ايتري ترقي ڪري چڪي هئي جو جنس تبديل ڪرڻ يا ڪريل جنس کي ڪنهن خاص جنس ۾ آڻڻ ڪنهن امير ماڻهوءَ لاءِ عام رواجي ڳالهه بڻجي چڪي هئي.

ناول ۾ ضمير متڪلم جو بار بار تبديل ٿيڻ ڪري خيال ٽوڙي کٽاڻيءَ جي وهڪري تي اثر پيو آهي. Protagonist طور ڪڏهن جيبي، ڪڏهن ماسمو ته ڪڏهن ڪو ٻيو ڪردار اچي وڃي ٿو ۽ سيني جو اندازِ بيان پڻ هڪ جهڙو ئي آهي.

پيرٽي ۽ گنجيڙي جا ڪردار زمان حال استمراريءَ جا آهن. جديد ٽيڪنالاجيءَ جي هن دور ۾ پيرٽيءَ جي آئسوليشن سٽيءَ ۾ ماين کي هڪڙي چپ لڳائي روبوٽ جيان پنهنجي مطلب لاءِ استعمال ڪرڻ وارو خيال نهايت ئي ٻاراڻو لڳي رهيو آهي بهتر هجي ها جي اگر ان جي بدران روبوٽن کان ئي اهو ڪم ورتو وڃي ها.

هن ناول ۾ ڪجهه واقعا هرويرو شامل ڪيا ويا آهن جيڪي جيڪڏهن

ڪڏهن به چڏجن ته ناول جي صحت تي ڪو خاص فرق نه پوندو.

توڙي جو ناول جو پلاٽ ديسي واقعن تي مبني آهي پر الائي ڇو مونکي هن ناول مان پنهنجائپ جا رنگ نه ملي سگهيا آهن، ٿي سگهي ٿو منهنجي Perception غلط هجي پر ناول ترجمي جهڙو تاثر ڏئي رهيو آهي.

آخر ۾ ڪليم کي هن موضوعاتي لحاظ کان نئين ناول سان سنڌي ادب ۾ وڏيڪ هڪ ناول Contribute ڪرڻ تي واڌايون ڏيندي اها اميد ڪجي ٿي ته سندس قلم پنهنجي رفتار سان هلندي بهتر کان بهتر فڪشن لکندو رهندو.

چيو ويندو آهي ته دنيا اميدن تي قائم آهي ۽ اهڙي اميد کهاڻيڪار ئي سماج ۾ پيدا ڪري سگهن ٿا، اهڙي ئي اميد جو اظهار هن ناول ۾ هنن لفظن سان ٿيل آهي:

"جڏهن انسان جي هٿان سڀ ڪجهه ترڪي ويندو آهي، تڏهن کهاڻي ان ۾ اميد جاڳائڻ ايندي آهي. کهاڻي کي صحيح نموني ٻڌائي کي ماڻهو ولي ٿي پيا ته ڪي وري آسمان واري جا خاص چونڊيل نمائندا ٿي پيا، پر انهن مان تمام ٿورن ڏاهن کي ئي سمجهه ۾ آيو ته اصل ۾ هو کهاڻيڪار آهن".

سوشل ميڊيا ۽ اسان جي تعليم

سوشل ميڊيا يا سوشل نيٽ ورڪنگ هڪ ئي شيءِ جا ٻه نالا آهن، اسان روزانو اخبارن، رسالن، ٽي وي، ريڊيو ۽ ٻين ذريعن سان فيس بوڪ، ٽوئيٽر، آرڪٽ، يوٽيوب، ماءِ اسپيس، گوگل پلس ۽ ٻين سوشل نيٽ ورڪس جا نالا ته روزانو پڙهندا، ٻڌندا ۽ ڏسندا آهيون، پر حقيقت ڪان بي خبر.

سوشل ميڊيا ڇا آهي ۽ ان اسان جي سماج تي ڪهڙا اثر ڇڏيا آهن.

سوشل ميڊيا هڪ اصطلاح آهي، ان کي سمجهڻ لاءِ ان جي ٻنهي لفظن کي ڌار ڌار سمجهون ٿا، ميڊيا لفظ مان مرا د رابطي جو ذريعو/ اوزار جيئن اخبار، ريڊيو يا ٽي وي ۽ سوشل مان مراد سماج آهي، مختصر ته سماجي رابطن جو ذريعو.

ڪمپيوٽر جي ٻولي ۾ سوشل ميڊيا مان مراد هڪ اهڙي ويب سائيٽ جيڪا نه فقط اوهان کي ڪا معلومات پهچائي پر معلومات پهچائڻ واري ذريعي سان اندروني ڳانڊاپو پڻ رکي ته جيئن توهان پڻ ان معلومات تي راءِ ڏئي ان جو حصو بڻجي وڃو. ريڊيو ٽي وي يا اخبار ذريعي جيڪا معلومات اسان کي ملي ٿي پر اسان ان معلومات تي راءِ فقط سامهون ويٺل شخص سان ئي شيئر ڪري سگهون ٿا پر سوشل ميڊيا اسان کي هزارين ماڻهن سان اها راءِ شيئر ڪرڻ جي سهولت مهيا ڪري ٿي. ريگيولر ميڊيا هڪ گهٽيءَ وانگر آهي جتي توهان صرف معلومات حاصل ڪري سگهو ٿا جڏهن ته سوشل ميڊيا ٻن رستن واري گهٽيءَ وانگر آهي، جتي معلومات ٻه ملندي ۽ رابطو ٻه ٿيندو.

ٽورن لفظن ۾ ڪٽي ائين چئون ته تنظيمن، جماعتن ۽ فردن وچ ۾ باهمي رابطي کي سوشل نيٽ ورڪ چئي سگهون ٿا، جيڪو اسان ڪجهه سماجي ويب سائيٽس کي استعمال ڪندي حاصل ڪريون ٿا جيئن فيس بوڪ، ٽوئيٽر، آرڪٽ، يوٽيوب، لنڪڊان، گوگل پلس ۽ ٻيون شامل آهن.

سوشل نيٽ ورڪ ويب سائيٽس جي شروعات 1990 جي ڏهاڪي ۾ geocities, tripod جهڙين ويب سائيٽس جي اچڻ سان ٿي ۽ آهستي آهستي ان ۾ اضافو ٿيندو رهيو، 2002 ۾ friendster 2003 my space, ۽ 2004 ۾ فيس بوڪ متعارف ڪرايو ويو.

اڄ جتي سماجي رابطن جي ويب سائيٽس کي استعمال ڪندي مصر ۾ انقلاب اچي سگهي ٿو، عرب ملڪن ۾ سماجي رابطن ۾ تيزي اچي سگهي ٿي، دنيا جو ذهني لاڙو تبديل ٿي سگهي ٿو، دنيا ۾ نت نيون تبديليون اچي سگهن ٿيون. ڇا اسان ان مان ڪو فائدو حاصل ڪيو آهي؟ ڇا اسان جو شاگرد ان ذريعي مان لاڀ حاصل ڪري سگهيو آهي؟ ڇا سوشل ميڊيا اسان جي تعليم تي ڪو اثر ڇڏيو آهي؟ ڇا اسان جو استاد پاڻ کي دنيا آڏو مڃائي چڪو آهي؟ يقينن جواب نه ۾ ئي ملندو.

منهنجي نظر ۾ ان جو اهم ترين سبب اسان وٽ سوشل ميڊيا جو غلط استعمال آهي، اسان جو نوجوان سوشل ميڊيا جي اصلي ڪارج کان بلڪل بي خبر آهي ۽ نتيجو اهو نڪتو ته اڄ فيس بوڪ جو استعمال دوستي، فلرٽ، ڊيٽنگ، فن ۽ تفريح کان علاوه ڪجهه به نا هي رهيو. عام رواجي طور هر فرد جا هڪ کان وڌيڪ پرفائيل اڪائونٽ هجن ٿا، هڪڙي ۾ مرد آهي ته ڪنهن ٻئي ۾ عورت جي نالي سان فيڪ/جعلي اڪائونٽ.

سوشل ميڊيا جي جاري استعمال کي تعليم ڏانهن ڪيئن راغب ڪري سگهجي ٿو.

اسان کي خبر آهي ته سوشل ميڊيا رابطي جو وڏي ۾ وڏو ذريعو آهي ۽ ان سان اسان عالمي گروپ ٺاهي يا انهن ۾ شامل ٿي تعليم جي ميدان ۾ اڳيرا ٿي سگهون ٿا.

- تعليم ۽ تربيت وارن گروپس تي تعليمي بحث شروع ڪري ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي.
- تعليمي ماهرن کان واسطيدار سبجيڪٽ جا سوال پڇي سگهجن ٿا.
- گلوبل وليج جو ميمبر ٿيڻ لاءِ پاڻ ۾ اهليت پيدا ڪجي.

- عالمي سڪيا گهرن جا پيج پڙهڻ سان عالمي سوچ پيدا ڪرڻ گهرجي.
- سوشل ميڊيا استادن جي بهترين تياري لاءِ به ڪارگر آهي.
- جديد دنيا جون تبديل ٿيندڙ حقيقتون ۽ نيون ايجادون پڻ شيئر ٿين ٿيون.
- عالمي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي پيجز ۽ گروپس مان ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي ۽ انهن جي انتظاميه سان رابطو ڪري سگهجي ٿو.
- عالمي معيارِ تعليم کي ڏسي ۽ پرکي سگهجي ٿو.
- ٻين شاگردن ۽ استادن پاران تيار ڪيل ٽيسز ۽ سبجيڪٽس جا نوٽس پڙهي سگهجن ٿا.
- شاگردن ۽ استادن کي پنهنجو تيار ڪيل ڪم دنيا آڏو تنقيد لاءِ رکڻ کپي جيئن اهو عالمي مڃتا ماڻي سگهي.
- عالمي تعليمي ماحول ۾ رهڻ سان اسان جي عام زندگيءَ ۾ به تبديلي ايندي جيڪا اسان جي رواجي زندگي ۽ تعليم ۾ ترقيءَ جو سبب بڻجندي.
- ۽ ٻيا بيشمار سوشل نيٽ ورڪنگ جا ٽولز جن کي استعمال ڪندي دنيا انقلاب ڏانهن وڌي وئي آهي پر اسان فن ۽ تفريح ۾ پورا آهيون.

دنيا ۾ صدارتي چونڊون سوشل نيٽ ورڪ ذريعي ٿي سگهن ٿيون، مصر ۾ انقلاب اچي سگهي ٿو، عرب ملڪن جي تاريخ بدلجي سگهجي ٿي، نوجوانن جا ذهن نت نين تخليقن ڏانهن مائل ٿي سگهن ٿا ته ڇا اسان پاڻ ۾ تبديلي نٿا آڻي سگهون...!!؟

هن ننڍڙي ڪاوش ذريعي منهنجي سيني سول سوسائيٽي جي فردن، انتظاميه، اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي جي هيڊس، ضلعي جي ڪامورن ، تعليم جي وزير ۽ ٻين سيني کي گذارش آهي ته خدارا پنهنجي ڪوشش ۽ ڪاوشن سان تعليم کي سوشل نيٽ ورڪس جو حصو بڻايو ۽ شاگردن کي

درسگاهن ۾ اهڙيون سهولتون مهيا ڪري ڏيو ته جيئن اهي عالمي مقابلي جي تعليم ڏانهن قدم وڌائي سگهن نه ته اسان ماضيءَ جي غارن ۾ گم ٿي لٽجي ويندا سين ۽ تاريخ ڪي اسان جا نشان به نه ملندا.

***

ادب ۽ انتهاپسندي

اڄ اسين ٻرندڙ دنيا جي اهم ترين ۽ ايندڙ ڪيتري ئي عرصي تائين عالمِ انسان لاءِ انتهائي پيچيده ۽ حل طلب مسئلي انتهاپسنديءَ کي فوڪس ڪرڻ وڃي رهيا آهيون، گڏوگڏ اهو ته ادب ۽ انتهاپسنديءَ جو پاڻ ۾ ڪهڙو ربط آهي ۽ اڄ جو ادب ڪٿي بيٺل آهي. انتهاپسنديءَ جديد دنيا جون نندون حرام ڪري رکيون آهن. اڄ جو آدم جيترو سائنسي ترقيءَ وسيلي اڳتي نڪري آيو آهي، اتي چند انتهاپسند ڌريون ان راهہ ۾ رڪاوٽ پڻ آهن. روشنيءَ جي رستي روڪ لاءِ قدامت پسند قوتون سرگرم آهن. ادب وسيلي ان عمل کي ڪيئن روڪي يا مات ڏئي سگهجي ٿي. موضوع کي سمجهڻ واسطي پهرين ادب کي سمجهون ٿا.

ادب Literature ڇا آهي؟

ڊڪشنري ليکي ادب Literature جي وصف بيان ڪبي ته اها هن طرح ٿيندي، "جيڪا به لکت موجود آهي، سا ادب آهي."

انگريزي لفظ literature لاطيني ٻوليءَ جي لفظ Literatura مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ ۽ مفهوم آهي، " اکرن جي دنيا" يا "ڳالهايل ۽ ڳايل اکر."

علامہ آءِ آءِ قاضي پنهنجي مضمون "ادب ۽ زندگي" ۾ ادب جي وصف هن طرح ڏني آهي ته، " ادب، لفظ "دب" مان ورتل آهي، جنهن جو مطلب آهي، پٽ تي ريڙهيون پائڻ. لغت جي لحاظ کان معنيٰ ريڙهيون پائيندڙ ٻار کي پنڌ سيکارڻ. سنڌي اصطلاحي معنيٰ ۾ اڻ گهڙيل ڪاٺ کي رندو هڻڻ، ۽ ماضيءَ ۾ اهو فن سيکاريندڙ استاد کي اديب چئبو هو."

ادب ايترو قديم آهي جيتري تهذيب. پهريان پهريان ادب لکت جو صورت ۾ قديم مصر ۽ سُميري تهذيبن مان 4000 ق.م ۾ مليو، لوڪ ادب جي حوالي سان ان جي تاريخ اڃا به پراڻي ٿي سگهي ٿي. جيئن جيئن ماڻهن

مهذب ٿيڻ شروع ڪيو، لوڪ ادب جي شڪل ۾ هڪ ٻئي کي گيت ۽ قصا ٻڌائڻ شروع ڪيا. سُميري ۽ مصري تهذيبن جي ادب کي دنيا جو قديم ترين ادب تصور ڪيو وڃِي ٿو، ان دور جو ادب، دعائن ۽ ڏند ڪٿائي ڳالهين يا قصن تي مبني هو ۽ شاعريءَ جي فارم/هيئيت ۾ هو.

جيئن ته اسين سڀ ڄاڻون ٿا ته دنيا جي مڙني علمن ۽ فنن جو سرچشمو يونان ئي آهي، ادب جا جيڪي اصول افلاطون ۽ ارسطوءَ جوڙيا، صديون گذرڻ باوجود به اڄ جو شارح انهن جي چوگرد ئي ڦري ٿو. افلاطون پنهنجي ڪتاب Republic ۾ لکي ٿو، " علم ادب هڪ ڏوڪو آهي، شاعري سيني کوڙن جي ماءُ آهي ۽ شاعر اخلاق جو دشمن آهي." ارسطوءَ پنهنجي استاد افلاطون جي مٿين اعتراضن جا دل کولي جواب ڏنا ۽ چيو ته، "تخليقي ادب نقالي ۽ محاڪات آهي، جنهن جو مقصد دل جي تفريح آهي."

خليفي مامون رشيد جي دور ۾ يوناني علمي خزانو عربيءَ ۾ ترجمو ٿيو ۽ ائين اهو فڪر عربن تائين پهتو، عربن ادب جا ٻه قسم بيان ڪيا، هڪ الهامي ۽ ٻيو مدرسن مان حاصل ڪيل ۽ تشريح هن طرح ڪئي،" اهو علم ، جو انسان جي دل ۽ ذهن کي وڏائي، خيالن ۾ بلندي، نزاڪت ۽ قلب ۾ خوشي ۽ سرور جي ڪيفيت پيدا ڪري ، ان کي ادب چئبو آهي."

يورپ جي نظر وري مختلف آهي، يورپي عالمن جي راين ۾ تضاد ضرور آهن پر ادب جي حقيقي وضاحت ضرور ملي ٿي.

"ادب انساني زندگيءَ جي تنقيد ۽ ان جو تفسير آهي." **ميٿيو آرنولڊ**

" قدرت انسان ۾ جن سرمدي شين کي امانت رکيو آهي، تن جي اظهار کي ادب چئجي ٿو." **ميلڪن**

" ادب به هڪ تاريخ آهي." **هيگل**

" اها تمام معلومات جيڪا ڪتابن مان حاصل ٿئي، اها ادب آهي." **آرنولڊ سڪورسس**

"لائق مردن ۽ عورتن جي لکيل احساسن ۽ خيالن کي اهڙي نموني سان ترتيب ڏيڻ ، جو پڙهندڙ کي خوشي حاصل ٿئي، ادب آهي." **بروڪ**

جديد ادب جي شروعات يورپ کان ٿي، جڏهن 18هين صديءَ ۾ سجاڳيءَ واري تحريڪ زور ورتو، ان وقت تائين ادب رڳو شهنشاهن جو درٻار جو سلامي هو ۽ انهن جي وندر، تفريح ۽ خوشنوديءَ جو ذريعو هو. ان وقت ادب ۾ وليم ورڊس ورٿ ۽ ڪالرج " سريلا گيت Lyrical Ballads" جي ذريعي تبديليءَ جو باظابط اعلان ڪيو. رومانوي تحريڪ جيڪا فرينچ انقلاب جو مضبوط پائو هئي، سا ادب جي موضوعاتي انقلاب جو سبب بڻي، جنهن ڪري ادب پڻ شاهي درٻار مان نڪري عوامي ۽ فطرت پسند بڻيو ۽ اڳتي هلي 20 صديءَ تائين آيل ادبي تحريڪن ادب ۾ نواڻ ۽ سماجي تبديلي پيدا ڪئي، جن ۾ رومانوي تحريڪ، سوشلسٽ تحريڪ، وجوديت، فطرت پسندي، حقيقت پسندي ۽ ٻيون تحريڪون پڻ اهم آهن.

ادب هر دور ۾ هر نظريي Ideology جي ڦهلاءَ توڙي مخالفت ۾ پنهنجو ڪردار ادا پئي ڪيو آهي. تنهن هوندي به چيو ويندو آهي ته، " تاريخ ڪوڙ ڳالهائي سگهي ٿي پر ادب نه!"

نتيجي طور اسان چئي سگهون ٿا ته ادب انهي علم جو نالو آهي، جنهن مان اسان کي روحاني آرام ۽ خوشي حاصل ٿئي.

هاڻي هڪ نظر انتهاپسنديءَ طرف:

انتهاپسندي ڇا آهي؟

انتهاپسندي، دهشتگردي، Terrorism طالبان، ڌرون حملا ۽ اهڙا ڪيترائي ٻيا لفظ اسان هرروز پنهنجي گهر، اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيءَ، بازار يا ڪنهن ٻئي هنڌ ويهي اليڪٽرانڪ توڙي پرنٽ ميڊيا جي وسيلي ٻڌون ۽ پڙهون ٿا. خبرن ۽ تبصرن جو گهڻو ڀاڱو ان موضوع تي مشتمل هجي ٿو، اچو ته ڏسون آخر اها انتهاپسندي ڪهڙي بلا جو نالو آهي؟

ڪابه شيءِ انتها طرف وڃي وڃي سگهجي ٿي، جيئن ڪجهه ماڻهو انتها جو کائڻ پسند ڪندا آهن، ڪجهه انتها جو پيئڻ پسند ڪندا آهن، ڪجهه جُوا کيڏڻ يا ڪا ٻيو اهڙو ڪم.

انتهاپسندي (Extremism) هڪ نظريو آهي، (جيڪو خاص ڪري مذهب ۽ سياست ۾ عام جام ملي ٿو.) جيڪو رائج سماجي اصولن ۽ ضابطن جي ابتڙ زوريءَ مڙهيو ويندو آهي ۽ رائج اخلاقي معيارن جي ڀيڪڙي ڪندڙ هوندو آهي.

انتهاپسندي هڪ منجهيل ۽ ڳتيل فلسفو آهي، سولي نموني ائين سمجهي سگهجي ٿو ته اهڙا عمل (عقيدا، رويا، احساس، ردِ عمل يا حڪمت عمليون) ڪنهن به فرد يا گروهه جا، جيڪي سماجي رويتن کان هٽي ڪري مڙهيا ويا هجن، تن کي انتهاپسنديءَ جي دائري ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. ان جو هڪڙو مثال هٽلر بہ آهي، هٽلر جرمنيءَ جو شدت پسند نيشنلسٽ هو، جنهن چيو پئي تہ، " جرمن هڪ اعليٰ قوم آهي ۽ ان کي دنيا تي حڪمراني ڪرڻ جو حق آهي." ٻيو مثال هي آهي ته ڪوئي اڌ رات جو اچي اوهان جو دروازو کڙڪائي ۽ گهري ننڊ مان اٿاري ائين چوي ته، " اسان بي سڪونيءَ جي ڪري جاڳي رهيا آهيون، تنهن ڪري اوهان کي به سڪون جي ننڊ ڪرڻ جو ڪوبه حق نا هي."

هونئن ته انتهاپسنديءَ جا ڪيترائي قسم آهن پر اسان هٽي هنن هيٺين تي ڳالهائينداسين:

- مذهبي انتهاپسندي Religious Extremism
- سياسي انتهاپسندي Political Extremism
- ثقافتي انتهاپسندي Cultural Extremism
- قومي/نسلي انتهاپسندي Nationalist Extremism

مذهبي انتهاپسندي: انتهاپسندي هڪ رويي جو نالو آهي ۽ خيال يا عقيدو ئي Extreme بڻجي سگهجي ٿو. ڪوبه مذهب انتهاپسنديءَ کان خالي نا هي، هر مذهب ۾ انتهاپسند ڪنهن نه صورت ۾ موجود رهن ٿا، جيڪي عام رواجي عبادتن ۽ رسمن کان هٽي ڪري عمل به ڪن ٿا.

اسلام ۾ القائده ۽ داعش، عيسائيت ۾ Klue Klux Klan يهوديت ۾ Terror Against Terror ۽ هندومت ۾ جڳران منچ ۽ شيوسينا. اهي انتهاپسند ٽولا ماڻهن کي عام سماجي زندگي گذارڻ بجاءِ مذهبي قدامت پسند ٿيڻ لاءِ اڪسائيندا يا مجبور ڪندا آهن، اهي دهشت وسيلي ماڻهن کي خدا جي نالي تي ڪنهن مخصوص عقيدي يا فڪر لاءِ سر ڪپڻ/ ڪپائڻ تي مجبور ڪن ٿا.

مذهبي انتهاپسندن کي ان ڪري به غلط سمجهيو ويندو آهي ته اهي خدا جي نالي تي ٻين معصوم انسانن جو قتلِ عام ڪندڙ هوندا آهن. اهڙا قدامت پسند مذهبي ٺيڪيدار، پنهنجي پنهنجي مذهبي عقيدن، رسمن، عبادتن ۽ ڪردارن جي تحفظ ۽ وڌاءَ لاءِ انتها درجي جي موتمار process تائين پهچي وڃن ٿا. هندو، مسلم، عيسائي، يهودي ۽ ٻيا پيروڪار مشهور آهن.

انتهاپسند هجڻ جو ليبل Label ڪابه جماعت/ڌر/گروهه/فرد پاڻمرادو ناهي وٺندو. ڪوبه پاڻ کي ساڄي يا کاٻي ڌر جو انتهاپسند ناهي سڏرائيندو. اهڙو ڪوبه مذهبي فرقو يا سياسي ٽولو ناهي جيڪو پاڻ کي غلط يا انتهاپسند سڏي.

انتهاپسند تنظيم، انتهاپسند جماعت، انتهاپسند گروپ، انتهاپسند مذهب، يا انتهاپسند شخص جو ليبل هميشه ٻين پاران ڏنو ويندو آهي جڏهن ته ان ليبل هيٺ آيل، هميشه پاڻ کي سڌارن جو حامي يا انقلابي سڏرائيندا آهن.

انتهاپسندي هڪ سوچ يا رويي جو نالو آهي جو بظاهر مڪمل طور تي مختلف نظريا رکندڙ مذهبي تنظيمون پڻ هڪ جهڙيون خوبيون ۽ خاصيتون رکندڙ هونديون آهن. Ronald Wintrobe اهڙين انتهاپسند تحريڪن جو تقابلي جائزو پيش ڪندي، ”يهودي بنياد پرستن“ ۽ ”حماس جي انتهاپسندن“ جون ڪيتريون ئي هڪ جهڙايون بيان ڪيون آهن، تن مان ڪجهه هي آهن:

- اهي ٻئي جماعتون مخالفن سان ڪنهن به قسم جي سمجهوتي جي خلاف آهن.
- اهي ٻئي تنظيمون پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ تشدد تي لهي ايندي‌ون آهن.
- ٻئي بنياد پرست ۽ قوم پرست آهن.
- ٻنهي ڪي پنهنجي ڪاميابيءَ جو يقين آهن.
- ٻنهي جي اندر ناسهپ ۽ اختلافِ راءِ واري سوچ موجود آهي.

هاڻي جڏهن ٻن الڳ نظرين رکڻ وارين جماعتن جا عمل ساڳيا آهن ته چئي سگهون ٿا ته انتهاپسندي هڪ سوچ ۽ رويي جو نالو آهي، جيڪو ڪنهن به ڳالهه سان جوڙي سگهجي ٿو. ڪنهن به هڪ ڳالهه/خيال تي ٽڪي بيهي رهڻ وارا ئي عقيدي جي چار ۾ ويڙهجي انتهاپسند بڻجن ٿا. مذهبي ۽ سياسي انتهاپسندي ان جا مثال آهن.

سياسي انتهاپسندي: انتهاپسندي فقط مذهب ۾ شامل ناهي پر اها سياست، ڪلچر، رنگ و نسل، معاشيات، فڪر ۽ سوچ ۾ پڻ موجود هوندي آهي.

سياسي انتهاپسند پنهنجي فڪر يا نظريي ۾ تمام گهڻا Extreme ٿيندا آهن. اهي پنهنجي سياسي رهنما توڙي پارٽيءَ جي موقف لاءِ ڪنهن به حد تائين وڃي سگهن ٿا. سياسي انتهاپسندن کي ان ڪري غلط سمجهيو وڃي ٿو ته اهي اقليتن يا مخالفن جي اثر کي ٽوڙڻ لاءِ انهن جي آزادي، اظهار ۽ حقن کي لتاڙيندي، انهن کي ذليل ۽ خوار ڪرڻ چاهيندا آهن. شهرن ۾ فساد، وڳوڙ، ذاتي فائدن لاءِ سرڪاري مشينري جي استعمال ڪان ويندي Power جو غلط ترين استعمال سياسي انتهاپسندي آهي.

ثقافتي انتهاپسندي: هر قوم پنهنجي پنهنجي ڪلچر کي مقدس ۽ شانائتو سمجهڻ لڳندي آهي، جڏهن ته ڪوبه ڪلچر 100 سيڪڙو مثبت يا معتبر ناهي ٿيندو ۽ نه ئي عظيم هوندو آهي. ڇو ته اڪثر ڪلچر جهالت جي

دور جي پيداوار هوندا آهن ۽ انهن ۾ عورت دشمني، قدامت پسندي، جهالت ۽ عقيدن تي آڌاريل عنصر موجود هوندا آهن. جيئن ته ڪلچر جا ڪيترائي پاسا ٿين ٿا، جن ۾ لباس، کاڌخوراڪ، رويا ۽ عقيدا پڻ شامل هوندا آهن. ساڳي نموني ڪلچر جا ڪجهه پاسا روشن ۽ مثبت پڻ ٿيندا آهن. ساڳي ڳالهه هر ڪلچر ۾ ٿوري ڦيرگهير سان موجود آهي. جيڪڏهن ڪو به شخص يا قوم اها دعويٰ ڪري ته انهن جو ڪلچر مقدس ۽ شانائتو آهي ته اها قوم يا اهو فرد انتهاپسند آهي. ڇا اسان جي سنڌي ثقافت جا هيٺيان پاسا پڏائڻ لائق آهن؟

ڪارو ڪاري، قران سان شادي، سڱ چٽيءَ ۾ ڏيڻ، پيٽ لکي ڏيڻ، ننڍپڻ جون شاديون، ڇمڻ ڪان پهرين ئي نالي ڪري ڇڏڻ، قبيلائي جهڳڙا ۽ خونيءَ ڪي مُڙِس ماڻهو سمجهڻ!؟

قومي/نسلي انتهاپسندي: پنهنجي ڌرتي يا قوم سان پيار هجڻ الڳ ڳالهه آهي، پر ايترو قوم پرست/نسل پرست هجڻ جو پاڻ کي سڀ کان اتم ۽ اعليٰ سمجهڻ ۽ ان بنياد تي ٻين کي ڪمتر ۽ نيچ سمجهڻ پڻ قومي/نسلي انتهاپسندي آهي.

اسان هٽلر جو مثال پهرين ڏئي چڪا آهيون، ان کان علاوهه به تاريخ ڀري پئي آهي، يورپ توڙي آمريڪا ۾ اڇن ۽ ڪارن ماڻهن وچ ۾ رنگ ۽ نسل جي بنياد تي شروع ٿيل هلچل ۽ نتيجي ۾ اڄ هڪ ڪارو "باراڪ اوباما" آمريڪا جو صدر آهي.

اوريانا فلاسي لکي ٿي، "مان جڏهن ياسر عرفات کان انٽرويو وٺڻ ويس ته هن هڪڙو جملو چيو هو ته اسان عظيم تهذيب جا وارث آهيون، اسان جو ڪلچر توهان جي ڪلچر کان اوچو آهي. مون کي هن چيو ته حساب جا انگ مسلمان سائنسدانن ايجاد ڪيا. توهان کي ٻڌائيندي هلان ته ياسر عرفات ڪورو چٽ هو، جنهن کي بحث ڪرڻ ٻي نه ايندو هو."

پاڻ کي سڀ کان ڀلو ۽ معتبر سمجهڻ قومي/نسلي انتهاپسندي آهي.

انتهاپسنديءَ جا ڪيترائي ٻيا به قسم آهن، جيڪي مجموعي طور سماج لاءِ نقصانڪار آهن. انتهاپسندي حڪومت، عوام، سماج، اعتدال پسندي ۽ امن لاءِ وڏو چئلينج پڻ آهي.

هاڻي اچو ته ڏسون ادب ۽ انتها پسنديءَ جو پاڻ ۾ ڪهڙو تعلق يا ربط آهي.

ادب ۽ انتهاپسنديءَ جو پاڻ ۾ربط: اٽليءَ جائي جڳ مشهور صحافڻ ۽ ليکڪا اوريانا فلاسي پنهنجي ڪتاب، " The rage and the pride " ۾ لکي ٿي، " لکڻ هڪ تمام سنجيدهه عمل آهي، لکڻ صرف هڪ وندر يا ذهني آسودگي ناهي، مان لکڻ مهل اهو ڪڏهن به ناهي وساريو ته لکيل لفظ جتي چڱائي آڻي سگهن ٿا اتي انهن لفظن سان ڪوڙ ساريون برايون پڻ پيدا ٿي سگهن ٿيون. جيڪا تحرير ڪنهن جو ڀلو ڪري سگهي ٿي ته اها ئي تحرير ڪيترن ئي قتلن جو سبب پڻ بڻجي سگهي ٿي. تاريخ پڙهو، توهان کي معلوم ٿيندو ته دنيا جي تبديل ٿيندڙ هر سني ۽ خراب واقعن جي پويان تحرير ئي شامل هوندي آهي، اها تحرير هڪڙي ڪتاب، هڪڙي نظريي، هڪڙي شعر يا هڪڙي نغمي جي صورت ۾ به ٿي سگهي ٿي."

اهڙي طرح ادب ۽ انتهاپسنديءَ جو به گهرو تعلق آهي. ادب کي سماج جو آئينو تصور ڪيو ويندو، جيڪو سماج ۾ هوندو اهو ئي آئيني ۾ نظر ايندو، ڇوته ادب جو Raw Material سماج مان ئي ملي ٿو. ادب سماج جو اثر قبولي ٿو ۽ سماج تي اثر پڻ ڪري ٿو، ٻنهي جو ٻٽو تعلق آهي. ڪارل مارڪس چوي ٿو، " هر ٻي شيءِ وانگر ادب به معاشي حالتن جي طابع آهي." ادب ۽ سماج جي تعلق کي وڌيڪ گهرائي سان سمجهڻ لاءِ سماج جي ڍانچي کي سمجهون ٿا. سماج جا بنيادي طور تي ست وڏا ادارا هوندا آهن. هڪ خاندان Family ، ٻيو برادري Community ، ٽيون مذهب Religion ، چوٿون حڪومت Government ، پنجون تعليم Academia ، ڇهون ڌنڌو Business ۽ ستون ميڊيا Media شامل آهن. سماج جا اهي ستئي ادارا

ادب تي اثرانداز ٿيندا رهيا آهن، تهڙي طرح ادب پڻ انهن تي پنهنجو اثر ڇڏيندو رهيو آهي. هاڻي جنهن سماج ۾ جيڪو ادارو وڌيڪ فعال هوندو ان سماج ۾ ان جو اثر وڌيڪ هوندو ۽ اهڙي سماج جو ادب پڻ ان اداري جي support ۾ هوندو. مثال اگر ڪنهن مذهب سماج جي بين ادارن تي حاوي آهي ته اتان جو سماج عقيدهه پرست هوندو ۽ لازماً اتان جو ادب پڻ حالتن جي طابع هوندو.

هاڻي ادب جڏهن سماج جو عڪس يا آئينو آهي ته لازمي امر آهي ته ادب جو استعمال منفي ۽ مثبت پڻ ٿيو هوندو، سماج جي مڙني ادارن پاران ان جو ڀرپور استعمال پڻ ڪيو ويو هوندو، جنهن ۾ مذهب ۽ سياست ٽاپ تي اچي وڃن ٿا.

سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا ادب به انتهاپسند رهيو آهي؟ جواب آهي... ها! جڏهن ادب ڏُر تي بيهي رهي ته اهو انتهاپسند ادب ليکبو. هر دور ۾ هر نظريي کي طاقت وٺرائڻ لاءِ ادب جو اهڙو ته ڪارگر استعمال ڪيو ويو جو ادب ڌر نظر اچڻ لڳو. ڪنهن به مخصوص نظريي جو پرچارڪ ادب ئي دراصل انتهاپسند ادب آهي. ادب ۾ مختلف جنگين توڙي معرڪن دوران شاعريءَ جو استعمال ڪيو ويو، شاعريءَ ۾ مدحي ۽ هجويه شعرن وسيلي هڪ پاسي ڪنهن نه ڪنهن نظريي جي پرچار ڪئي وئي ۽ ڪنهن مخالف نظريي جي مخالفت ڪئي وئي. مذهبي ڪتابن ماضيءَ جا قصا ۽ ڪهاڻيون بيان ڪندي پنهنجي پنهنجي عقيدن جي تشريح ڪئي. ادب ۾ ڪجهه قومن کي ايترو ته پڏايو ويو جو شدت پسند Nationalism پيدا ٿيو. پهريون انتهاپسند ڪتاب روسي ادب جي ڪرائيميا CRIMEA کي تسليم ڪيو وڃي ٿو.

ادب انتهاپسنديءَ جي جمود کي ڪيئن ٽوڙيو؟

جتي ادب انتهاپسنديءَ وارن نظرين جي لتاڙ ۾ آيو اتي ادب جو وڏو رول بغاوت وارو پڻ آهي، هر دور جي ادب، ان دور جي قدامت پسند، مدي

خارج روايتن جي بغاوت ڪندي ڪنهن به قسم جي انتهاپسنديءَ ڪي ننديو آهي ۽ انسان دوستيءَ جو درس ڏنو آهي. ادب انسان کي اوليت ڏيندي عقيدي کي ثانوي پيش ڪيو. ان جا مثال فقط سنڌي ادب مان پيش ڪريون ٿا. سنڌي ادب ۾ تصوف ۽ ترقي پسند ادب ڪنهن به قسم جي انتهاپسنديءَ خلاف اتي احتجاج ڪيو ۽ مزاحمت ڪندي اهڙن روين کي نيچ ڏيکاريو ۽ انسان کي اتم ۽ اعليٰ ڏيکاريو آهي. تصوف هڪ اهڙو نظريو آهي، جنهن هر دور ۾ مذهبي انتهاپسنديءَ جي شديد ندا ڪئي آهي ۽ انسانيت جو پرچم اعليٰ رکيو. سنڌ جي صوفي شاعرن ان ڏس ۾ پنهنجو ڪردار نڀائيو آهي، جنهن ڪري اڄ تائين هيءَ ڌرتي امن ۽ اعتدال پسنديءَ جو مظهر رهي آهي. دنيا جڏهن جڏهن مذهبي جنونيت جي باهه ۾ پڙڪي آهي، تڏهن هن ڌرتيءَ امن، رواداري ۽ اعتدال پسنديءَ جو مظاهرو ڪيو آهي. شاهه، سچل، سامي ۽ ٻيا صوفي شاعر ان جو مثال آهن. مذهبي جنونيت مان جان آجي ڪرائيندي سچل نينهن جو نعرو هن طرح ٿو لڳائي ته:

هندو، مومن ناهيان يار،
جوئي آهيان، سوئي آهيان.

يا سندس عشق جي فلسفي پيش ڪرڻ جي انداز کي ڏسو، جنهن ۾ ڪاروبار ٻٽايل مذهب کي پليل راهه ٿو تصور ڪري:

مذهبن ملڪ ۾ ماٺهو منجهايا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
شيخي، پيري، بزرگي بيحد ڀلايا،
آڏو ڪين آيا، عقل وارا عشق جي.

شاهه سائين ان فڪر کي هن طرح پيش ڪيو:

پاڻهين پسي پاڻ ڪي، پاڻ ئي محبوب،
پاڻهي خلقي خوب، پاڻ ئي طالب تن جو.

روحل فقير ان جو حل ڪيتري نه خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو آهي.

پير ۾ پرميشور، ٻير ۾ ڪو ٻيو
جي نوڙت ڪرين ٿو نم جي، ته ڪندو ڪتان پيو
جي اسلام آيو الله ڪان ته ڪفر ڪنهن ڪيو؟
مسجد ۽ مندر ۾ ٻري هڪ ڏيئو
روحل ڪيئن پيو، خلل هن خلق ۾.

ترقي پسند ادب جو ڪردار: ترقي پسند اديبن پنهنجون واٽون الڳ ڪندي نج شعوري، تعليمي ۽ عقلي بنيادن تي سائنسي نقطه نظر سان ادب پيش ڪيو، جنهن ۾ حقيقتن کي عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو ويو. علم، عقل ۽ شعور جون ڳالهيون ڪيون ويون. سچ جو ساٿ ڏنو ويو. اهو ادب ان خيال جو هو ته جيئن سماج تبديل ٿيندو ٿو رهي تئين عقل ۽ شعور پڻ تبديل ٿيندو ٿو رهي، ڪالهه جو پيش ڪيل نظريو يا فڪر اڄ غلط ثابت ٿي سگهي ٿو. سماج هر وقت تغير و تبدل ۾ آهي تئين عقل ۽ شعور ۾ به تبديل ٿيندا رهن ٿا. سماج ۾ ايندڙ تبديلي ادب پڻ قبولي ٿو ۽ ردِ عمل ۾ ادب پڻ سماج کي تبديل ڪري ٿو. ان جو مثال موبائيل فون مان وٺون ٿا.

اڄڪلهه موبائيل فون جو استعمال عام جام ٿي رهيو آهي، جڏهن ته موبائيل فون کي عام ٿئي هڪ ڏهاڪو سال مس ٿيا آهن، سڀ ڪجهه اسان جي اڳيان گذريو آهي. شروع شروع ۾ جيڪو پهريون GSM وارو موبائيل فون سيٽ آيو هو اهو نوڪيا جو 3310 هيو، ڪيتري حيرت هئي ان ڳالهه تي ته اهڙي موبائيل فون آئي آهي، جنهن ۾ SIM پوي ٿي ۽ ان تان SMS به ٿين ٿا. اڳتي هلي موبائيل ۾ ريڊيو آيو، ته ڄڻ انتها ٿي وئي، وري ٽارچ ڄڻ ڪمال ڪري ڇڏيو...۽ جڏهن موبائيل فون رنگين بڻجي وئي ۽ فوٽو ڏيڪارڻ شروع

ڪيا ته ڏندين آڱريون اچي ويون، پوءِ ته ڪيمرا، وڊيو رڪارڊر، انٽرنيٽ ۽ ٻيو الائي ته ڇا ڇا!

اڄ اوهان جي هٿن ۾ جيڪا موبائيل فون هوندي لازمي Touch هوندي، 3G سپورٽيڊ هوندي، ڪيترائي Censor لڳل هوندا ان ۾.

اها ته هئي موبائيل فون جي ارتقا، سماج به ائين مسلسل ارتقا ۾ آهي، تبديل ٿيندو ٿو رهي ۽ جيڪڏهن ڪوئي موبائيل فون جي ارتقا وانگر ان ڳالهه تي ڳنڍ ٻڌي ويهي رهي ته موبائيل فون ۾ ڪيمرا اچي وئي، بس ڪمال ٿي ويو، ان وڌيڪ ڪجهه ٿيڻ نٿو ٿي سگهي ۽ ان ڳالهه تي اٽڪي مرڻ/مارڻ لاءِ تيار ٿي وڃي، اها ئي انتهاپسندي آهي.

اديب ذميوار فرد آهي ۽ اهو سجاڳي پيدا ڪندو آهي ۽ اهڙن روين جي خلاف مزاحمت ڪندي پنهنجي تحرير وسيلي شعور ۽ عقل ڏيندو آهي، Rational سوچ پيدا ڪندو آهي ۽ برابريءَ وارو سماج ٺاهڻ ۾ ڪردار ادا ڪندو آهي.

نيٺ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

اڄوڪي جديد دور جون گهرجون ۽ ضرورتون مختلف آهن. منهنجي خيال ۾ اڄ صوفي نه پر سائنسي سوچ رکندڙ سماج جي ضرورت آهي، جڏهن سماج جو بنياد سائنسي اصولن تي هوندو ته ادب خودبخود روشن خيال، اعتدال پسند ۽ عقليت پسند بڻجي ويندو. ادب زندگيءَ جي اصلاح ڪندي، تشخيص توڙي علاج پڻ ڪري سگهندو. اڄ جو ترقي پسند روشن خيال ادب سياڻي جو اعتدال پسند سماج ڏئي سگهي ٿو. هيٺ ڪجهه تجويزون پيش ڪجن ٿيون، جن سان ادب وسيلي انتهاپسنديءَ کي منهن ڏئي توڙي ختم ڪري سگهجي ٿو.

ادب وسيلي هيٺيان شعوري قدم کنيا وڃن.

- ✓ پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ جي ترغيب ڏيندي، انسان دوست ماحول جوڙجي.

- ✓ تنقيدي شعور پيدا ڪندي، سوال پڇڻ جي عادت وجهجي.
- ✓ عقلي بنيادن تي رايا/فڪر پيش ڪجن.
- ✓ تاريخي غلطيون سڌاريندي، قومن ۾ سهپ ۽ رواداري پيدا ڪجي.
- ✓ تعصب کان پاڪ روشن خيال ادب تخليق ڪجي ۽ ڏر نه ٻڌجي.
- ✓ اجايو خوف ختم ڪندي، مذهب فرد جو نجي معاملو ڪوٺجي.
- ✓ ڄاڻڻ جي حق Right To Information جي حاصلات طرف مائل ڪجي.
- ✓ ادب کي عالمي ۽ انسان دوست بڻائجي.
- ✓ تصوف، ترقي پسندي ۽ ٻين وقتي ڪارگر لاڙن کي هٿي وٺرائجي.
- ✓ ماڻهوءَ کي ذهني، جسماني ۽ فڪري آزادي ڏيارجي ته هي دنيا جنت مثل بڻجي پوي ۽ انتهاپسنديءَ جي عذاب کان هميشه لاءِ آجا ٿي پئون.

وڃين ڇو وڻڪار، هت نه ڳولين هوت کي،
لڪو ڪين لطيف چوي، ٻاروچو ٻئي پار،
نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.
(شاهه سائين)

***

پي ايچ ڊيءَ جو موضوع بڻجي ويل الطاف شيخ

سفرنامو فقط سفر دوران پيش آيل واقعات يا حالات جو بيان ناهي ۽ نه ئي ان مقام جي تاريخ بيان ڪرڻ جو ڪو مضمون آهي. سفرنامو پنهنجي بيان ۽ ترتيب اندر نفاست ۽ شائستگيءَ جو مظهر ۽ پڙهندڙن جي دلچسپيءَ جو سامان مهيا ڪندڙهوندو آهي. ڇوته اسان جي ان سفر ۾ ٻيو تڏهن شامل ٿيڻ چاهيندو جڏهن ان جي سوچ، پسند ۽ تعجب جو سامان ان سفر ۾ پيش ڪيل هوندو، نه ته سفر ڪرڻ، سفر ۾ تڪليفون پيش اچڻ ۽ سفر جي تاريخ ايتري پراڻي آهي، جيتري انساني ارتقا جي تاريخ.

"سنڌي سفرنامي" جو اصطلاح ٻڌڻ سان ئي جيڪو نالو ذهن تي تري ايندو آهي، اهو آهي، "الطاف شيخ".

سنڌي سفرنامي جي ڪتابن ۾ سينچري طرف وڌندڙ الطاف شيخ بابت عام طور تي اهو پڻ چيو ويندو آهي ته ان ايتري ڳاٽيتي ۽ تيزيءَ سان سفرناما ان ڪري لکيا آهن جو هو نيوي ۾ مئرين انجنيئر هو ۽ نوڪريءَ جي سانگي ڏيهان ڏيهه گهمندو رهيو آهي. اهڙن مت جي منجهيلن لاءِ فقط ايترو چوندم ته اسان جا وزير، مشير ۽ ڪامورا هر ٽئين ڏينهن سرڪاري خرچ تي ڪنهن نه ڪنهن ملڪ جو دورو ڪري ٿا موٽن، پوءِ انهن ڪيترا سفرناما لکيا آهن، اگر لکيا به آهن ته ڪيترا ڇپيا آهن؟

سنڌ جي هن سندباد سيلاني پنهنجي رٽائرمينٽ کان پوءِ ٻيو پنهنجي ذاتي خرچ تي ڪجهه ملڪن جا دورا پڻ ڪيا آهن ۽ انهن جا سفرناما لکي ڇپرايا آهن ۽ اجا پڻ لکي رهيو آهي، اهي کهڙي ڪاتي ۾ رکئون!؟ نيوي، هوائي سميت ڪنهن به محڪمي جي گهمندڙ ڦرندڙ آفيسرن ڪيترا ڪيترا سفرناما تحرير ڪيا آهن؟ ظاهر ڳالهه آهي ته اهو سڀ ان دلچسپيءَ جي ڪارڻ آهي، جيڪا الطاف شيخ کي ننڍپڻ کان ورثي ۾ ملي آهي، اهو شوق جيڪو ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ سندس منَ اندر جاڳيو هوندو. الطاف شيخ جيڪڏهن مئرين انجنيئر نه به هجي ها ۽ ڪنهن ڪم سانگي سندس گهمڻ

ڦرڻ ٿئي ها، تڏهن پڻ ضرور سندس اهڙا سفرناما اسان جي دلچسپيءَ جو ڪارڻ هجن ها. اها ٻي ڳالهه آهي ته انهن ۾ حالات ۽ واقعات جو بيان ڪجهه مخلتف ضرور هجي ها.

مرزا قليچ بيگ جي "ڏاهياڙي جبل جو سير" کان وٺي منظور جوکيي جي " هوا جي ديوار" تائين هر دور ۾ سفرناما شايع ٿيندا رهيا آهن پر انهن مان اڪثر سفرنامن ۾ اهو رسُ چسُ ۽ چاشني چو محسوس نتي ٿئي، جيڪا الطاف شيخ جي سفرنامن ۾ آهي.

الطاف شيخ جو حالات ۽ واقعات کي بيان ڪرڻ جو انداز نهايت ئي نرالو ۽ انوکو آهي، هن جي اک عام ماڻهوءَ واري اک ناهي، محسوسات غير رواجي آهن، اِها ڪا اُلٽي اک آهي، جنهن کي انهن عام منظرن ۾ به موهه پيدا ڪرڻ جي سگهه آهي، جيڪي عام لاءِ غير اهم ۽ رواجي آهن.

هو جڏهن پنهنجي ڪيمرا ۽ ڊائري کڻي گهمڻ نڪري ٿو ته هن وسيع دنيا جا ڪيترائي بي معنيٰ لمحا به معنيٰ خيز بڻجي وڃن ٿا، لفظن ۾ خيال ۽ تصور پرجي ٿا اچن، تصويرن ۾ حُسن اوتجي ٿو وڃي، منظرن کي معنائون ملي ٿيون وڃن.

جيتري قدر سنڌي سفرنامي جي ڳالهه آهي ته ان تي تحقيق نه هجڻ برابر ٿي آهي، پر جيڪا ٿي به آهي، اها اڻ پوري ۽ ڪٽل محسوس ٿيندي. سنڌي سفرنامو پنهنجي مقبوليت جي سفر کي جاري رکندو پيو اچي. الطاف شِخ جي ئي قلم مان ڦٽي نڪتل سفرنامن جو تعداد سٺ کان مٿي ٿي ويو آهي. خود الطاف شيخ جا سفرناما ئي ايم فل ۽ پي ايچ ڊي جي تحقيقي ٿيسز جو موضوع بڻجي ويا آهن. الطاف شيخ جا شروعاتي سفرناما ضرور هڪ مئرين انجيئر جون يادگيريون ۽ ڊائري جي ورقن تي اتاريل سفري احوال آهن پر سندس پوءِ وارا ڪيترائي يادگار سفرناما سنڌي سفرنامي جو جوبن آهن ۽ انهيءَ قطار ۾ سندس تازو شايع ٿيل سفرناما انتهائي اهم آهن. سندس پهريان ۽ پويان سفرناما لکت ۽ موضوع جي لحاظ کان الڳ الڳ آهن، محققن

جو ڪم آهي ته اهي شروعاتي توڙي پوين سفرنامن تي تحقيق ڪندي، انهن جو سنڌي ادب تي اثر، پڙهندڙن ۾ مقبوليت ۾ ٻيا رايا قائم ڪن.

الطاف شيخ جي لکت جي خاص خوبي اها پڻ آهي ته انهن ۾ اڪثر ٻين علائقن/ملڪن جو سنڌ سان تقابلي جائزو پڻ پيش ڪيل هوندو آهي، سنڌي ماڻهن ۽ ٻاهرين جي نفسيات ۽ انفرادي فرقن کي ظاهر ڪيل هوندو آهي، سنڌي ماڻهن جي تعليم ڏانهن بي توجهي ۽ پنهنجي وسيلن ڏانهن بي ڌياني ۽ ٻاهرين دنيا ۾ انهن ڳالهين ۽ روين جي اهميت بيان ڪيل هوندي آهي. جنهن مان سندس سنڌ ۽ سنڌ جي ٻين مسئلن (تعليم، نوڪري، شادين، رسمن) ڏانهن ڌيان ڇڪايل هوندو آهي. الطاف شيخ هڪ ئي وقت هڪ سڄاڻ ليکڪ به آهي ته سڄاڻ سماج سڌارڪ به آهي.

دعويٰ آهي ته الطاف شيخ دنيا جو پهريون سفرناما نويس آهي، جنهن ايتري وڏي تعداد ۾ ايترن گهڻن ملڪن جا سفرناما لکيا آهن. هن سنڌي ادب ۾ پڙهندڙن جو تعداد وڌايوآهي، سنڌي سفرنامي کي عروج تي رسايو آهي، الطاف شيخ جو سنڌي ادب ۾ تمام وڏو Contribution آهي، جيڪو سنڌ صدين تائين ياد رکندي.

***

خطري هيٺ آيل ٻوليون ۽ سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو

پهرين جامع انگريزي ڊڪشنري تيار ڪندڙ لسانيات جي ماهر سيموئل جانسن ٻوليءَ جي باري ۾ چيو هو ته “Language is the dress of thought.” يعني ٻولي خيال جي پوشاڪ آهي. خيال ننگو بي لباس آهي، اهو خوبصورت تڏهن ٿو بڻجي جڏهن ٻوليءَ جي پوشاڪ اوڍي ٿو چوته ٻولي باهمي رابطي جو مکيه ذريعو آهي. ٻولي قومن جي عالمي شناخت جو بنيادي عنصر آهي. ٻولي ڪنهن به گروهه جي قوم سڏجڻ لاءِ بنيادي ٿُول آهي چوجو ان ٻوليءَ اندر ان گروهه يا قوم جي ثقافت، ادب، ريتون، رسم و رواجَ، پهاڪا، نفسيات، تاريخ ۽ فن شامل هجن ٿا.

21 فيبروري تي دنيا ۾ مادري ٻولين جو ڏينهن ملهايو ويندو آهي. مقامي ٻولين ڪي مستقبل ۾ موجود خطرن کي نظر ۾ رکندي اهو اندازو لڳايو ويو آهي ته ايندڙ ڏينهن ۾ شايد اهي چند ٻوليون پنهنجو بچاءُ ڪري سگهنديون، جيڪي ڪمپيوٽر ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ سان همڪنار هونديون. اڄ وڏيون ٻوليون تيزيءَ سان پنهنجو اثر ۽ حاڪميت وڌائينديون پيون اڇن ۽ ننڍيون ٻوليون سُسنديون پيون وڃن ۽ مرڳو پنهنجو وجود بچائڻ واري جدوجهد ۾ آهن، اهڙي ماحول ۾ پنهنجي مادري ٻوليءَ بابت ڊپ ۽ وسوسا فطري آهن. ڇا سنڌي ٻولي نارائڻ شيام جي انهي شعر وانگر ته “الا ائين م هوءِ، جو پڙهجي ڪتابن ۾، هئي سنڌ ۾ سنڌ وارن جي ٻولي.” رڳو ڪتابن ۾ پڙهبي. ڇا سامراجي ٻولين جي انهي وڌندڙ اثر جو مقابلو اسان جي ٻولي ڪري سگهندي؟ ڇا اسان جو ايندڙ نسل پنهنجي ٻولي جي باري ۾ ايترو ئي فڪرمند هوندو؟ ڇا اسان پنهنجي ٻوليءَ کي ايندڙ نسل تائين حفاظت سان

منتقل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا آهيون؟ ڇا سنڌي ٻولي پنهنجي علمي ۽ عملي جوهر ۾ محفوظ آهي؟

جيتوڻيڪ سنڌي هن رياست جي اسريل ٻولين منجهان هڪ آهي. هن رياست اندر اردو کي ڇڏي سنڌي واحد ٻولي آهي، جنهن ۾ قومي شناختي ڪارڊ ٺاهيا وڃن ٿا، جنهن کي پنهنجو مقبول رسم الخط آهي، جيڪا ڪمپيوٽر جي يونيڪوڊ سسٽم تي پڻ موجود آهي. سنڌي ٻولي وٽ هڪ متحرڪ اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽنگ ميڊيا آهي، جيڪا ماڻهن کي ٻولي سان رابطي ۾ رکيو ويني آهي. سنڌي ۾ ادبي توڙي ٻين علمي ڪتابن جي ڇپجڻ جو سلسلو موجود آهي. گهٽي ڪان گهٽيون اخبارون نڪرن ٿيون، وڏ ڪان وڏ رسالا ڇپجن ٿا، سنڌي ٻولي اسڪولن، ڪاليجن ڪان وٺي يونيورسٽين ۾ پڙهائي ۽ امتحان وٺڻ لاءِ استعمال ٿي رهي آهي. ايترو ڪجهه هئڻ باوجود سنڌي ٻولي عالمي تناظر ۾ انگريزي توڙي ڪجهه ٻين ٻولين جي اثر هيٺ پنهنجي بقا جي جنگ پڻ وڙهي رهي آهي. ڇوته اڪثر ڪري ٻوليءَ جي واڌ ويجهه توڙي ڦهلاءَ لاءِ ڪتب ايندڙ وسيلا ڳوٺاڻي ماحول ۾ نپجن ٿا، جڏهن ته لوڪ ادب وسيلي ادب ۽ ٻوليءَ کي زرخيز رکڻ واري اها ڳوٺاڻي آبادي مٿي ذڪر ڪيل جدتن ڪان وانجهيل آهي. اليڪٽرانڪ ميڊيا تي موجود اينڪر، ڪمپيئر توڙي وڊيو جوڪي شهري سماج سان تعلق رکندڙ آهن، جيڪي ٻوليءَ جي فقط هڪڙي پاسي Spoken ڪان به مڪمل آشنا ناهن، پوريءَ طرح لکت پڙهي به نٿا سگهن، تلفظ اچارڻ، مذڪر مونث ۾ اردو جي ڪاپي ڪرڻ ڪان وٺي واحد جمع جون بيشمار غلطيون ڪندا رهن ٿا، جيڪي سڌي طرح اسان جي نئين نسل تي اثرانداز ٿي رهيون آهن.

پرنٽنگ ميڊيا ۾ وري خبرن ڪان وٺي ڪالمن تائين بي ڌيانيءَ جي ڪري ٻيڙو ٻوڙيو پيو وڃي. اڄ جو ادب ڇپجڻ ڪان پهرين ڪنهن به اداري مان پاس نٿو ٿئي، پبلشر يا ليکڪ جي مرضيءَ جو مضمون جهڙي تهڙي حالت ۾ ڇپجيو وڃي. اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پڙهندڙ يا پڙهائيندڙ تلفظ اچارڻ، اصطلاحي معنيٰ سمجهڻ يا ٻوليءَ جي اصل جوهر ڪان ڪوهين ڏور بيٺل نظر

ايندا. اتي عالمي طور خطري هيٺ آيل مقامي ٻولين جي تحفظ لاءِ ڪيل ڪوشش ڪي ڏسندي، الائي ڇو اسان جي سنڌي پڻ وڌندڙ خطري پاسي نظر اچي رهي آهي.

نيشنل جيوگرافڪ رسالي جي تازي فيبروري 2015ع جي رپورٽ ”مرجهائجندڙ ٻوليون Vanishing Voices “ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته دنيا ۾ هر 14 هين ڏينهن ڪانه ڪا ٻولي مري رهي آهي. ايندڙ صديءَ تائين ڌرتيءَ تان لڳ ڀڳ 7000 ٻوليون ختم ٿي وينديون، جنهن جو سبب ننڍڙين ننڍڙين قومن پاران پنهنجي مقامي ٻولين کي انگريزي، اسپيني يا چائنيز جهڙين ٻولين خاطر وسارڻ/ميسارڻ شروع ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح 2015ع کان 2100ع تائين انهن ٻولين جي مرڻ سان گڏ انهن ٻولين ۾ محفوظ علم جو ذخيرو، تاريخ، ثقافت، ماحول، نفسيات ۽ يادگيرين جو پڻ موت اچي ويندو.

نيشنل جيوگرافڪ وارن جو هڪ ٻيو پروجيڪٽ National Geographic’s Enduring Voices Project يعني جٽيندڙ ٻولين کي بچائڻ وارو پروجيڪٽ Living Tongue’s Institute for Endangered Languages جي تعاون سان دنيا جي جن جن علائقن ۾ جيڪي به ٻوليون مري رهيون آهن، اتي پهچي انهن ٻولين کي ڊاڪيومينٽس ۾ محفوظ ڪرڻ جو ڪم سرانجام ڏئي رهيو آهي.

هڪ ٻي عالمي اداري Foundation for Endangered Languages جي اندازي مطابق هر سال دنيا اندر 25 ٻوليون تاريخ ۾ دفن ٿي رهيون آهن. ٻولي عالمي شناخت جو واحد ذريعو آهي ۽ ڪيتريون ئي قومون ان ذريعي کان محروم ٿي پنهنجو عالمي تشخص وڃائي رهيون آهن. يونيسڪو جي اداري Atlas of the World’s Languages in Danger جي مطابق ايندڙ صديءَ تائين 6000 کان وڌيڪ ٻوليون ٻين سامراجي ٻولين جي لتاڙ ۾ دفن ٿي وينديون، قومن ۾ ٻولين جي بچاءَ لاءِ ڪوششون وڌائڻ لاءِ جدوجهد ۽ خطري هيٺ آيل ٻولين جو عالمي سطح تي تحفظ ڪرڻ لاءِ هي ادارو تحريڪ شروع ڪري چڪو آهي.

يونيسڪو پاران ختم ٿيندڙ يا خطري هيٺ آيل ٻولين جي موجوده حالت ڄاڻڻ واسطي هڪ چارٽ پڻ پڌرو ڪيو ويو، جنهن مان ڪنهن به ٻوليءَ جي موجوده حيثيت ڄاڻيندي ان جي بچاءَ لاءِ ڪوششون وٺِي سگهجن ٿيون.

1. محفوظ ٻوليون Safe : اهي ٻوليون جيڪي نسل درنسل ڳالهايون وڃن، سڀ نسل هڪ ئي وقت ڳالهائن ۽ جڏهن پاڻ ۾ رابطو رکن ته ڪابه دقت محسوس نه ڪن، اهڙيون ٻوليون محفوظ قرار ڏنيون ويون.
2. نازڪ ٻوليون Vulnerable : جيڪي ڳالهائڻ ۾ فقط گهر تائين محدود رهجي وڃن.
3. بلڪل خطري ۾ Definitely in Danger : جيڪا ٻار گهر ۾ مادري ٻوليءَ طور نه سگندا هجن.
4. شديد خطري ۾ Severely in Danger : جنهن جو ڳالهائڻ وارو نسل پوڙهو ٿي ويو هجي، انهن جو اولاد فقط سمجهندو هجي.
5. مرڻ تي Critically In Danger: جنهن جو ڳالهائڻ وارو آخري نسل جيئرو هجي ۽ اهو به گهٽ ڳالهائي.
6. ختم شده extinct: جنهن ٻوليءَ جو ڪوبه ڳالهائڻ وارو باقي نه بچي.

اهڙو هڪڙو مثال، 2010ع ۾ انڊيا اندر هڪ 85 سالن جي پوڙهي دم ٽوڙيو، جنهن جي مادري زبان Bo هئي ۽ ان جي مرڻ سان بو ٻولي پڻ دم ٽوڙيو ۽ تاريخ ۾ دفن ٿي وئي.

يونيسڪو جي پيش ڪيل مٿئين چارٽ مطابق سنڌي ٻوليءَ کي چارٽ جي ٽئين خاني يعني بلڪل خطري ۾ رکي سگهجي ٿو، ڇو ته اها اڄ جو نسل نه ئي اسڪولن ۾ پڙهي ٿو ۽ نه ئي گهر ۾ ڳالهائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي پئي وڃي. باوجود بچاءَ جي گهڻن ذريعن هجڻ جي اها نئين نسل ڏانهن سڌي طرح منتقل نه ٿي رهي آهي. نئون نسل انگلش ميڊيم اسڪولن ۾ پڙهڻ ۾

والدين پاران سامراجي ٻوليون گهرن ۾ ڳالهائڻ جي ڪري، پنهنجي مادري ٻوليءَ کان پري ٿي رهيو آهي.

پاڪستان ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد چار ڪروڙ جي لڳ ڀڳ آهي ۽ اهو تعداد ان جي ڪل آباديءَ جو ‎14.5%‎ آهي، سنڌي ٻولي پاڪستان اندر سنڌ کان علاوه ڏکڻ پنجاب ۽ بلوچستان ۾ پڻ ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي.

2007ع جي رپورٽ موجب دنيا اندر سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد 42 ملين آهي، جنهن ۾ 35 ملين پاڪستان، 5 ملين انڊيا، هڪ لک 50 هزار يو اي اِي، هڪ لک برطانيه، 50 هزار آمريڪا، 35 هزار ڪينيڊا ۽ ٻيا سنگاپور، هانگ ڪانگ، افغانستان ۽ ٻين ملڪن ۾ رهن ٿا.

هڪ نظر ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ تي:

ڪمپيوٽر جي وجود ۾ اچڻ ۽ عام ٿيڻ کان پوءِ ان تي ٻين ٻولين جي سهولت ڏيڻ جو مطالبو به ٿيندو رهيو ڇو ته ڪمپيوٽر جي مددگار ٻولي آمريڪن انگريزي رکي وئي هئي. 20هين صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ آمريڪا جي هڪ نيٽ ورڪ انجنيئر پاران شروع ڪيل سروس انٽرنيٽ، جي ميدان ۾ اچڻ ۽ ان جي مقبول ٿيڻ کان پوءِ ٻين ٻولين جي استعمال ڪندڙن جو انگ جڏهن وڌڻ لڳو ته يونيڪوڊ آرگنائيزيشن جو بنياد وڌو ويو. جنهن جو مقصد دنيا جي سڀني استعمال ٿيندڙ لپين/ٻولين ڪي ڪوڊ جي شڪل ۾ آڻڻ هيو جيئن ان ڪوڊ جي بنياد تي ڪمپيوٽر پروگرام ترتيب ڏئي سگهجن. دنيا جي سڀني سافٽ ويئر ڪمپنين پنهنجا سافٽ ويئر يونيڪوڊ کي نظر ۾ رکندي ترتيب ڏنا. سنڌي رسم الخط جو بنياد جيئن ته عربي رسم الخط تان ئي 1853ع ۾ پيو، سو اسان جي ٻوليءَ جا سڀئي اکر عربي يونيڪوڊ چارٽ سان ڳنڍيا ويا ۽ باقي اکرن لاءِ الڳ نمبر جاري ڪيا ويا.

يونيڪوڊ ڇا آهي؟

يونيورسل ڪوڊ هڪڙو انڪوڊنگ سسٽم آهي، جنهن وسيلي مختلف ٻولين جي اسڪرپٽس جي اکرن ۽ نشانين کي الڳ الڳ نمبر مهيا ڪيو ويندو آهي، ڇو ته ڪمپيوٽر ۾ اکر ۽ نشانيون (Data) انگن وسيلي منتقل يا محفوظ

ڪيون ويندي‌يون آهن. حقيقت ۾ ڪمپيوٽر رڳو انگن کي سمجهندو آهي، ڪمپيوٽر اسڪرين تي نظر ايندڙ اکر، لفظ تصويرون ۽ ٻين سين جي پويان ڪمپيوٽر انگن جو هڪ پيچيدا نظام استعمال ڪري ٿو. انگن کي اکرن ۾ تبديل ڪرڻ کي انڪوڊ سسٽم چوندا آهن. ڪنهن به انڪوڊ ۾ اڳواٽ ئي اها ڳالهه رکي ويندي آهي ته ڪهڙي انگ بدران ڪهڙو اکر ڏيکارڻو آهي. مختلف ملڪن ۽ ڪمپنين پنهنجي ضرورت مطابق مختلف انڪوڊ سسٽم استعمال ڪيا. هن سان سڀ کان وڏو نقصان اهو هوندو هو جڏهن هڪ ڪمپني جو مواد ٻي ڪمپني جي ڪمپيوٽر تي ويندو هو ته مختلف انڪوڊ سسٽم هجڻ ڪري انگن جي بدران اکر به مختلف ٿي ويندا هئا، جنهن ڪري مواد ۾ خرابي ٿي پوندي هئي. پر يونيڪوڊ وارن هڪڙو اهڙو نظام متعارف ڪرايو جنهن ۾ انگن جي بدلي اکر مهيا ڪرڻ جو تعداد گهٽ وڌائيو ويو. يونيڪوڊ نظام ۾ هڪڙي ٻولي ته ڇا دنيا جي هر ٻولي جي هر اکر کي ڌار انگ مهيا ڪرڻ جي گنجائش موجود آهي. ڪو به آپريٽنگ سسٽم هجي، پروگرام هجي يا ڪابه زبان هجي يونيڪوڊ ۾ انگن جي متبادل اکرن کي مهيا ڪرڻ جي سگهه موجود آهي. هن ڳالهه کي ڏسندي سين وڏين ڪمپنين جن ۾ مائڪرو سافٽ، آئي بي ايم، ايپل ۽ اوريڪل وغيره يونيڪوڊ کي ٻين انڪوڊنگ سسٽمس مٿان ترجيح ڏني ۽ اهڙي نموني يونيڪوڊ ٻين انڪوڊنگ سسٽمس کان هڪ معياري انڪوڊنگ سسٽم بڻجي ويو جيڪو اڄ سڄي دنيا ۾ استعمال ٿئي پيو.

هن وقت تائين يونيڪوڊ جي تازي رليز اندر 123 اسڪرپٽس جا اکر ۽ نشانيون شامل ڪيا ويا آهن. يونيڪوڊ تي اسڪرپٽ اچڻ جي بيشمار فائدن مان ڪجهه هي به آهن.

- يونيڪوڊ سسٽم ڪنهن به سافٽ ويئر يا ويب سائيٽ کي ان قابل بڻائي ٿو جو ان کي مختلف پليٽ فارمس، ٻولين ۽ ملڪن لاءِ ڊزائين ڪندي خرچ بچائي سگهجي ٿو.
- يونيڪوڊ وسيلي اسين ڊيٽا کي مختلف سسٽمس تي بنا ضايع يا Corrupt ٿيڻ جي شفاف نموني استعمال ڪري سگهون ٿا.

- يونيڪوڊ سيني ٻولين جي اکرن لاءِ هڪڙي ئي انڪوڊنگ سسٽم جي ترجماني ڪري ٿو.
- يونيڪوڊ وسيلي ٻين انڪوڊنگ سسٽمس مان ڊيٽا کي ڪنورٽ ڪندي يونيڪوڊ ۾ ڪتب آڻي سگهجي ٿو.
- يونيڪوڊ اهڙي انڪوڊنگ اسڪيم آهي، جنهن کي XML تي مشتمل ٽولس ۽ ايپليڪيشنس وسيلي استعمال ڪري سگهجي ٿو.

اڄ جو دور نهايت تيزيءَ سان سفر ڪري رهيو آهي، صبح جو ننڊ مان اٿڻ کان پوءِ خبر پوي ٿي ته ٽيڪنالاجيءَ جا نوان سنگ ميل طئي ٿي چڪا آهن، اهڙي تيز سفر ۾ اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت ڇا آهي ۽ ڪهڙا خطرا درپيش آهن، جن تي وقت سر ڪم ڪندي ٽاري سگهجي ۽ پنهنجي جيجل ٻوليءَ جي بقا جي ويڙهه ۾ شامل ٿي سگهجي ٿو. سنڌي ٻوليءَ سميت ٻين ٻولين کي درپيش هن وقت جا ڪجهه خطرا:

- عالمي سطح تي هڪڙي ٻوليءَ جي بالادستي ٻين ننڍين ننڍين ٻولين لاءِ جياپي جي جنگ برابر آهي.
- رياست پاران لشڪري ٻوليءَ جي پٺڀرائي ٻين ٻولين سان گڏوگڏ سنڌيءَ لاءِ پڻ پُرخطر آهي.
- رياستي بي ڌيانيءَ جي ور چڙهي ويندڙ ٻولي پڻ پنهنجو وجود بچائي نه سگهندي آهي.
- ٻولين جو يونيڪوڊ تي نه اچڻ ۽ ڊجيٽلائيز نه ٿيڻ پڻ ختم ٿيڻ جو ڪارڻ بڻجي سگهجي ٿو.
- ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن پاران پنهنجي ٻوليءَ کي اهميت نه ڏيڻ.
- موبائيل فون توڙي سوشل ميڊيا تي پنهنجي ٻوليءَ جو اسڪرپٽ ڪتب نه آڻڻ.
- مارڪيٽ جي ٻوليءَ جو اثر، اڪثر ريلوي اسٽيشنن، بس اسٽاپن ۽ مکيه ڪاروباري مرڪزن تي سنڌي دوڪاندار توڙي گراهڪ اردوءَ ۾ ڳالهائين ٿا. حالت ان وقت ڏسڻ وٽان هوندي آهي جڏهن ڪنهن سودي جي اردو نالي

جي خبر نه هجڻ ڪري مجبورن سنڌي نالو ڪٽڻو پوندوهجي يا ان شيءِ تي هٿ رکندي يا اشارو ڪندي طلب ڪئي ويندي هجي.

- موبائيل فون تي ميسيج رابطو هرويرو رومن اردو ۾ ڪيو پيو وڃي. ان نفسياتي اثر هيٺ هرويرو هر نئين نمبر تان ايندڙ فون ڪال کي اردوءَ ۾ جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.
- مارڪيٽ اندر ڦيريءَ وارو پڻ اردو ۾ هوڪا ڏيڻ کي ترجيح ڏئي ٿو، چائي والا، انڊي والا وغيره
- اسان وٽ چائنا مان ننڍي ۾ ننڍو آئٽم سلائي ٽوپي لاءِ ڪتب ايندڙ سئي به اگر امپورٽ ٿي اچي ٿي ته ان جو پرنٽنگ مواد چائنيز ۾ هجي ٿو پر اسان جي سنڌ مان شڪارپور جو اچار، ميرپورخاص جا انب، لاڙڪاڻي جا زيتون، خيرپور جي کٽل ۽ ٻيون کيتريون ئي شيون جڏهن مارڪيٽ ۾ موڪليون وڃن ٿيون ته افسوس انهن جا ليبل فقط اردو يا انگريزيءَ ۾ ڇپايا وڃن ٿا.
- انگريزيءَ کي فوقيت ڏيندي پنهنجن ٻارن کي انگلش ميڊيم اسڪولن ۾ پڙهائڻ پسند ڪيو وڃي ٿو، نتيجن ٻار کي اي فار ايپل جي ته خبر هوندي آهي پر پي پڳ جي نه.
- No English , No Future جهڙا ڪوڙا نعرا هڻي ڪاروبار ڪندڙ اسڪولن جا مالڪ پڻ هڪ مخصوص ٻوليءَ جي بالادستي پيدا ڪرڻ ۽ ٻين ٻولين کي نيچ ڏيکارڻ واري ڏوهه جا مرتڪب آهن.
- مختلف سماجي رويا پڻ شامل آهن، رشتن جي نالن کان وٺي عام واهپي جي شين ۾ ٻين ٻولين ۽ خاص طور تي اردو جو اثر ۽ جديد علمن ۽ بحثن ۾ انگريزي لفظن جو اثر وڌندو پيو وڃي. ان اثر جو هڪ مثال پاڃائيءَ جهڙي دل کي وڻندڙ لفظ بدران پاپي لفظ ڪتب آڻڻ.
- اڄ جا ٻار سڀاڻي جو آئيندو آهن، سڀاڻي جي سنڌ جا اهي وارث هوندا، جن کي سنڌي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ به نه ايندي.

- جڏهن سماج جديد ٽيڪنالاجيءَ طرف وڌي رهيو آهي ته لازمي امر آهي ته ٻوليءَ کي به ان سان همڪنار ڪجي، ادب، تعليم، خدمتن ۽ ڪاروبارن کي پڻ مادري ٻوليءَ ۾ ڊجيٽلائيز ڪرڻ لاءِ وقتائتي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

ايترين نازڪ حالتن هوندي به خبر ناهي ڇو ڪروڙن جي سالياني بجيٽ هضم ڪندڙ سنڌي لينگئيج اٿارٽي، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، سنڌ جون يونيورسٽيون ۽ ٻيا واسطيدار ادارا الائي ڪڏهن اک پٽيندا ۽ پنهنجي ڪروڙن جي بجيٽ کي ڪنهن وقتائتي امر لاءِ وقف ڪندي سنڌي ٻوليءَ جي لافاني بقا لاءِ ڪوششون وٺندا.

پنهنجي ٻوليءَ ۾ ميان جي تون چوندين ماءُ

اهڙو توکي ساءُ، ڏيندي ٻي ٻولي ڪـــــــتي!

(شيخ اياز)

ڪلچر يا ثقافت جو مثبت استعمال

ڪلچر لفظ جي تاريخ:

سڀ کان پهرين رومن ڏاهي بقراط ڪلچر لفظ Cultura animi طور ڪتب آندو، جنهن مان مراد روح جي زرخيزي Cultivation of Soul هو.

17 هين صديءَ ۾ پهريون ڀيرو هي لفظ يورپ ۾ غير زرعي اصطلاح طور استعمال ٿيو، جنهن مان فرد جي خاص طور تعليم وسيلي بهتريءَ جو مفهوم ورتو ويو.

18هين ۽ 19هين صديءَ ۾ هي لفظ اڄ جي معنيٰ جي ڪجهه ويجهو ٿيڻ لڳو ۽ گهڻن ماڻهن جي مفهوم ۾ ڪتب آيو.

20هين صديءَ ۾ هي لفظ علم الانسان Anthropology جي مرڪزي نڪتي طور ابري آيو ڇو ته علم الانسان ماڻهن جي سائنسي بنيادن تي ارتقا جي مطالعي ڪي تسليم ڪيو ويندو آهي.

ثقافت جو سڌو سنئون تعلق قوم سان آهي ۽ قوم ماڻهن جي ان گروهه جو نالو آهي، جنهن وٽ پنهنجي ڌرتي، پنهنجي ٻولي، تاريخ ۽ تمدن آهي. قومون وري سماج/سماجن جي پيداوار آهن. سماج فردن/ خاندانن ۽ قبيلن مان جڙندا آهن ۽ فرد ساڳيو اهو ئي ماڻهو آهي.

ثقافت ڪي سمجهڻ واسطي اسان ساڳي انساني ارتقا ڪي بيان نتا ڪريون، پر مختصر ته فرد گڏجي خاندان ٺاهيندا آهن، خاندان گڏجي برادريون ٺاهيندا آهن، برادريون گڏجي سماج ٺاهينديون آهن ۽ ساڳي ٻولي، جاگرافيائي ايريا، ريتون رسمون ۽ تاريخ رکندڙ سماج گڏجي قوم ٺاهيندا آهن ۽ تاريخ جو ڊگهو سفر ڪندي هر قوم پنهنجي الڳ الڳ ثقافت جوڙيندي آهي.

ثقافت لفظ/اصطلاح جو تعلق اڄ ڪنهن هڪڙي مضمون Subject سان ناهي پر اهو ڪيترن ئي مضمونن جو حصو بڻجي چڪو آهي. جن ۾ علم الانسان، سماجيات، تاريخ ۽ ٻيا شامل آهن. ڪلچر ثقافت ۽ سڀيتا آهي،

ڪلچر لفظ روايت Tradition پڻ آهي، جيئن اسان وٽ مشهور آهن؛ ڪاپي ڪلچر، رشوت ڪلچر ۽ ڊاڙيل ڪلچر.

سماجيات Sociology جي حساب سان ڪلچر يا ثقافت جا ٻه قسم ٿيندا آهن:

1. مادي شين جي ثقافت Material Culture
2. غير مادي شين جي ثقافت Non_Material Culture

مادي شين جي ثقافت جو واسطو انهن شين سان آهي، جيڪي اسين استعمال ڪندي پنهنجي ثقافت ڪي ظاهر ڪندا آهيون، انهن شين ۾ شامل آهن، اسان جا گهر، پاڙا، اسڪول، مسجدون، مندر، درگاهون، اوزار، سامان، لباس، ڪاڏا، موسيقي، ناچ ۽ ٻيون شيون شامل آهن.

سنڌي ماڻهن وٽ ان لاءِ جيڪي وکر آهن، اهي اوهان ضرور ڄاڻندا هوندا. گهر، علائقي ۽ درجي جي لحاظ کان اڏيا ويندا آهن، اوڏن جا مٽيءَ مان جڙيل ڪچا گهر، ٽرين جو جهوپا ۽ پيهيون، ڪٿي ڳوٺن ۾ گهرن ٻاهران لڳل لوڙها ۽ اوطاقون وغيره، اوزارن ۾ ڪوڏر، ڪهاڙي وغيره، لباس ۾ شلوار قميص ۽ سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ ته ملڪان ملڪ مشهور آهن. مايون وري گج، ڀرت ڀريل چادرون ۽ چولا ڪتب آڻين.

غير مادي/طبعي شين جو واسطو وري انهن خيالن، ڳالهين يا روين سان آهي، جن جو ڪوبه طبعي وجود ناهي، جيڪي فقط خيال Ideas آهن، جيڪي قومن وٽ پنهنجي ڪلچر بابت آهن. جيئن: عقيدا، قدر، اصول، ٻولي تنظيمون، ادارا، اخلاقيات، معيار ۽ ماپا وغيره شامل آهن.

مثال: مذهب بابت جيڪي نظريا آهن، اهي مشتمل آهن، خدا جي باري ۾ ڪجهه خيالن ۽ عقيدن تي، عبادتن تي، مذهبي رسمن تي ۽ اخلاقن تي ۽ پوءِ انهن تي ڪيل ثقافتي عمل مذهبي عبادتن، واقعن، مسئلن ۽ موضوعن کي پنهنجي پنهنجي رخ سان اظهارن ٿا.

سنڌي ماڻهن وٽ جيڪي غير مادي/طبعي وکر آهن تن ۾ ڪجهه هيٺ بيان ڪجن ٿا. هڪ ته سنڌي ماڻهو عقيدي جا پڪا هوندا آهن، غلط ڇونه

هجن پر اهو يقين رکندا آهن ته اهي عقيدي جي لحاظ کان سهي ڏڱ تي آهن. نياڻي کي ستن قرانن برابر سمجهندا آهن. مذهبي رواداريءَ سببان ٻانهون ٻڌندي مذهبي انعکساري ظاهر ڪندا آهن. سيد کي مٿانهون سمجهندا آهن. تڏي تي لنگهي آيل کي خون به بخشي ڇڏيندا آهن. قرآن کڻي آيل يا نياڻيون ميڙ وٺي آيل کي معاف ڪري ڇڏيندا آهن. نياڻي سام طور ڇڏيندا/رکندا آهن. ڪجهه سيد گهراڻن ۾ اڃا قران سان شادي پڻ ڪرائي ويندي هئي. مهمانوازي ته کو هنن کان سکي، مهمان تان صدقو پيا ويندا آهن. اوطاقن تي ڪچهري هنن جو معمول آهي. جيئن اوهان ٽي وي اشتهارن ۾ ٻڌندا آهيو، ”سنڌ جي ثقافت ڪچِهري“ شيخ اياز چيو هو ته اها ڪچهري ئي آهي، جنهن سنڌي ماڻهن جا سَنڌ ئي سڪائي ڇڏيا آهن.

اسان اها دعويٰ ڪندي انتهائي فخر مان ڪنڌ اُڀو ڪندا آهيون ته اسان قديم قوم آهيون، اسان جي تهذيب ۽ ثقافت قديم ۽ عظيم آهي، جنهن جو هڪ مثال موهن جو دڙو پڻ آهي. موهن جو دڙو اسان جي تمدني تاريخ جو هڪڙو باب آهي، تعميرسازي ۽ تنظيم سازيءَ جي ڪري Material Culture آهي، اها اسان جي تمدني تاريخ آهي. ثقافت تهذيب ۽ تمدن سان ڳنڍيل ضرور هوندي آهي پر اها الڳ شيءِ آهي، هاڻي فرض ڪندي مڃيوسين ته اسان جي ثقافت به ايتري ئي پراڻي آهي ته پوءِ هر پراڻي شيءِ ڪم جي نا هي رهندي، ان جي ڇنڊ ڦوڪ ڪندي ان کي عمل جوڳو بڻائبو آهي. ائين ثقافت ۾ به پراڻين، مدي خارج، دقيانوس، قدامت پسند ريتن رسمن جو پنڊار موجود هوندو ڇو ته پراڻو دور جهالت، گهٽ علميت ۽ گهٽ عقليت وارو دور هو ته پوءِ ان دور جون ريتون رسمون عظيم ڪيئن هونديون؟؟

ڪلچر يا ثقافت بابت جامي چانڊيي لکيو آهي، ”ڪلچر يا ثقافت جا به پاسا هوندا آهن. هڪڙا روشن خيال ۽ ترقي پسند ته ٻيا عقيدهه پرست ۽ جهالت تي ٻڌل. ثقافت به داڳيل انب وانگر ٿيندي آهي، جنهن مان داڳ ڪڍي ڦٽا ڪرڻ گهرجن ۽ ان جي صحتمند ڳر کي واپرائڻ گهرجي.“

هن رياست جي غير سنڌي سماجن ۾ اسان ڪي ڄٽ، گهٽ پڙهيل، غير مذهبي ۽ راجا ڏاهر جو اولاد سڏيو ٿو وڃي ۽ ان ڪري ئي سنڌ اندر مدرسن ۽ تبليغي جماعتن جي گهٽائي ٿي رهي آهي. ويجهڙ ۾ ٿيل سنڌ اندر مذهبي تنگ نظري ۽ عدم رواداري جا واقعا سنڌ جي رواداريءَ واري ڪلچر تي وارُ آهن.

اڄ ڳڌجي ڪجهه عهد و وفا ڪريون ته سنڌي سماج ڪي سڌارڻ واسطي هن ثقافتي تحرڪ کي فقط اجرڪ، ٽوپيون، گج ۽ پرت پريل چادرون اوڙهي هو جمالو تي رقص ڪرڻ تائين محدود نه رکنداسين، پر روشن خيالي ۽ سائنسي سوچ سان ثقافت اندر موجود هيٺين ڪجهه جاهلانا ريتن رسمن جي خاتمي لاءِ پڻ ڪوشان رهنداسين.

- ڪاروڪاري اسان جي ڪلچر جو حصو آهي، ان کي ختم ڪنداسين.
- ملڪيت ڦبائڻ خاطر جي ڪنهن سيد گهراڻي وري قران سان شاديءَ جي رسم ادا ڪئي ته ڀرپور مخالفت ڪنداسين.
- نڌيڻ يا ڄمڻ کان پهرين نالي ڪرڻ/مڱڻِي ڪرڻ جي خالف هونداسين.
- سڱ چٽيءَ عيوض عورت کي انتقام جي اوڙاهه ۾ اڇلائڻ جي مذمت ڪنداسين.
- پاڻ کي ذات پرست/ برادري پرست/علائقي پرست ڪوٺائڻ بدران ”سنڌي“ سڏرائيندا سين.
- قبيلائي جهڳڙن توڙي دشمنيءَ عيوض خوني جهيڙن جو حصو نه ٿينداسين.
- خونيءَ کي مڙس ماڻهو ۽ چور يا لوفر کي معتبر نه سمجهنداسين.
- ڪچهريءَ جي عادت واسطي هوٽلن تي ويهي وقت ضايع نه ڪنداسين.
- مٽي مائٽيءَ عيوض پيٽ لکي ڏيڻ واري ڪڌي رسم جو خاتمو آڻينداسين.

- پاڻ کي دنيا جي فقط بهترين ۽ معتبر قوم تصور نه ڪنداسين.
- انڌن عقيدن جي تقليد نه ڪنداسين.
- پيرن ، ميرن ۽ وڏيرن جي غلامي نه ڪنداسين نه ڪرڻ ڏينداسين.
- پهرين پاڻ سڌاري پوءِ سماج سڌاريندا سين.

جيڪڏهن اسان اهو سڀ يا اڌ ڪان وڌيڪ ڪرڻ ۾ ڪامياب وياسين ته يقين ڪريو ته اسان پنهنجي قوم ۽ ڪلچر جي حق ادا ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار نڀائيو.

فرد توڙي قوم لئه، هي قدرتي آ قاعدو،
موت کي منهن جو ڏئي سگهندو، اهو جيئندو پيو،
ويني ويني وات جي رد ڪد مان کهڙو فائدو،
جو ڪِري اٿندو، اُٿي هلندو، اهو وڌندو پيو. (بخاري)

***

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book


ادب ۽ انتهاپسندي
مضمون
عباس ڪوريجو
ڪنول پبليڪيشن
335
جديد ڪهاڻي
چنڊ پيرن هيٺ
جديد
ڪهاڻي
فن ۽ موضوع
عباس ڪوريجو